# ڪنڊڙي رنگ

(ڪلام)


صوفي ميان ڪرم علي فقير زنگيجو





سهيڙيندڙ

صوفي امانت علي فقير زنگيجو

مُرتب

صوفي دريا خان فقير زنگيجو



صوفي روحل پبليڪيشن

# کنڊڙي رنگ

(ڪلام)

صوفي ميان ڪرم علي فقير زنگيجو

سنڌي، سرائيڪي ۽ هندي ٻولين ۾

سهيڙيندڙ

صوفي امانت علي فقير زنگيجو

مرتب

صوفي دريا خان فقير زنگيجو

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ:

صوفي روحل پبليڪيشن ڪنڊڙي

هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا مرتب وٽ محفوظ آهن.

ڪتاب جو نالو : ڪنڊڙي رنگ

موضوع : ميان ڪرم علي فقير زنگيجو جو ڪلام

سهڙيندڙ : صوفي امانت علي فقير زنگيجو

مرتب- : صوفي دريا خان فقير زنگيجو

ڇاپو ۽ سال : پهريون سال 2019 ع

ڳاڻيٽو : 1000هزار

ڇپائيندڙ- : روحل پبليڪيشن ڪنڊڙي

قيمت- : -/400 روپيه

ملڻ جو هنڌ : درگاهه ڪنڊڙي روحل فقير، تعلقه روهڙي
ضلع سکر سنڌ

رابطہ نمبر : 0300-9316512

لال جنرل اسٽور شاهي بازار ڏهرڪي

رابطہ نمبر : 0300-3266160

سپر پرنس ڪٽ پرائيز شاپ عمراڻي مارڪيٽ
نزد انصاري چوڪ جهول ضلع سانگهڙ

رابطہ نمبر : 0300-3397152

فوٽو گرافي : پرڪاش ڪمار (پي-ڪي اسٽوڊيو ڏهرڪي)

لي آئوٽ : لڪي ڊزائنرز اينڊ پرنٽنگ اسٽيشن روڊ خيرپور

۽ پرنٽنگ
0300-3134375-0333-3908495

Gul Hayat Institute

# ارپـــنـــا

پنهنجي پياري روحاني رهبر مرشد هادي

**سائين صوفي فيض علي اول رحه**

کندڙي شريف جي نالي، جنهن مون ناچيز کي
ذکر الاهي ڏئي انسان بڻايو.

**صوفي ميان ڪرم علي فقير**

Gul Hayat Institute

# ســـــتــــاءُ


| | |
|---|---|
| • پنهنجي پاران | 8 |
| • مهاڳ | 25 |
| • سنڌي حصو | 47 |
| بيت جوڳين جا | 48 |
| بيت سسئي جا | 76 |
| بيت سهڻي جا | 87 |
| بيت راڻي جا | 94 |
| بيت ليلان چنيسر جا | 96 |
| بيت ماروئي جا | 98 |
| بيت عمر ماروئي سوال جواب | 111 |
| متفرقه بيت | 113 |
| سنڌي ڪلام | 116 |
| • سرائڪي حصو | 148 |
| بيت هير رانجها | 149 |
| 1. سيھ حرفي (هير رانجها سرائڪي) | 156 |
| 2. سيھ حرفي | 165 |
| سرائڪي ڪلام | 171 |
| • هندي حصو | 227 |
| سلوڪ | 228 |
| هندي ڪلام | 232 |
| صوفي ڪرم علي اول جو ڪلام | 255 |
| منقبت | 256 |
| سنڌي ڪلام | 257 |
| سرائڪي ڪلام | 274 |
| هندي ڪلام | 288 |
| صوفي فيض علي فقير (اول) جو ڪلام | 293 |
| بيت سنڌي | 294 |


Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| بيت سرائيڪي | 295 |
| منقبت | 296 |
| سنڌي ڪلام | 297 |
| صوفي دريا خان فقير دوئم جو ڪلام | 301 |
| صوفي امداد علي فقير جو ڪلام | 302 |
| ڪنڊڙي جي ڪلتارن جي تڪين تي ميلا ۽ ڏهاڙا | 303 |
| ڪنڊڙي وارن جو فيض | 304 |
| شڪريه ادائي | 305 |


Gul Hayat Institute

## کنڊڙي جي فقيرن جو شجرو "الف"

## (1) حضرت صوفي روحل فقير صاحب زنگيجو




Gul Hayat Institute

## ڪندڙيءَ جي فقيرن جو شجرو "ب"

## (2) خدا بخش فقير ولد روحل فقير (ٽيون نمبر فرزند)

## خدا بخش فقير (متوفي 1843ع)




Gul Hayat Institute

# پنهنجي پاران

سنڌ جي سرزمين کي مالڪ سائين وڏين نعمتن سان نوازيو آهي. چاڪاڻ ته هن ۾ ڪيترائي درويش، سالڪ، روحاني رهبر، تعليمي ادبي، سياسي سماجي شخصيتون اظهارٿينديون رهن ٿيون، جن ۾ سوين شاعر، اديب ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن. جن جو سلسلو اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي. اهڙن باصلاحيت بزرگن مان جيڪي امن شانتي، پريت محبت، ڀائيچاري، رواداري ۽ حق جي راهه ڏسيندڙن ڏاتارن ۾ شاهه شهيد صوفي شاهه عنايت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت شهباز قلندر، صوفي صديق فقير، حضرت صوفي روحل فقير، صوفي محمد مراد فقيرزنگيجو، حضرت صوفي دريا خان فقير زنگيجو قابل ذڪر شخصيتون آهن جن پنهنجي ڏات مان نظم نثر وسيلي انسان ذات لاءِ امن ڀائيچاري ۽ وحدانيت جو پيغام ڏنوآهي، جنهن مان اسانکي حق ۽ هيڪڙائي جو سبق ملي ٿو.

جيئن ته صوفي خاندان سان نسبت هئڻ سبب مونکي پنهنجي ڪنڌڙيءَ جي ڪلتارن جي ڏنل درس کي پڙهڻ پُرجهڻ سمجهڻ سوچڻ ۽ دل سان هنڊائڻ جو گهڻوشوق پئي رهيو. تنهنڪري پنهنجن بزرگن جي شايع ٿيل شاعري ۽ قلمي شاعري هردم منهنجي مطالعي هيٺ پئي رهي. ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪيم ته پنهنجن بزرگن جي پيروي ڪندي ڪلام تي طبع آزمائي ڪجي پر وقت جي نزاڪتن ۽ طبيعت جي ناسازي سبب اهو چاهه چڱيءَ طرح پورو نه ڪري سگهيس. جيئن ته منهنجي پڙڏاڏي ۽ ڪنڌڙيءَ جي صوفين بزرگن جي سرموڙ صوفي بزرگ حضرت صوفي روحل فقير جي پڙپوٽي صوفي ميان ڪرم علي فقير جي شاعري جو ڪجهه مواد قلمي حالت ۾ مونکي مليل هو جيڪو مونکي پنهنجي ڏاڏا فقير درويش صوفي دريا خان فقير دوئم ۽ منهنجي والد بزرگوار صوفي ڪرم علي فقير سوئم وٽان عنايت ٿيو هو. افسوس آهي جو مليل قلمي

Gul Hayat Institute

نسخن جي ايتري زبون حالي هئي جو ڪتاب کي هٿ ۾ کڻڻ ۽ مطالعو ڪرڻ تمام مشڪل هو ۽ مواد مختلف ورقن، ڪاپين ۽ بندين تي لکيل هو. تنهنڪري ڪلام کي پڙهڻ،سمجهڻ ۽ سهيڙڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. پر پوءِ به اهڙي نادر ۽ قديم فڪري خزاني کي يڪجا ڪرڻ جو ڏاڍو فڪر رهندو هو. ڪنڌڙيءَ جي بزرگن جو سمورو ڪلام ته گڏ نه ڪري سگهيم پر پوءِ به دل ۾ پڪو پهه ڪيم ته پنهنجي پڙڏاڏا صوفي ڪرم علي فقير جو ڪلام شايع ڪرائي پنهنجي شوق کي ڪنهن قدر پورائو ڪري دل جو ڏيئو روشن ڪجي. پنهنجي ڏاڏا سائين جن جو ادبي خزانو سهيڙي سينگاري ادبي ميدان ۾ آڻجي، جنهن کي آءٌ حج اڪبر جهڙي سعادت سمجهان ٿو.

اهڙي سعادت حاصل ڪرڻ خاطر مون پنهنجي طرفان جدوجهد شروع ڪري ڏني . طبيعت ناساز هوندي به منهنجي عزم ۾ ڪا به ڪمي نه آئي. وس آهر محنت ڪندو رهيس. جيڪي ڪاغذ ڦاٽي ويا هئا انهن کي پنهنجي ناقص سمجھ آهر ٻيهر لکڻ ۽ سنڌن اصلوڪي جاءِ تي رکڻ جي ڪوشش ڪيم. انهيءَ نيڪ ڪم ۾ جن دوستن يارن ۽ همدردن هٿ ونڊايو انهن جي ڪوشش ۽ ڪاوشن کي جس هجي ڪافي ڪوشش جي باوجود هن ڪم کي تڪميل تي پهچائڻ ۾ گهڻي دير ٿي وئي پر وري به مالڪ سائين جي مهرباني سان هن قلمي خزاني کي سهيڙي شايع ڪرائڻ کي پنهنجي وڏي خوش نصيبي ٿو ڄاڻان جيڪا مون لاءِ هڪ سعادت آهي.

حضرت صوفي ڪرم علي فقير صاحب جو ڪلام اوهان جن هٿن ۾ آهي. فقير صاحب جن ڪنهن تعارف جا محتاج ناهن. حضرت صوفي روحل فقير جن جي خاندان مان هجڻ ئي سنڌن مڪمل تعارف آهي.

آخر ۾ آءٌ ٿورائتو آهيان صوفي دريا خان فقير سوئمر جو ۽ صوفي

Gul Hayat Institute

جلال فقير ٽالپر ثاني (خادم جلالي) جو جن جون خدمتون هن ڪتاب جي سهيڙ ڪان شايع ٿيڻ تائين لڳاتار اسانجي حوالي رهيون. انهن جي محنت سان هي ڪتاب سڀ مرحلا طئي ڪري ادبي ميدان ۾ پهتو آهي.

يقين اٿم ته هي ڪتاب تصوف ۽ ادب جي راهه ۾ هلندڙ واٽهڙن لاءِ هڪ روشن مينار ثابت ٿيندو ۽ جيڪو به فيضياب ٿيو گويا مونکي پنهنجو لاڀ حاصل ٿي ويو. حق موجود سدا موجود.

دعاگو

**صوفي امانت علي فقير زنگيجو**

درگاهه ڪنڊڙي روحل فقير.

تاريخ: 1 جنوري، 2018ع

Gul Hayat Institute



سائين صوفي عطاالله "ستاري"

موجوده سجاده نشين درگاھ جهوڪ شريف

# پيغام

کنڊڙي وارن ڪلتارن جي سلسلي منجهان ميان ڪرم علي فقير زنگيجو ٻه هڪ روشن ستارو هو جنهن جو ڪلام اڄ ڇيڇي راس ٿيو آهي.

فقير صاحب جو ڪلام سنڌي، سرائيڪي ۽ هندي ٻولين تي مشتمل آهي.سندس ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته فقير صاحب پنهنجن ئي بزرگن درويشن مان صوفي روحل فقير صوفي مراد فقير، صوفي شاهو فقير، صوفي غلام علي فقير، صوفي درياءَ خان فقير، ۽ پنهنجي پاڙيسري صوفي درويش بيدل فقير، سچل سرمست جي شاعري کان متاثر ٿيل آهي.

فقير صاحب جو ڪلام هٿ ڪري شايع ڪرايو ويو آهي. اميد آهي ته هي پر خلوص ڪاوش علم ادب ۽ تصوف جي واٽ ۾ ڪيترائي مثبت اثرات مرتب ڪندي.

Gul Hayat Institute

**سائين صوفي عطاالله "ستاري"**
سجاده نشين
درگاهه معليٰ صوفي شاهه عنايت شهيد
جهوڪ ميرانپور


Gul Hayat Institute

حضرت صوفي روحل فقير صاحب



حضرت صوفي روحل فقير صاحب جي اها ڦڻي جنهن سان وار چري جي لاءِ هر چنڊ جي پهرين آچر تي سوڻ ڪيو ويندو آهي.



آخري آرام گاهه حضرت صوفي روحل فقير صاحب



حضرت صوفي فيض علي فقير سائين (اول)



حضرت صوفي رحم علي فقير سائين




حضرت صوفي ڪرم علي فقير سائين (دوئم)


Gul Hayat Institute

حضرت صوفي دريا خان فقير سائين (دوئم)



درگاهه حضرت صوفي دريا خان فقير سائين (دوئم)

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

حضرت صوفي فيض علي فقير سائين (دوئم)



صوفي روشن علي فقير



صوفي دريا خان فقير (سوئم)


Gul Hayat Institute

صوفي امانت علي فقير



**صوفي دريا خان فقير (سوئم)، صوفي جلال فقير (ثاني) ۽ شيواداري موٽن فقير**

بسم الله الرّحمٰن الرّحيم

# مهاڳ

ڪاشي ڪنڌڙي ايڪ هي، روحل روپ ڪبير
جو چل آوي ڏک مِٽي ، جنم جنم ڪي پيڙ

سڀاجهي سنڌ جي سڳنڌَ ڀري ڌرتي پنهنجي فن فڪر، ثقافت تاريخ ۽ فلسفي جي لحاظ سان هڪ منفرد حيثيت رکي ٿي. سنڌ ڌرتي وحدانيت ۽ تصوف جي ڌرتي، عشق محبت، پيار پريم جي ڌرتي، ولين اوليائن ۽ درويشن جي ڌرتي آهي. جنهن کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هي ڌرتي مختلف ادوار ۾ صوفي شاهه عنايت شهيد، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، صوفي روحل فقير، صوفي مراد فقير، صوفي دريا خان فقير، سچل سرمست ۽ صوفي بيدل بيڪس فقير جهڙن ڪيترن ئي ڪامل ولي بزرگن ۽ عظيم هستين کي جنم ڏيندي رهي آهي. اهڙين هستين جا قائم ڪيل آستانا خانقاهون ۽ درگاهون اڄ به سنڌن عظمت جون گواهه آهن. انهن درگاهن مان صوفي روحل فقير ڪنڌڙي واري جي درگاهه به پنهنجو مثال پاڻ آهي. هن درگاهه جو نالو وڏي خصُوصيت جو حامل آهي. سندس روشني هند سنڌ ۽ پنجاب جي علائقن تائين پکڙيل آهي.

درگاهه ڪنڌڙي روحل فقير صاحب گذريل ڪيترين ئي صدين کان اڄ تائين روحاني درس تدريس، وحدانيت واري واٽ جي ڪيفيت ڪردار جي عملي مشق جو ميدان رهي آهي. گذريل ڪيترين ئي صدين کان هي درگاهه الهي محبت جي اها مشعل راهه رهي آهي جيڪا بغير ڪنهن ڀيد ڀاءُ، ذات پات، اونچ نيچ، دين ڌرم جي ڪٽرپڻي کان آزاد ٿي امن ڀائيچاري واري بي تعصب سوچ لوچ وسيلي انسان ذات جي روحاني رهنمائي پئي ڪري.

Gul Hayat Institute

مذڪوره درگاهه جي شان ۾ سندس باني سلطان العارفين صوفي حضرت روحل فقير صاحب جن اهڙي ساکي فرمائي آهي:

ڪاشي ڪنڌڙي ايڪ هي، روحل روپ ڪبير
جو چل آوي ڏک مِٽي ، جنم جنم ڪي پيڙ
ڪنڌڙي تو ڪنچن پري ، جت پرش ليو اوتار
روحل رنگ لاڳ رهيو ، آٺ پهر اِڪ سار
ڪنڌڙي پوري اڪ ڌام هي، جيڪو ليوي نام
جنم مرن ڪا بندن ڪٽي ، شڌ هووي نج ڪام
ڪنڌڙي اتم ڌام هي ، جس ۾ سنتان پايو ڪلتار
اس ڌام ڪي جن شيوا ڪري، تن پايو موڪش دُوار

ڪنڌڙيءَ جي ڪلتار صوفي روحل فقير صاحب جي پنجين پيڙهيءَ مان صوفي ڪرم علي فقير (دوئم) جنم ورتو، جنهن سلطان العارفين صوفي روحل فقير صاحب جن جي جاڳايل سوچ لوچ واري جرڪندڙ جوت مان هڪ نئين لاٽ روشن ڪري تصوف جي ساڳي روشنيءَ کي اڳتي وڌايو.

فقير صاحب جي جنم جو قطعي سن سنبت تہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، البت سندس وصال جي تاريخ ملي ٿي. جيڪا 13 رمضان المبارڪ سن 1364 هجري بمطابق 22 آگسٽ 1945ع اربع جي رات اٽڪل هڪ وڳي رات جو ٿيو. چيو وڃيٿو تہ وصال وقت سندس عمر 85 سال هئي. انهيءَ معلومات جي بنياد تي فقير صاحب جن جي جنم جو سال 1860ع ٺهي ٿو.

فقير صاحب جي ننڍپڻ واري زندگي بابت ڪو يقيني حال احوال نہ ملي سگهيو آهي تنهنڪري ان باري ۾ ڪا ڳالهہ ٻولهہ نٿي ڪري سگهجي. البت پنهنجن بزرگن ۽ سندس اردگرد واري ماحول مطابق ابتدائي سنڌي فارسي ۽ قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي.



Gul Hayat Institute

فقير صاحب نوجوان ٿيو تہ سندس شادي ڪرائي ويئي پر
ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو. فقير صاحب مانيٺي ۽ سادگيءَ واري طبيعت جو مالڪ
هو. پنهنجو ٻني ٻارو سنڀاليندو هو. صبح جو روزانو اٿي نماز پڙهي پنهنجي
مال متاع جي نظر داري ڪندو هو تنهن ڪانپوءِ ٻنيءَ تي هليو ويندو هو. ڪجھ
ڪلاڪ سار سنڀال ڪانپوءِ واپس موٽي ايندو هو. پنهنجن وڏڙن جي درگاهہ تي
آيل فقيرن درويشن سان ويهي ورونهن ڪندو هو ۽ فقيرن جو راڳ ويراڳ
ٻڌندو هو. فقير صاحب وٽ اُٺ بہ گهڻا هوندا هئا انهن جي بہ سنڀال ڪندو هو.
جيئن پوءِ تيئن فقير جي سوچ فقيري ۾ رلبي وئي. سندس دل تي فقيري رنگ
جو رنگ پختو ٿيندو ويو. آخر سندس ارادو پختو ٿيو. تڏهن پنهنجي اندر ۾
ويهي ويچار ڪري پنهنجي دل کي سمجهايائون تہ فقيري راهہ تي هلڻ لاءِ ڪنهن
مرشد فقير جو دامن وٺڻ ضروري آهي. پنهنجي مرشد هاديءَ جي امر ۾ رهي
سندس ٻڌايل طريقت تي هلڻ لازمي آهي. ان حقيقت کي پاڻ پروڙيندي پختو
ارادو ڪري صوفي ميان ڪرم علي فقير پنهنجي والد محترم صوفي فيض علي
فقير اول جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ قبلا مون اها پڪ ڪري ورتي آهي تہ
الله جي نام ڪانسواءِ هيءَ زندگي اجائي آهي. مونکي ذڪر فڪر جي واٽ
سمجهائي وجي تہ جيئن مان پنهنجو جنم سڦل ڪري پنهنجي مالڪ وٽ سرخرو
ٿيان. فقير جو اهڙو اٽل ارادو ڏسي فقير فيض علي سائين جن ڪيس پنهنجو
دست بيعت طالب بڻايو، مٿس فيض واري نظر رکي. اهڙيءَ طرح صوفي
ميان ڪرم علي فقير دوئم پنهنجي مرشد هاديءَ جي دلي دعائن سان تصوف
جون سڀ منزلون ماڻي وحدانيت جي واٽ ۾ سرخرو ٿيو ۽ فقيري جي اعليٰ
منزل کي پهتو. فقير ڪرم علي سائين پنهنجي مرشد پاڪ جي گواهي پنهنجن
ڪيترن ئي ڪلامن ۽ بيتن ۾ ڏئي چڪو آهي جن مان ڪجھ پيش ڪجن ٿا.

Gul Hayat Institute

فيض علي سائين فيض فرمايا، ڪول دري ديدار دکايا
فيض علي گر مجھ ۾ سمايا ، آپو آپ ۾ درشن پايا
گر فيض علي ڪرپا ڪيني ، ٻن جيـيا گڻ گايو
ڪرم علي ڪا گرو فيض علي هي، چرن ڪنول چت لايو
فيض علي سائين فيض رسايو، ڪرم علي سر ڏنو آهي سٿي.

فقير ميان ڪرم علي سائين، اڳ ۾ ئي فقيري گهراڻي جو فرد هجڻ ڪري ۽ فقيري رواداري کي قائم رکندي، تصوف جي سلسلي ۾ باقاعده ڀرپور قدم جمائي رکيا. صوفي ميان ڪرم علي فقير دوئم پنهنجي والد بزرگوار صوفي فيض علي فقير اول جي رهبري هيٺ ٻه ورد وظيفن ۾ مشغول رهيو پر هن فقير تي پنهنجن وڏڙن بزرگن جو ٻه وڏو اثر هو. سندس طبيعت اڳ ۾ ئي مانيٽي ۽ صبر واري هئي. فقيري راهه هن فقير لاءِ ڪا نئين وات ڪا نه هئي. هي اها ئي راهه هئي جنهن تي سندس وڏڙا هلندا رهيا هئا ۽ سندس وقت ۾ موجود چاچا، ماما، ڀائر ۽ ٻيا هم عصر عزيز هلي رهيا هئا. پنهنجي ٻاروتڻ ۾ ئي صوفي ميان ڪرم علي فقير پنهنجي چوڌاري اهڙوئي فقيري وارو ماحول ڏٺو. درگاهه صوفي روحل فقير تي ٿيندڙ ساليانا عرس مبارڪ ۽ ٻيا تڻ وار ملهائيندي ڏٺا. درگاهه عاليه تي ايندڙ صوفي فقيرن، درويشن، سالڪن ۽ شيوڪن کي ڏٺو. انهن جي ريتن رسمن، اٿڻ ويهڻ، ملاقاتن کي ڏٺو. جنهن جو اثر سندس تي ضرور پيو. ان ڪانسواءِ بزرگ فقيرن، صوفي روحل فقير، صوفي شاهو فقير، صوفي غلام علي فقير، صوفي خدا بخش فقير ۽ صوفي دريا خان فقير جا ڪلام پڙهيا ۽ ڳائڻ وارن ڪان ٻڌا سٽيا ۽ انهن جو ٻه ذهني طور اثر قبول ڪيو. انهن سيني ڳالهين ڪان علاوه اها ڳالهه وڌيڪ آهي ته صوفي ميان ڪرم علي فقير دوئم پاڻ ٻه ته انهيءَ ساڳي مهراڻ جو املهه ماڻڪ هو، جنهن جو نالو ڪنڊڙي چيو وڃيٿو.

يقينن سندس طبيعت ۾ اهي گڻ ڪم ڪري رهيا هئا جيڪي سندس بزرگن ۾ هئا. تنهنڪري تصوف جون منزلون ڪاميابيءَ سان طئي ڪرڻ ۾ ڪيس ڪا گهڻي دير ڪا نہ لڳي. ٿوري ئي عرصي ۾ صوفي ميان ڪرم علي فقير صوفي رنگ ۾ رچي لعل ٿيو. جو تہ اڻ ميا ماڻڪ موتي، لعل جواهر بہ انهن کي ئي ملن ٿا جيڪي سمنڊ جي اونهائيءَ ۾ وڃي ڳولها ڪن ٿا. جنهن لاءِ شاهہ ڀٽائي عليہ رحمتہ فرمايو آهي:.

سي پوڄارا پرٿيا سمنڊ سيويو جن
آندائون عميق مان جوتي جواهرن
لڌائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، ملهہ مهانگو تن جو

جڏهن وحدانيت جو واٽهڙو پنهنجي ربَّ تي پڪو ڀروسو رکي پاڻ کي عشق جي سمنڊ ۾ اڇلائي ٿو، پاڻ کي وحدانيت وارين ويرن، لهرن جي حوالي ڪري ٿو. پنهنجا سڀ اختيار ڦٽا ڪري ٿو تڏهن مالڪ حقيقي مٿس مهربان ٿي ان طالب وٽ پهچي سندس واهرو ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ڪرم نوازي سان اهڙي شاهدي ڏيندي فرمائي ٿو:.

هِڪي ٻانهي چت ۾، ٻي جا ڪري الله
پاٺهئي وجهي ڪن ۾، پاٺهئي اڪاري آڙاهہ
تنهن واحد کي واهہ، جو سُتر سيئي ڪري

تيئن صوفي ميان ڪرم علي فقير بہ دنيا کان پنهنجا لاڳاپا ٽوڙي الٰهي عشق جي سمنڊ ۾ ڪاهي پيو. الله تعالٰي جي ذات ڪيس پيار ۽ پاٻوهہ سان ڇولين مان ڇڪي، تڪ تار مان پار پهچائي ڇڏيو،

جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي:-

تيري ڪريمي ڪي آسري هم فقيرون ڪي زندگي هي
جسي تو عروج بخشي اُسي خيال زوال ڪيسا

فقير وحدانيت واري واٽ تي پنهنجي دم قدم سان اڳتي وڌندو رهيو ۽ تصوف جون منزلون طئي ڪري ڪامل درويشي درجي تي پهتو.

صوفي ميان ڪرم علي فقير صاحب جن جي طالبيت ۾ تمام گهڻا ماڻهو هئا، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان بغير ڪنهن مذهبي مت ڀيد جي طالب ٿيندا رهيا. انهن طالبن مريدن منجهان ڪي ته اهڙا به وڏا ڪاني ڪرامت جا صاحب، پور برهم گياني ٿيا. جن جا اڄ تائين تڪيا آشرم درگاهون موجود آهن جن جي هر سال ياد ملهائي ويندي آهي.

جيئن ته هرانسان هن دنيا ۾ آيو ئي وري واپس وڃڻ لاءِ آهي. فقير ميان ڪرم علي سائين ڪي به پنهنجو وارو وڃائي هن دنياوي حياتي ڪي الوداع ڪرڻو هو. آخر ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ ڪانپوءِ الله تعاليٰ جي سڏ تي لبيڪ چئي 22-8-1945ع تي وصال ماڻيو. فقير ميان ڪرم علي سائين دوئم جنهن جي درگاهه صوفي محمد حسن مست جي اولهه ۾ صوفي دريا خان سائين دوئم جي مقبري ڀرسان درگاهه صوفي فيض علي فقير (اول) جي ڀرسان موجود آهي.

Gul Hayat Institute

# "صوفي ميان ڪرم علي فقير صاحب
# جن جي شاعري تي هڪ نظر"

فقير صاحب جن جي ڪلام پيغام ۾ ٻه اهوئي رس ڪيف سوز ۽ سُرور آهي جيڪو سندس وڏڙن بزرگن جي ڪلام ۾ موجود آهي. سندس شاعري عام فهم ٻوليءَ ۾ چيل آهي. جنهن ڪي هر عام ماڻهو پڙهي پرجهي سگهي ٿو.

فقير صاحب جن جي شاعري هندي، سنڌي سرائڪي ٻولين تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ بيت، ڏوهيڙا، ڪافيون، شبد، واڻيون، سيھ حرفيون، منقبت جهڙيون صنفون شامل آهن. فقير صاحب جي شاعري سندس اندر جي سچائي ۽ الٰهي عشق جو چٽو اهڃاڻ آهي. جنهن ۾ الهامي خوبين جي ڪاڻ سمايل آهي. سندس مجموعي شاعري ۾ بيخودي واري جوش جذبي ۽ موج مستيءَ واري حال جو مظهر آهي. صوفي ميان ڪرم علي فقير دوئم جو ڪلام سوز گداز، ڪيف، مد ۽ مدهوشي جوش جذب جلال اندر تصوف جي همه اوست جي فلسفي جو هڪ پرپور خزانو آهي. مختلف ٻولين جي امتزاج ۾ اعليٰ پئماني جي شاعري آهي.

هندي ٻولي واري شاعري ٻه ٻوليءَ جي مزاج مطابق واڻي، آرتي، شبد، دوها هرجس وڏاوا ۽ ٻين صنفن تي ٻڌل شاعري لائق تحسين آهي. صوفي ميان ڪرم علي صاحب وٽ شاعري جو سهڻو گهاڙيٽو ۽ فن فڪر آهي. صوفي ميان ڪرم علي فقير دوئم جي شاعري ۾ طريقت معرفت حقيقت ۽ همه اوست جي فلسفي جو چٽو عنصر موجود آهي. سندس يقين آهي ته هن دنيا جي هل چل جو ڪارڻ الله تعاليٰ جي ذات آهي ۽ صفات سندس ظاهري صورت آهي جنهن ۾ ذاتي شڪتي استعمال ڪري ساري ڪائنات جو وهنوار هلائي رهيو آهي. ڪلاسيڪل موسيقي جي انداز ۾ چوي ٿو ته الله تعاليٰ جي ذات انساني جامو ڍڪي هن دنيا ۾ آئي آهي تڏهن هي سارو لوڪ چري پري گهمي ڦري پيو.

انهيءَ سمايل طاقت سبب هي ساري ڪائنات پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مصروف آهي. صوفي ميان ڪرم علي سائين ٻه ان ڳالهه جو اهڙو اظهار ڪيو آهي

تخت هزاري دا صاحب آيا، لوڪ تماشا لايا
قالو بلٰي دا قول آها ، رانجهن روح لايا
ملڪ هزاري دا مالڪ هويا، چاڪ لقب چا لايا

وحدت الوجود (لاالٰہ الاالله) واريءَ وات ڪي فقير جي ذات ئي سچاتو آهي. جنهن جو مطلب هڪ الله جي ذات ڪانسواءِ ٻي ڪابه هستي ناهي جنهن ڪي الله تعالىٰ جي ذات جهڙو سمجهي ان ڪي الله جي ذات سان شامل ڪري سگهجي. الله جي ذات ڪانسواءِ ٻيون سڀ ساڳي ئي ذات حقيقيءَ جون ظاهري صفاتي صورتون آهن. ڪل ڪائنات اندر جيڪي ڪجهه ڏسجي ٿو اهو الله جي ذات جو اظهار يعني صفات آهي. جنهن جي اندر ۾ پاڻ ذات سمايل آهي. اها الله جي ذات ئي آهي جيڪا اول آخر ظاهر باطن آهي. جنهن لاءِ الله تعالىٰ فرمايو آهي. هُوالاول هوالآخر هُوَالظاهر هُوَالباطن. الله جي ذات هر جاءِ حاضر ناظر آهي: جنهن جي گواهي فَاَينَمَاتُولُوفَثَم وَجَهُ الله واري آيت ڏئي ٿي. جنهن طرف ٻه نظر ڦيرائيندا ته توهان کي الله جي صورت نظر ايندي. مطلب ٿيو ته هر شئي جي اندر ۽ ٻاهراهائي هڪ ذات حقيقي آهي. جيئن سنڌ جي سرتاج صوفي شاهه عبداللطيف ڀٽائي فرمايو آهي:-

سو هِي سو هُو ، سو اجل سو الله
سو ويري سو واهرو، سو پرين سو پساهه

صوفي ميان ڪرم علي فقير ٻه انهيءَ روحاني راز ڪي سمجهندي اهڙو خيال اظهار ڪيو آهي:

اندر ٻاهر آپ ٻولينده، روپ ورن سڀ نيارا هي
وَنحنُ اَقرَب ويجها وسدا، آيا هڻ اعتبارا هي
آدم نام اسرار الاهي، خاڪي بوتي وچ آوڻ دا
وَفِي اَنفُسَڪُم ڳجهڙيان ڳالهايان، آپو آپ ملاوڻ دا.

مطلب آهي تہ ڪل ڪائنات جو مُوَجِد، ڪل ڪائنات جو مصّور، ڪل ڪائنات جو خالق مالڪ اڪيلو الله تعاليٰ ئي آهي ان سان ٻيو ڪو بہ شريڪ ناهي. ڪل ڪائنات جي سمورين شين جو وجود خود پاڻ الله تعاليٰ جي ذات ئي آهي. الله تعاليٰ ڪل ڪائنات جي روشني آهي. ڪل ڪائنات جو حسن جمال سندس جوڙ جنسار جو ڪمال پاڻ ئي جلال جمال آهي. ڪائنات جون ڪل صفاتي شيون جيڪي جداجدا رنگن، شڪلين، وصفن ۾ ڏسجن ٿيون سي ئي حقيقت ۾ هڪئي ذات آهن. انهن ۾ الله جي ذات سمايل آهي. الله جي ذات ڪل آهي ۽ هي سڀ صفاتي صورتون سندس جز آهن. تنهن ڪري هر شئي مالڪ حقيقيءَ جي علم ۽ روشنيءَ جي دائري اندر آهي. هر شئي ڪي هلائڻ چلائڻ وارو الله ئي آهي؛ جنهن جي حڪم کانسواءِ ڪو ڪک پن بہ چري نٿو. الله جي ذات لاشريڪ آهي، اڪيلي آهي، واحد آهي، ڪل شئيءَ مُحِيطُ آهي. سموري ڪائنات جي وجود اندر الله جي ذات سمايل آهي. ذات صفات هڪئي شئي آهي هڪٻئي کان جدا ناهن. هڪٻئي ۾ سمايل آهن. ان مان ثابت ٿيو تہ الله جي ذات ڪل وحدت آهي ڪائنات ان سان لاڳاپيل آهي جيڪا ساڳي ذات منجهان ظاهرتي ڪثرت جي شڪل ۾ آيل "جز" آهي. جيڪو "ڪل" کان جدا ناهي. ڀڳت ڪبير انهيءَ ڳالهہ ڪي جيئن چاتو آهي تيئن بيان ٿو ڪري:-

تيرا سائين تجهہ ۾ ، جيون پهپن مانهين باس
ڪستوري ڪا مرگهہ جيون ، ڦرڦرڍونڍي گهاس

سچل سرمست انهيءَ ڳالهہ کي وڏيڪ چٽو ڪندي چيو آهي:

"ٻيا ڪوئي ڄاڻڻ محض گناهہ، هر ڪنهن صورت آپ الله"

Gul Hayat Institute

جيئن تہ الله آدم جو راز ۽ آدم الله جو راز آهي. جنهن لاءِ صوفي بيدل فقير فرمايو:-

نهين الله ڪوئي هور، آدم نام بهانا ڪيتس
هر گهر وچ هوري کيلي، ويڪٽا هئي تان ويڪ

اهڙيءَ طرح ڪائنات جون ڪل صفاتي شيون الله جي حقيقي ذات جو جز آهن. جن جي جدا ڳاڻ ڪا بہ حيثيت ناهي. انهن جو اصل خدا جي ذات آهي جيڪا انهن جي اندر ۾ سمايل آهي. انهيءَ جي آڌار تي سندن وجود آهي. ان جو مثال ائين آهي جيئن سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ چوليون ويرون ۽ لهرون جدا جدا شڪليون اختيار ڪري پانت پانت روپ اختيار ڪن ٿيون پر جڏهن سمنڊ مانار ۾ اچي ٿو، سانت ٿئي ٿو تہ اهي لهرون گم ٿي وڃن ٿيون. سمنڊ جو پاڻي ۽ لهرون جدا بہ شيون ناهن پر ڏسڻ ۾ جدا جدا اچن ٿيون. اهڙي طرح سمنڊ "ڪل" آهي ۽ لهرون "جز" آهن. لهرون پاڻيءَ جو ڏيک آهن.

جيئن بابا فريد فرمايو آهي

"هرجا عين ظهور صورت سهڻي رب دي"

سچل سرمست بہ وحدت الوجود جي فلسفي کي سمجهائيندي چيو آهي تہ ذات ۽ صفات کي هڪئي ڄاڻ، ڪل ۽ جز هڪئي آهن. دوئي ٻيائي رکڻ يعني هڪ شئي ۾ ٻن شين جو گمان رکڻ شرڪ آهي. يعني هڪئي شئي کي بہ جدا جدا شيون سمجهڻ غلط آهي. عبد ۽ الله رب ۽ ٻانهو وارا شڪ شبهات ختم ڪري هڪئي ذات ڄاڻ.

ڄاڻ نہ تفاوت عبد ۽ الله جو.
سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هرجا، سچ سچو ٿو ٻولي.

صوفي ميان ڪرم علي فقير بہ ساڳي ئي واٽ سان ويندي چوي ٿو:-

ٿيي هٿي پاڻ ۾ گم ٿي، عاشق حق ڏسن
فَاَيۡنَمَا تُوَلُّوۡا فَثَمَّ وَجۡهُ اللّٰهِ، ٻيو ڪين پسن
وَهُوَ مَعَكُمۡ اَيۡنَ مَا كُنۡتُمۡ، هر دم حج سندن
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

الله تعالٰي فرمائي ٿو مان تہ توهان کي توهان جي ساھ جي رڳن کان بہ ويجهو آهيان، مان تہ توهان جي اندر ۾ موجود آهيان، توهان نٿا ڏسو ڇا؟!
اهڙين آيتن تي ڪامل يقين رکندي فقير اها ڳالھ ورجائي ٿو:-

وَنَحنُ ويجهو آهي، عاشق وينا دوئي کي ڊاهي
ڪرم علي آهي سر جي بازي، جيڪو اندر ۾ جهاتي پائي.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمته چيو آهي:

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀُل
هو هلاچو هل، ٻالله سندو سڄڻين

فقير ميان ڪرم علي بہ وحدت ڪثرت، ڪل ۽ جز، ذات ۽ صفات جي هيڪڙائي جو اندر ۾ مشاهدو ڪندي پنهنجي خيال جو اظهار ٿو ڪري:

سيرسپ سهي ڪري، هو ۾ هو هلن
اَلاِنسَان سِرّي وَاَنا سِرّہٗ، اهڙي چال چلن
سڪ انهيءَ ۾ سنرا، جوشن منجھ جلن
ڪٺي قلب اندرڪرم علي چوي.

فقير ميان ڪرم علي وري چويٿو:

هوهوهيئن ڪجي، جو ٻاهر بات نہ ٻَڪ
اَلاِنسَان سِرّي وَاَنا سِرّہٗ، ساري پڙھ سبق
فثم وَجہُ الله سمجھ تون، هرجا هادي حق
سرگهوري چئوصدق، تہ پرکي پهچين ڪرم علي چوي.

الله تعالٰي پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمايو آهي " ڇا توهان سمجهو ٿا تہ توهان کي بنا مقصد جي بڻايو ويو آهي ۽ توهانکي پنهنجي الله ڏي نہ موٽايو ويندو؟!
(الموء منون 115 )



Gul Hayat Institute

هن آيت سڳوريءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي جيڪا ڪائنات تخليق ٿي آهي، انسان ذات، جيڪا احسن تقويم جي صورت ۾ پيدا ڪئي ويئي آهي اها ڪنهن نہ ڪنهن مقصد لاءِ خلقي وئي آهي. اهڙو ڪهڙو مطلب آهي جنهن لاءِ ايڏو سارو پسارو ڪيو ويو آهي. انسان هن دنيا ۾ ڪهڙي مقصد لاءِ آيو آهي. هتي انسان ڪي ڇا ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي زندگي پوري ڪري وري ڪيڏانهن وڃڻو آهي. انسان ڪي انهي مقصد ڪي سمجهي ان مقصد جي حاصلات لاءِ اها اهم واٽ ونڻ گهرجي جنهن ڪي الله تعالیٰ " صراط المستقيم" جي نالي سان سڏيو آهي. جڏهن اسان انهيءَ راز ڪي ڄاڻي وٺنداسين تڏهن ئي اسان ڪي پنهنجي زندگيءَ جي خواب جو تعبير سمجهہ ۾ ايندو، پنهنجي زندگيءَ جي اهميت جي پروڙ پوندي. جڏهن اسان پاڻ پنهنجي حيثيت ڪي سمجهي ورتو تہ پوءِ الله تعالیٰ جي ذات جي اهميت ۽ شناس پيدا ٿيندي. انهيءَ ڪري فرمايو ويو آهي:.

مَن عرف نفسَہُ فقد عَرف رَبَّہُ

"جنهن پنهنجو پاڻ ڪي سڃاتو تنهن ڄڻ تہ پنهنجي ربَّ ڪي سڃاتو."

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ جيستائين، انسان جي زندگي ۽ بقا لاءِ جيڪو ڪائناتي نظام ٺاهيو ويو آهي ان ڪي سمجهيو نہ ويندو ۽ الله، ڪائنات ۽ انسان جي وچ ۾ جيڪو ڳانڍاپو آهي، ان ڪي ڄاتو نہ ويندو تيستائين انساني زندگيءَ جي صراط المستقيم جو تصور نہ ٿي سگهندو. تنهنڪري انساني زندگيءَ جو مخصوص مطلب هجڻ گهرجي جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪِن مقرر قاعدن قانونن تي هلي، انسان پنهنجي روحاني توڙي جسماني ڪاميابي حاصل ڪري انهيءَ منزل تي پهچي جيڪا هن ڪائنات جي خالق، انسان ذات لاءِ مقرر ڪئي آهي، جنهن لاءِ الله تعالیٰ فرمايو آهي:." مون انسان ڪي پنهنجي فطرت تي خلقيو آهي."

ان جو مطلب ٿيو تہ الله تعالیٰ جي ذات ۾ جيڪي خوبيون آهن جيڪي بہ منجهس نوراني خاصيتون آهن اهي انسان ۾ پڻ موجود آهن پر انسان پنهنجي گمراهي ۽ بي ڌيانيءَ سبب وِساري ڇڏيون آهن. انهن ڪي ٻيهر اجاگر

ڪري انسان ڪي پنهنجي روحاني ڪمال تي پهچڻو آهي. آدم سر الٰهي واري منزل تي رسڻو آهي. انسان ڪي اها روشني حاصل ڪرڻي آهي جيڪا نورعليٰ نور آهي. اهوئي انسان جي زندگيءَ جو مول مقصد آهي. جيئن سچل سائين اهڙي واٽ ونڻ لاءِ اشارو ڏيندي چيو آهي:

” چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا بد شاهي دا “

صوفي ميان ڪرم علي فقير بہ توحيد جي طالب کي همٿائيندي چويٿو تہ هي دنيا هڪ تکو وهندڙ درياهہ آهي. هن جي تک تار وهڪري جي وڏي دهشت آهي پر تون ڪوبہ خوف نہ ڪر توڪل جو ترهو ساڻ ڪري درياهہ جي سير ۾ ڪاهي پئو. الله جي مدد توکي پار پهچائيندي.

توڪل جو ترهو بَڌي، پئو ڪنن ۾ ڪاهي
ڪاهي پئو ڪنن ۾، ڇڏي سِرَ جو سانگو
ڏسي چوهہ چولين جو، متان مَنُ ٿيئي ماندو.

جيئن تہ انسان هن ڪائنات ۾ الله جو خليفو يا نائب ٿي آيو آهي، تنهنڪري منجهس بہ اهيئي خوبيون هجڻ گهرجن جيڪي مالڪ ۾ آهن. الله تعالٰي چويٿو مون انسان کي پنهنجي صورت تي ۽ پنهنجي فطرت تي خلقيو آهي. ٻين لفظن ۾ الله تعالٰي پاڻ ئي هي انساني جامو اختيار ڪري هن دنيا ۾ آيو آهي. جنهن کي صوفين ئي سڃاتو آهي ۽ ان راز کي ظاهر اظهار ڪيو آهي. جنهن لاءِ سچل سرمست سڌي ڪليل ڳالهہ ڪئي آهي تہ عبديت ۽ ٻانهپ وارو خيال ڇڏي ڏي تون پاڻ ئي خود اها ئي ذات آهين جنهن کي الله ٿو چوين. بيدل سائين بہ ان ڳالهہ جي شاهدي ڏيندي فرمايو آهي:

پاڻ پنهون تون آهين، ڪيچ وڃين ڇو ڪاهين؟؟
بيدل بندو ناهين تون هرگز، ڇو ٿو ڪوڙڪمائين
بيدل آهيان سرالاهي، صورت سانگ بنايان.

صوفي ميان ڪرم علي فقير به ساڳي ڳالهه جي ورجاڻي ڏيندي چويٿو ته:

خرقا خاڪي پهرڪي آيا، ويس جوڳيان دا ڪرڪي
شاهي هويا شان تنهين دا، سانگي آيا سانگ ڪرڪي
تخت هزاري دا مالڪ هويا، ترڪ آيا سڀ ترڪي.

انسان جي اها فطري جبلت آهي ته پنهنجن ذاتي صفتن ۾ طاقتور ٿي مٿانهين ڪمال جي درجي پهچي. تنهنڪري ڪيس گهرجي ته ذات حقيقيءَ کي پنهنجو مطلوب مقصود سمجهي ۽ ذات حقيقيءَ کي ئي اصل محور سڃاڻي ان ڏانهن ئي وڌڻ گهرجي. الله تعاليٰ فرمايو آهي ته هر شئي کي فنا ٿي مون ڏانهن ورڻو آهي؛ تنهن ڪري انسان کي گهرجي ته دنيا جا سڀ وهم گمان وساري، دنيا جوڻ موهه محبتون وساري، دنياوي حرص هوس، حسد وير وساري هڪئي سچي ذات کي پنهنجو معبود ۽ مقصود بڻائي ان جي عشق ۾ گم ٿي پنهنجي هستي هوڏ هئڻ کي ڇڏي ذات حقيقي ۾ ذات ٿي وڃي ته سدا حيات، اَمر بڻجي بقا باالله جي منزل ماڻي.

جڏهن صوفين فقيرن انهيءَ فلسفي کي سمجهي ورتو، انهيءَ عشق جي راز کي هئين سان هنڊايو ۽ انهيءَ حقيقي واٽ سان اڳتي هلي پيا ته آخر اها حقيقي منزل ماڻي سرها ٿيا، جنهن لاءِ ميان ڪرم علي فقير گواهي ڏني:

ڳولي لڌايائون پاڻ ۾، جوڳين ڪيا جاڳا
پاڻ سڃاڻي پاڻ ٿيا ، سامي سر ساڳا
جاڳا ڪري جرڪي پيا، ڏيهه پنهنجو ڏوري
ڳالهيون سڪ ۽ سور جون، اندر منجهه اوري
دين ڪفر جا ميان ڪرم علي، ٽڳا سڀ ٽوڙي
سڪ سمرٽيون سوري، گر ڪي گڏيا ڪاپڙي

الله تعاليٰ فرمائي ٿو " مان توهان جي اندر ۾ آهيان. پوءِ توهان نٿا ڏسو ڇا؟! انهيءَ ڳالهه کي فقيرن سڃاتو. جڏهن علم اليقين جي درجي کان عينُ اليقين ڏي پهتا ته ڪين اندر جي اکين سان مشاهدو ٿيو. حق اليقين جو

درجو ماڻيائون. ذات حقيقيءَ جو ديدار ڪيائون.

فقير ڪرم علي دوئم پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي:-

ٿـبـي هـٽـي پـاڻ ۾ گـم ٿـي، عـاشـق حـق ڏسـن
فَـأَيـنَـمَـاتُـولـوافـثـم وجـهُ الله، پـيـو ڪـيـن پـسـن
وَهُـوَ مَـعَـڪُـم أيـنَـمَـا ڪُـنـتُـم، هـر دم حـج سـنـدن
ڪـڻـي قـلـب انـدر ڪـرم عـلـي چـوي.

حضرت صوفي روحل سائين به ساڳي ڳالهه ڪي ورجايو آهي:

پـنـهـنـجـون اکـيـون پـاڻ ۾ جـوڙي رکـيـون جـن
سـي سـئـو پـيـرا سـاعـت ۾، ٿـا پـلـپـل پـريـن پـسـن

بئي پاسي صوفي مراد فقير جو آواز اچيٿو:

اگـر بـاور نـمـي داري "وَفِـي اَنـفُـس" بـيـا بـنـگـر
ڪـه سـالار دِيـن فـرمـود درقـرآن مـحـفـلـهـا.

ترجمو: جيڪڏهن توکي مون تي اعتبار نٿو اچي ته پنهنجي اندر ۾ ان کي نهار " وَفِي اَنفُسَكُم اَفَلاَ تُبصِرُون " جو دين جي سردار، قرآن شريف جي مجلسن ۾ ايئن ٻڌايو آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيو آهي:

سـاري رات سـبـحـان جـاڳـي جـن يـاد ڪـيـو
ان جـي عـبـدالـلـطـيـف چـئـي مـٽـيءَ لـڌو مـان
ڪـوڙيـئـن ڪـن سـلام ، اڇـيـو اڳـهـه ان جـي

صوفي ميان ڪرم علي فقير چوي ٿو:-

جاڳا ڪري جرڪي پيا، ڏيل پنهنجو ڏوري
ڳالهيون سڪ ۽ سور جون، اندر منجھ اوري
دين ڪفر جا ڪرم علي، ٽڳا سڀ توڙي
سڪ سمرٽيون سوري، گر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

فقير نانڪ يوسف تمام سهڻي ڳالھ ڪئي آهي:-

گر هو ڪي ويک نظارا، آپ سارا محبوب ڪي صورت ۾

فقير ميان ڪرم علي صاحب وحدانيت جي واٽ تي هلڻ جو طريقو سمجهائيندي چويٿو:-

سر سٿي سراھ ۾، سڀ غير گمان وسار
ماري پنهنجي من کي، ڪر وحدت جو واپار
پنهنجو اتئي پاڻ ۾، ٻي پاسي ڪين نهار
دل ۾ ڪر ديدار، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سر ڏي تون پهرين سٽ، غم وهم سڀ وسار
دوست وينو تئي دل ۾، تون نيئي نيڻ نهار
لاهي مرد ميار، نانگا تي گڏ ناٿ سان.

انهيءَ ساري وهنوار کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ عشق ئي واحد ذريعو آهي؛ جنهن وسيلي انسان پنهنجيءَ منزل مقصود تي ڏو پار پهچي ٿو. عشق اها براق آهي جنهن نبي ڪريم صلعم جن کي معراج تي رسايو. اهو عشق ئي آهي جيڪو هن ڪائنات جي تخليق جو ڪارڻ آهي. عام چوڻي آهي تہ " العشق نارا يُحرِقُ مَا سوٰي الله. " ان جو مطلب آهي تہ عشق اها باھ آهي جيڪا الله جي ذات کانسواءِ باقي سڀ شيون جلائي ڇڏي ٿي. جيئن سونارو سون کي ٻين ڌاتن کان

صاف ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ وجهي باھ تي رکيتو تہ ٻيا ذاتو سڙي وڃن ٿا ۽ باقي خالص سون رهجي ويندو. تيئن جڏهن گڏيل سڏيل عشق ڪوشش ۾ پوندو تہ زماني جون سڏون، غير گمان ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ حقيقي ذات جو خالص عشق رهجي وڃي ٿو. عشق اهو حق آهي: جنهن جي اچڻ سان دل جي ڪعبي اندر موجود باطل جا بت ڀڄي ڀورا ڀورا ٿي پون ٿا ۽ شيطاني طاقتون ڀڄي وڃن ٿيون. دل الله جي ذاتي نور سان منور ٿي پوندي. پوءِ انسان جي اندر مان وهم گمان، شڪ شبهات، دوئي ٻيائي، دنيا جا خام خيال، اجايا خوف خطرا ختم ٿي وڃن ٿا. پاڻ حقيقي عشق سان گڏجي اها ساڳي حقيقي ذات بڻجي پوندو. پوءِ غير جي اونداهي ختم ٿي وڃيتي الٰهي ذات جي نوراني روشني دل ۾ جاءِ والاري ٿي ۽ اها ئي روشني عاشق کي وحدانيت واري واٽ سان اڳتي اعلٰي عشق جي منزل تي پهچائي ٿي.

صوفي ميان ڪرم علي فقير انهيءَ سچي عشق جي گواهي ڏني آهي:

عشق اسان نون سونهان ڪيتا، ماريا نينهن دا نعرا هي.

سچل سائين عشق جي جام جي ڳالھ ڪئي آهي:

جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستو مست مدام.

عاشقن عشق الاهي کي مختلف شڪلين شبهاتن ۽ ڪيفيتن ۾ ڏٺو آهي.

صوفي بيدل سائين فرمائي ٿو:

عشق امام محمد مهدي، دوئي اتيئي دجال

عشق جون مختلف وصفون بيان ڪندي چوي ٿو:

عشق عطا الاهي هي، عشق دا طبل خدائي هي،
عشق بتاوي راھ هدايت، عشق دا اعلٰي شان،
عشق نهين ڪوئي شيخي مشائخي، عشق نهين ڪوئي چرچي بازي.

سچل سرمست عشق کي جيئن ڏٺو ايئن ٻڌائي ٿو:



Gul Hayat Institute

عشق الله دا زورون زور، عشق هي باز اسان مرغابي،
عشق عقل کيا لڳي لڳي. عشق دي ٻاجهون ٻيا سڀ ڪوڙ.

صوفي ڪرم علي فقير به عشق جي ڳالهه ڪندي فرمايو آهي:
عشق دا اعليٰ شان، ڪيڙيان نون ڪل نه ڪائي.
عشق دا بار اجهل جو آيا، سو مئين چم چشمان تي چايا
عشق اسان نون آتش لائي، ڦير آڙاهه ٻلينداهي.

عشق ئي وحدت واري واٽ جو سونهون بنائي ٿو. عشق جو شان افضل آهي عام ماڻهوءَ کي ان جي قدر قيمت جي خبر ناهي. هيري جو قدر جوهري ئي ڄاڻي ٿو. ٻئي کي ان جي پروڙ نٿي پوي. عشق بجليءَ جي چمڪار وانگر آهي جيڪا ڪوهه طور کي به جلائي ٽي ڇڏي. عشق اها تيز تکي آتش آهي جيڪا عاشقن جي دلين ۾ درد جا دونهان دکائي دلين ۾ اوجر آڻي ٿي. هونئن به هيءَ ڪل ڪائنات انهيءَ عشق جو نتيجو آهي جيڪو ڪافي وقت پنهنجي ئي اندر ۾ ڳجهو رهيو. جڏهن سندس اندر ۾ عشق جاڳيو ته اَهَّ سڃاتو وڃان. اظهار ٿيان ته پوءِ "ڪُن" جو نعرو هڻي وحدت مان ڪثرت وارو جنسار جوڙيو. اهڙيءَ طرح هن ڪائنات جي تخليق جو ڪارڻ عشق ئي بڻيو، اهو عشق ئي آهي جو ڪائنات جي هر جز ۾، هر عمل ۾ سمايل آهي. عشق ڪانسواءِ ڪو به عمل ڪامل مڪمل ناهي. عشق ڪانسواءِ هر ڪم اڌورو ۽ ناڪام آهي.

جيئن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمته الله فرمايو آهي:
سڏڙيا شرابن جون ڪوهه پڇارون ڪن.

ڪنهن به شئي جي سَڌ ڪرڻ سان اها شئي نٿي ملي سگهي جيسين ان لاءِ سچي دل سان، اٽل ارادي سان ڪوشش نه ڪئي وڃي تيسين اها شئي حاصل نٿي ٿئي. تنهنڪري الله تعاليٰ جي ذات جو ديدار بغير عشق جي رهنمائي جي ملڻ محال آهي. تنهنڪري عاشقن، درويشن، فقيرن، پيرن، پيغمبرن عشق کي هڪ تيز رفتار نوراني سواري جي نالي سان به ياد ڪيو آهي جيڪا پل ۾



Gul Hayat Institute

منزل تي پهچائي ٿي. عشق کي وحدانيت جي واٽ ۾ استاد، رهبر، هادي، مرشد، امام، شهباز جي نالن سان به سڏيو ويو آهي ڇو ته عشق ئي آهي جو اربن کربن ملين جا پنڌ پل ۾ ڪاٽي منزل مقصود تي پهچائي ٿو. عشق ئي عبد عابد معبود، عشق عاشق معشوق، مقصود جا پرانهان پنڌ ڪاٽي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪري ٿو ڇڏي جيئن پروانو شمع جي شعاع ۾ ملي پاڻ شمع ٿي ٿو پوي تيئن عاشق به الله جي ذات ۾ گم ٿي پاڻ اها ئي ذات ٿي پويٿو. اها ساڳي ڳالهه فقير ميان ڪرم علي به ڪريٿو ته:

عشق آهي اسرار، دم جو ڏيان لڳايان ٿو
عشق آهي امام اسانجو، تنهن کي سيس نوايان ٿو
رهبر عشق اسانکي آٿي، برهه جو باب پڙهائي ٿو
عشق وارن جي آهي الٽي بازي، راند ڪٽن ٿا مرد ڪي غازي
عشق ٿو چارو چست ڏيکاري، غير اندر جو سڀ اڏاري.

پر جيئن ته هن عشق جو محور ذاتي جمال جو ڪمال آهي جنهن کي نورُ عليٰ نور يا حسن چئجي ٿو. صفات اندر جيڪا خوبصورتي آهي اهو ذات حقيقيءَ جو حسن جمال آهي جنهن کي عشق پنهنجو مرڪزي مقام ۽ ڪماليت جي منزل بڻايو آهي. ذاتي حسن واري منزل تي پهچڻ ئي عشق جو معراج آهي. قرب ۽ ويجهڙائي جو ڪمال آهي. اهائي منزل آهي جتي عشق عاشق معشوق ملي هڪ ذات ٿين ٿا. پتنگ شمع ۽ شعلو گڏجي هڪئي شعاع ٿين ٿا. يعني اها الله جي ذات ئي آهي جنهن ۾ انسان فنا ٿي ذات ۾ ذات ٿي بقاءَ جو درجو ماڻي ٿو ۽ ابد تائين امر ٿي وڃي ٿو. الله تعالي جي ذات ايتري ته خوبصورت آهي جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. حسن حقيقيءَ جي پيٽ ۾ پنهين جهانن جي حسين شين مان ڪنهن سان به نٿي ڪري سگهجي. انهيءَ حقيقي ذاتي حسن جي جلوي جو ٿورڙو جز هن ڪائنات جي صفات ۾ مليل آهي. جنهن کي ڏسڻ سان روح حيران ٿي وڃي ٿو. ذاتي حسن جي ڪشش ڪيس ڇڪي پاڻ ۾ ملائي

Gul Hayat Institute

چڙدي ٿي. ذات صفات جو محور هڪئي ذات ٿي پوي ٿو. جيئن پونئر گل جي حسن ۽ خوشبوءِ تي مست ٿي ان تي ڦيرا ڏيندو رهي ٿو. معني ته صفاتي سونهن تي مست ٿيڻ ذاتي حسن تي عاشق ٿيڻ آهي. اهو ئي سبب آهي ته جڏهن عاشقن فقيرن، بزرگن ولين درويشن الله جي نور کي صفات ۾ محسوس ڪيو ته ان حسن تي حيران ٿي حسن جي تعريف ڪئي ۽ ان ۾ ذات کي موجود ڄاڻي انهيءَ حسن کي ذاتي عشق جو محور بڻائي ان جو طواف ڪيو، سڪ سان سجود ڪيو. الست بربڪم جو قول پورو ڪيو.صفات اندر ذات کي موجود ڄاڻندي ميان ڪرم علي فقير به حسن جي ساراهه ۾ گهڻو ڪجھ ڄاڻايو آهي جنهن مان ڪجھ مختصر سٽون پيش ڪجن ٿيون:

چوءِ طرف حسن هبڪارا، چٽ پٽ چٽيڪ ليا هي
ابرو نين ڪمانا ترڪش، جادو جوڙ بڇايا هي
منهن محراب منوّر تجليٰ، چوڏس چمڪ چمڪايا
شعلي ٿولي ڪر ڪي آندي، گهور سڄڻ دي گهايا
ڪرم علي ڪريندا عجب نظاري، عشق دا هويا رايا
حسن تئڏي سانون مار نيتا، سر عشاقان برهه باران ڪيتا
هن ابرو محراب تنهين دي، ڏينديان سجدي ورهين واليان

عاشق جڏهن حسن جي گهيري ۾ اچي ٿو، اکين جا اشارا کيس مست ڪن ٿا ۽ زلفن جا زنجير سندس دل کي وڪوڙي ونگ وجهن ٿا ته عاشق ويچارو حسن جي هر ادا جو اسير ٿي پويٿو ۽ حسن جي اڳيان سر بسجود ٿي سندس ساراهه ڪريٿو:

گهور نينان دي دل کون گهايا، ناز نينان دا نظارا ويکو
جوڙ جادوگر جادو لايا، نينهن لڳا نروار ويکو
مست ميگان تکيان تبر تير ڪنون
زوري زلف ڪمند ٿئي. زنجير ڪنون
اکيان تئڏيان مار گهتينديان، ڪاليان ڪجلي واليان
اکيان دي هي جهڙپ اٽانگي، جيوين بحري باز بواليان



Gul Hayat Institute

نيڻ ناز پرئي خيمي ڪوڙ ڪڙي،
لڙڻ ڪاڻ جوڏي جنگ جوڙ ڪڙي
چڙهي فوج حسن چوڌار ميان

صوفي ميان ڪرم علي فقير صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ اڪثر هنڌن تي قرآن پاڪ جون آيتون ۽ عربي مقولا يا حديثون پڻ سهڻي نموني استعمال ڪيون آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته فقير صاحب قرآن پاڪ ۽ حديثن جو چڱيءَ پر ڄاڻو هو ۽ عربي پڙهي، سمجهي سگهندو هو. اهڙن شعرن جو ڪجهه نمونو پيش ڪجي ٿو:

فاذڪروني اذڪرڪم، سبق پڙهان ٿو ساري
لاالہ وارو هڻ ڪڙو، من جي لاهج مَرُ
اَلانسان سِرّي وَاَنا سِرّهٗ، سائي پاڙج پَر
ٿبي هٽي پاڻ ۾ گم ٿي، عاشق حق ڏِسن
فَاَينَمَاتُوَلو فثم وجههُ الله، بيو ڪين پسن
وَهُوَ مَعِڪُم اَينما ڪنتم، هر دم حج سندن
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

ٿبي هٽي پاڻ ۾ گم ٿيا، سي پرئتون ڪن پچار
اهدناالصراط المستقيم، هليا پورب واري پار
ونحن اقرب ويجها ٿيا، وٺي ناهي وار
اٿن ساڻي رب ستار، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

عاشق ذاتي عشق ۾، مسيت وجود جوڙين
ڪعبو قبلو ڪاپڙي، جيءَ اندر جوڙين
اِنا اعطينڪ الڪوثر، خيال تنهن ۾ ڪوڙين
ڏيل اندر ڏورين، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

ڪرم علي جوڳي سي جوان، سر سوليءَ ڏي سورن

مو تو قبل انت مُوتوا، سر گهور ڪيون گهورن

ڏک ڏيل اندر ڏورن، ٻارن سي ٻيٽي ڪيو.

صوفي ڪرم علي فقير دوئم جي شاعري صوفيانہ رنگ ڍنگ جي لحاظ کان پنهنجي فن فڪر ۾ پڪي پختي آهي. فقير جي سموري شاعري جو فڪري سفر وحدت الوجود واري وات جو سفر آهي. فنا کان بقا جي منزل ڏانهن سفر آهي. فقير جي شاعري جو رجحان لا کان الله جي ذات ڏانهن سفر آهي. سندس شاعري ۾ تصوف جي عالمي سچائي واري روشني آهي. سندس خيالن جي شهباز جي پرواز لافاني عشق واري آفاق ڏانهن اڏام آهي. يعني عبد کان الله جي ذات ڏانهن اڏام آهي.

جيئن حضرت سچل سرمست فرمايو آهي.

” چوڙ گمان گدائي والا شملا چا ٻڌ شاهي دا. “

فقير جو ڪلام طريقت معرفت حقيقت ۽ وحدت الوجود جي روشن راه آهي، جنهن جي وسيلي تصوف جي واٽهڙو جي روحاني رهبري يقيني ٿي سگهي ٿي.

قوي يقين آهي تہ صوفي ميان ڪرم علي فقير دوئم جو هي ڪتاب بہ سندس وڏڙن بزرگن درويشن ڪنڌڙيءَ جي ڪلتارن جي ڪتابن وانگر قدر جي نگاه سان ڏٺو ويندو. آمين.

Gul Hayat Institute

دعا جو طلبگار،

**خادم جلالي**

درگاه صوفي جلال فقير ٽالپر

ٽالپر وڏا.

30جون 2017ع

# سنڌي حصو

Gul Hayat Institute

# بيت جوڳين جا

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، ڪن نڳيءَ جو واپار
منجهيل موڳا مور نہ سمجهن، لاکون هٽن هزار
جن جا پڌرا اهڙا پار، مور نہ پسجي تن ڪي

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، ڪن مانيءَ تي مارو
پيٽ پرجين ڪين ڪي، ڪاڻ ٿا ڪارو
ڇڏي وحدت جو چارو، پيٽ ۾ ئي پورا ٿيا.

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، اڇي مايا منجهايا
ڏڳا ڏاپڻ ڪين ٿا، گهٽي لالچ للچايا
نہ تہ سامي هجن سوايا، قرب وڃايائون پنهنجو.

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، ڪن اٽي تي آرو
پيو سجهي ڪين انڌن ڪي، ڪن ڪاڻ جو وارو
ڇڏي الک جو چارو، سي پنڌ ۾ پورا ٿيا.

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، ڪن مايا جو واپار
ڪوڏي ڪوڏي ميڙن مايا، ڪن نوڙي نمسڪار
جن جا پڌرا اهڙا پار، مور نہ پسجي تن ڪي.

Gul Hayat Institute

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، تا ڪوڙ ڪمائين
سچ سجاڻ ڪين ڪي، پيا هنر هلائين
پاڻ پڏائي پاڻ ڪي، پيا گُر ڪي لڄائين
جي رام نہ ريجهائين، مور نہ پسجي تن ڪي.

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، جن چار لڳين لائي
دغا رکي دل ۾، جن جتا وڏائي
رکن ڪوٽ اندر ۾، وير ۽ وڏائي
آهن اندا اهڙا ئي، مور نہ پسجي تن ڪي

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، ناحق ڪن چيرائين
ريجهائڻ ڪارڻ لوڪ جي، پيا مالا ڦيرائين
ڇڏي واٽ وحدت واري، پيا هنر هلائين
اهڙا جي آهين، مور نہ پسجي تن ڪي

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، جن وساريو جوڳ
ڪوڙن ڪوڙ پرائيو، روڳين پاتو روڳ
جن جوڳين ڇڏيو جوڳ، مور نہ پسجي تن ڪي.

ڪرم علي جوڳي سي جوان، جن اندر ۾ اوريو
هٽي سير سيچيائون پاڻ ڪي، ڪٽ قلب جو ڪوريو
عام ڪان پاسي ٿيا، جن ڏيل اندر ڏوريو
سڳو سڪ سوريو، الڪ سان وڃي ايڪ ٿيا.

Gul Hayat Institute

ڪرم علي جوڳي سي جوان، جي رمن روحي راهه
وٺن واٽ وحدت جي، سوري ساهه پساهه
گهوري سر ۾ ساهه، وڃي الک سان ايڪ ٿيا.

ڪرم علي جوڳي سي جوان، ڪن سوليءِ مٿي ڪاهه.
ڪٽن قدم قرب جا، بانڪا بيپراهه
پسي پروانا باهه، سي نيهي نه مڙن ڪڏهين.

ڪرم علي جوڳي سي جوان، جي پروانا ٿي پچن
مڙن ڪين مچ ڪان، نانگا نينهن نچن
عشق سنڌي آڙاهه ۾، مانجهي مرد مچن
پچن ۾ نچن، نوبت اندر نينهن جي

ڪرم علي جوڳي سي جوان، من ميڻ ڪيو مارن
محو رهن سي ماٽ ۾، خون جگر ڪائن
اندر مچ مچائن، ٻاهر ٻي تي ناهه ڪا

ڪرم علي جوڳي سي جوان، جي پورب پنڌ پچن
سڳيون سيل سنتوڪ جون، وحدت وير وڃن
ماري پنهنجي من کي، تا تيرٿ تڪيا ڪن
نانگا نات پسن، پلپل پنهنجو پاڻ ۾

ڪرم علي جوڳي سي جوان، سر سوليءِ ڏي سورن
مُوٺوقِبل انت مُوٺو، سر گهور ڪيو گهورن
ڏک ڏيل اندر ڏورن، ٻارن سي ٻيٽي ڪيو.

ڪرم علي جوڳي سي جوان، جي ڪڏي اچن ڪاهي
ڇڏي تاه نڳيءَ جا، سڀ لاڳاپا لاهي
سامي سر ساهي، وڃي الک سان ايک ٿيا.

ڪرم علي اهي ڪاپڙي، جي قلبي ڪمائين
ڪاوڙ ڪوڙ ڪروڌ ڪي، ڪن ۾ ڪپائين
ٻاري ٻاه ٻره جي، مچ محبت مچائين
رام کي ريجهائين، پنهنجي اندر پاڻ ۾

ڪرم علي جوڳي هن جڳ جا، ٻيائي سڀ ٻوڙيا
ڪوڙ مڪر ڪروڌ جا، خيما جن ڪوڙيا
سي قولن جا ڪوڙا، پنڻ لئي پورا ٿيا.

ڪرم علي جوڳي سي جوان، جي سيني سور سهن
هٽي ٽبي پاڻ ۾، لعلون لعل لهن
اندر ۾ ڳولين ٻاهر ٻولين ڪينڪي

ڪرم علي هٽي ٽبي پاڻ ۾، ماڻڪ ميڙيائون
پيهي منجهه پاتارجي، املهه آندائون
آٽي ڏنائون، هيرا لعل هٽن سان.

ساجهر ٿِيءُ سجاڳ، ننڊ ڦٽي ڪر نادان
آخر آهي تنهنجو، مٽيءَ سان گذران
وايون ويندءِ وسري، جڏهن پاڪ پچندء پاڻ
ڪهڙي پرينديـن قادر وٽ، حامي هردي ساڻ
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

جوڳين کي آهي اهو سدا، ڏکن سندو ڏاج
جوڳي جاڳي جوڳ ۾، توڪل پائن تاج
موتوقبل انت موتو، سريو سندن ڪاج
ويو ويراڳين وسري، دوئي دغا جو ڏاج
سامين ڪيو ساج، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سنجهي سمهن ڪين، جهڏئون ڪن جفا
چرخو چورن ڏيل ۾، پين ڪي ڪل نه ڪا
سامي صاف صفا ٿيا، ماٺيئون ملڪ بقا
پي پيالا پُر ٿيا، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

جوڳين کي آهي جوڳ جي، اندر منجهه اڄ
ماري محبت ماڻ سان، من ڪيائون مڄ
ڪرم علي جهاڳي سڄ، وسئون کي ويجها ٿيا

وسئون کي ويجها ٿيا، وچئون لاهي وير
گهري لڏائون گهٽ ۾، پريان سندو پير
ڳولي لڏائون پاڻ ۾ ويري نه ڪو وير
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

ڳولي لڏائون پاڻ ۾، جوڳين ڪيا جاڳا
پاڻ سڃاڻي پاڻ ٿيا، سامي سر ساڳا
اڳهيا در الله جي ڪرم علي، سامي سڀاڳا
ڏوئي سڀ ڏاڳا، وڃي گر کي گڏيا ڪا پڙي.

جوئي هئا سو ئي تيا، پيون ڏٺائون پن.
پنهنجو اندر پاڻ ۾، هادي حق لهن
ونحن اقرب ويجهڙو، پنهنجو پاڻ پسن
پيون ڏين پن، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

جوڳي جوتا جوءِ جا، تيا پنڻ ۾ پورا
رکي ويتا پاڻ ۾، مڪر جا موڙا
رکن چوس چسي جي، ويسه ويسورا
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

ڏسڻ ۾ سي فقير تيا، ويس ڪوڙا پائن
گهمي قري گهٽيون، سامي سڏائين
پنڻ لئي حيلا هلائين، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

ڪم تئين ڪين ڪي، پنڻ ڪري فقير سڏائين
دردر پنن پيٽ لئي، ڏوڙ لڳين لائين
ٻڌي چيريون پيرن ۾، دردر تا ڳائين
لچا لچ وجائين، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

جي تون سچو فقير، روحي رام ريجهاءِ
ويهي اور اندر ۾، ڪنهن ڪي ڪين پڌاءِ
لنئون لالڻ سين لاءِ، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سامين سناسين ڪي سدا، سيني اندر سَير
پلپل پنهنجو پاڻ ۾، پيري پسن پُير
پيو نہ ميجن ڪير، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

سک سناسین من ۾، هر دم هینئڙي هور
ڏيهون ڏيهه ڏتائون، جوڳين لڳي جهور
مُوتُوقِبلِ اَنتَ مُوتُو، منزل ماڻن مور
گهوٽ تيا گهور، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

ٿيي هنيائون پاڻ ۾، رهيو آر نه پار
ويا تن ڪان وسري، ڪوڙا خيال ويچار
ساڻي ٿين ستار، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سوري سر ڏئي پنهنجو، گاروڙي ٿيا گار
غازي گڏيا گر ڪي، لاهي لوڪ ميار
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

پير پاتائون پڙ ۾، سورهيه ٿيا سجاڳ
لاهي سانگو ساهه جو، مڙيا مٿي ماڳ
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

ڪوري ڪس قلب جي ٿيا، صاف صفا سامي
الک لکيائون من ۾، ويا خيال خودي خامي
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

نانگن ڪي هر دم آهي، سک اکير ۽ اور
سدا عشق جي ست ۾، گهوٽ ٿيا سر گهور
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

جاڳا ڪري جرڪي پيا، ڏيھ پنھنجي ۾ ڏوري
ڳالھيون سڪ ۽ سور جون، اندر منجھ اوري
دين ڪفر جا ڪرم علي، ٽڳا سڀ ٽوڙي
سڪ سمرٽيون سوري، گر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

گر سان گڏيا ڪاپڙي، ڪري وجود ويسارو
لڏائون پنھنجو پاڻ ۾، چست وٺي چارو
پرَ ڪي پُنا ڪرم علي، هٺي نينھن نعرو
ٽيو سير سامِن سارو، پھتا پار پرينءَ جي.

گر ڪي گڏيا ڪاپڙي، نانگا چڙي ننگ
گنگا ۽ گرنار سان، سامن کھڙو سنگ
ڪرم علي چڙي دڙيون دنگ، وسئون ڪي ويجھا ٿيا.

جوڳين جي جڳت جي، ڪل آهيئي ڪا نہ
موتوقبل انت موتو، سورھيہ ٿيا سبحان
غازي ڪٽن گوءِ ميدان، ڪرم علي پنھنجو پاڻ ۾.

جوڳي هن جھان جا، جن جو علتن سان آرو
هڪڙي مار مانين تي، ٻيو ڳالھين ڳٽڪارو
ويچارن وجود ڪي، ڪڏهن ڏک نہ ڏيکاريو
سي ڪيئن لھندا چارو، قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

جوڳي سي جوان، جي خام خودي ڪائين
هٽي ڪُڙو پاڻ کي، پيا قلبي ڪمائين
پنهنجي اندر پاڻ، روحي رام رجهائين.
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

نانگا ويا ناسوت ڪان، لاهوت ڪيائون جاءِ
ڪيا ماڳ ملڪوت ڪاپڙين، جبروت اندر جاءِ
پسي سچ سرها ٿيا، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

عاشق الست وجن، حاجي مڪي وجن
سچ پسي سرها ٿيا، هوتن ۾ طواف ڪن
الست بربڪم قالو بلي، ٻڌئون ساڻ ڪنن
هردم ڀاڻ ڏسن، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

عاشق سدا عشق ۾، مسيت وجود جوڙن
ڪعبو قبلو ڪاپڙي، جيءَ اندر جوڙين
اِنَّا اَعطَينٰڪَ الکَوثَر، خيال تنهن ۾ ڪوڙين
ڏيل اندر ڏورين، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

جوڳي ڪيئن چئجن، جن جي ڪوڙي ڪمائي
هڪ رڪن ڪوٽ اندر ۾، ٻيو منهن ۾ پائن ڇائي
مڪر ڪوڙ ڪروڌ جي، تن رڪ لڳين لائي
ناهي ناهه ٿڳيءَ جا، تن فقيري لڄائي
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

نانگا ناسوتان نڪري، ماڻن ملڪوتي مڪان
لنگھيا سي لاھوت ڪان، ڏٺئون لقاءُ لا مڪان
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

ملڪوتان مٿي ٿيا، جبروت جوڙيائون جاءِ
سور وڃي سپ تٽ پيا، ڏينھن رات ناھي جٽ ڪاءِ
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

گنگا ۽ گرنار ڪان لنگھي ، ٻڌيون ڪاپڙين ڪمران
سيل ۽ سنتوڪ جون ھليا ساڻ ڪٽي سمران
ڪاھن ڪاھوڪاھ ٿا، پڇي پنڌ سي پراھان
سچ لنگھي سونھان ٿيا، سامي ان طرحان
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

ڏک ويو من موُھ ٿيا، پرت پيا جا پياسي
محبت جي ميدان ۾، ٿا سڪن سناسي
پڇن پنڌ پورب جو، ڪوھ پڇن ڪاسي
سڪ سدا تن ڪي من ۾، ڏينھان ۽ راتي
اھي آ ڏوتي ابناسي ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سچا سامي سي چئجن، جي سچ وسائين
ماري پنھنجي من ڪي وحدت ڏي ورائين
ڪوڙ ڪپٽ ڪروڌ ڪي، ڪن ڪيو ڪائين
ٻاري ٻاھ برھ جي، مچ محبت مچائين
اھا آگ نہ اجھائين، ٻارن ٿا ٻيٽي ڪيون.
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

وجهي منهن مونن ۾، الف سان اورين
هٽي صيقل سڪ جي، ڪٿ اندر جو ڪورين
چست منجهان چاهه جي، سمرٽيون سورين
پيا ڏيل اندر ڏورين، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

آيا نينهن ننگر ۾، وحدت جا واسي
جڳت تن جوڳ جي، پيا سندا پياسي
اندر اورين الڪ سان، ڏينهان ۽ راتي
سي امر ابناسي، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

جي ننگ چڙي نانگا ٿيا، سي نينهن ڪيا نروار
ڪوري ڪس قلب جي، ڏٺئون صاحب جو ديدار
ماري پنهنجي من ڪي، ڪن وحدت جو واپار
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

پي پيالا پُر ٿيا، پرت سندا پياسي
الڪ لڪيائون اندر ۾، ٿيا امر ابناسي
نيهي وجي نرواڻ ٿيا، چڙي ڪعبو ۽ ڪاسي
ويون وايون تن وسري، ٿيا سنمڪ سناسي
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

جي سهي سڃاڻين پاڻ، تہ پرتئون ڪج پچار
لعنت الله علي الڪاذبين، ڪوڙن سين آھ ڪار
رک عشق سچو الله سان دم دم ڪر ديدار
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

صحيح سڃاڻين پاڻ، تہ واحد ڪين وسار،
خام خيال ۽ خطرا، ڪل پارڻ ڪيو پار،
سور سهسائي سرتي، ڪر پرين جي پچار،
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

الف پڙهيو جن، بي تي جِني ناهي ڪاڻ
لنگهي لامڪان ڪان، پڳي عشاقن آڻ
سامي سي سنمک ٿيا، ساڙي غير گمان
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سر ڏي پهرين سٽ، غم وهم سڀ وسار
دلبر وينو اٿئي دل ۾، تون نيئي نيڻ نهار
نانگا ٿي گڏ ناٿ سان، لاهي مرد ميار
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

نانگا وڃائي ننگ ڪي، ٻيا وهم سڀ وسار
وحدت واري درياهہ ۾، تره توڪل تار
رک ياد الست اقرار، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

نانگن ڪان ننگ جا، وهم سڀ ويا
اَلاِنسان سِري وَاَنا سِرّه، پنهنجو پاڻ ٿيا
هرجاءِ هادي هڪڙو، ڏسن ڪين ٻيا
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

نانگن ڪي نينهن جي، آهي هر دم حاج
سر ڏنائون سٽ ۾، ڇڏي زماني جا ڪاج
ٻي نہ رهي ڪا حاج، قلب اندر ڪرم علي چوي

نانگا ڪام ڪروڌ موهہ جا، ڌوئي هليا ڏاڳا
سر ڏيئي سچا ٿيا، اگهيا تن جا اوجاڳا
ساري هن سنسار جا، لاٿا لاهوتين لاڳا
سي سامي سياڳا، ڪٽي قلب اندر ڪرم چوي

انگا ڇڏي ننگ ڪي، پوءِ ڪيئن پڇن ڪاسي
ڪن تن ۾ تيرٿ تڪيا، اهي امر ابناسي
سير سڀ صحيح ڪري، ٿيا سنمک سناسي
ڪٽي قلب اندر ڪرم چوي

Gul Hayat Institute

گنگا ۽ گرنار جا، ٿوڙيائون سڀ ٿڳا،
سيل ۽ سنتوڪ جا، ٻڌا تن سڳا،
وحدت واديءَ ۾ گم ٿي، لاٿائون لاڳا،
اهي سامي سياڳا، ڪٽي قلب اندر ڪرم چوي

ظاهر ڪيئن ڪچن، جن اندر اٽڻ اور،
لآ سان مهڻي من ڪي، ڪس قلب ڪن ڪور
روح پنهنجي ۾ اور، ڪٽي قلب اندر ڪرم چوي

لاهي سانگا سر جا ، اونهي منجهه اچن،
خيال خدائي خيال ۾، فڪر فيض وٺن،
سر سٽي سرواهه ۾، نانگا نينهن نچن،
ڪٽي قلب اندر ڪرم چوي.

سر سٽي سرواهه ۾، سڀ غير گمان وسار،
ماري پنهنجي من ڪي، ڪر وحدت جو واپار،
پنهنجو اٿئي پاڻ ۾، ٻي پاسي ڪين نهار،
دل ۾ ڪر ديدار، ڪٽي قلب اندِر ڪرم علي چوي

ٻي ٻولي ٻولج ڪين ڪي، مات ڪيومارينس،
هو هو ڪري حق جو، رستو ڏيکارينس،
ٻيا وهم وسارينس، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

طوطا توکي پڃري ۾، ڪنهن آهي پڙهايو،
پردي اندر پڪ سان، ڪنهن سبق سيکاريو،
ٻوليون ٻولين يانتون يانت، ور ور ورايو،
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

تنهنجي پيچري ۾ طوطو، عجب ٿو ٻولي
تون هين تون هين چوي، چاهه منجهان چولي
اورڻ اوري اندر جا آڪار سندي اولي
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

هيڪر نڪري پيچري ڪان، ٻاهرڏي تون پير
پڪي پرينءَ جي پار جا، سيئي پسين سئير،
وري نہ ڏئين تون ڪڏهن، پيچري اندر پير،
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

اصل عاشقن جو آهي، سوليءَ سر سجود
ڪعبو ڪوڏيو تن جو، پنهنجي منجهه وجود
سامي ڪن سجود، قلب اندر ڪرم علي چوي

عاشقن ڪي عيان ٿيو، ڏسن ٿا سياڳ
پنهنجي اندر پاڻ ۾ مري ڏسن ٿا ماڳ
راتيان ڏينهان تن ۾، اُٿن اهائي تات
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

عاشق ماري پاڻ کي، ٿين عشق اندر آباد
سر سٽي سرواهه ۾، ڪن پاڻئون پاڻ آزاد
وحدت واري واٽ ۾، شوقون رهن شاد
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

جي عاشق ڪين آهه، تہ جبل سي جلن
رکن سڪ سڄڻ جي، جهوريءَ منجهه جهڄن
قلب منجهه ڪڙهن، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سچي سڪ رکن جي، عشق پڌن احرام
پاڙن سخن پنهنجا، نانگا جپن نام
قد افلح من زڪها، ماڻن مرد انعام
ڪوڙي نہ هڻن هام، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

رکي سر سوليءَ تي، پيالو پرت پيئن
مري ڪن مشاهدو، هو حق چون
بانڪا بيپرواهہ تي، سجهئون سور سهن
سٽي سر سرواهہ ۾، نانگا نينهن نچن
چشمي حقيقي حق مان، لعلون لعل لهن
موتو قبل انت موتو، مري مرد جيئن
ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

طالب آڻن توحيد جي، خاص خبر ڪري
هڪو حق ڏسن هيڪڙو، جيئري مرد مري
ڪڻن قدم قرب جا، ڪولي درد دري
ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

جن سڪ پريان جي من ۾، تيا پيا جا پياسي
محبت سندي ميدان ۾، تا سڪن سناسي
پورب پيچ پنڌ پيا، ڪونه پڇن ڪاسي
تيا امر ابناسي، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

پائي منهن مڙهيءَ ۾، آديسي اورين
خام خيال خوديءَ جا، قلب مان ڪورين
ٻاهر ڏسن ڪين ڪي، ڏيل اندر ڏورين
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

جوڳي ڪن جوڳ، اهو آهي سندن ڏاج
سختيون سهن سر،تي، سرن تن جا ڪاج
لتا تن جي من مان، دوئي دغا جا داج
سونهن تن تاج، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

سڪ تن سامين ڪي، جيءَ اندر ۾ جار
سر ڪيائون سٽ ۾، ڪين مڙن مٽيادار
راتيان ڏينهان تن ڪي، آهي تند تنوار
ڏسن دم دم پاڻ ۾، دلبر جو ديدار
تيا باغ بهار، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

هٽي ٽيي پاڻ ۾ تون، ڪاهوڙي ٿي ڪوج
سير سڀ صحيح ڪري، اڪر ڇڏ اپوجهه
سمنڊ ساري سوجهه، ته موتي لهين مهراڻ جا
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

هٽي ٿيي پاڻ ۾، ڏيل پنهنجي ۾ ڳول
ساري سڪ سبق تون، فڪر ڦرهي ڦول
اڪر اڇار الف جو، تن من اندر تول
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هٽي ٿيي پاڻ ۾ گم ٿي، عاشق حق ڏسن
فَاَينَمَا تُوَلُّو فَثَمَّ وَجَهُ الله ، ٻيو ڪين پسن
وَهُوَ مَعَكُم اَينَمَا كُنتُم، هر دم حج سندن
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

هٽي ٿيي پاڻ ۾ گم ٿيا، سڀ پرتئون ڪن پچار
اِهدِنَاالصّراط المُستَقِيمَ، هليا پورب واري پار
وَنَحنُ اَقرَب ويجها ٿيا، وٺي ناهي وار
اٿن ساڻي ربّ ستار، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

هٽي ٿيي پاڻ ۾ گم ٿيا، نانگا نرتئون نهارين
سر ساھ ڪيائون صدقو، ٻي وائي نہ وارين
سور سختيون سهن سر تي، وهم سڀ وسارين
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

سير سڀ صحيح ڪري، هو ۾ هو هَلن
اَلاِنسَانُ سِرِي وَاَنَاسِرُهُ، اهڙي چال چلن
سڪ انهيءَ ۾ سنرا، جوشن منجھ جلن
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

سير سڀ صحيح ڪري، جهندا ڪوڙيائون
مري پهتا پنهنجي ماڳ تي، ڪل ٻيائي ٻوڙيائون
خودي خام خيال جا ٽڱا ٽوڙيائون،
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هٽي ٽٻي پاڻ ۾، هُو ۾ هو هَلن
پنهنجو پاڻ پسم ڪري، خيال خدائي ڪن
جت رات ناهي ڏينهن ڪو، اُتي سر سٽن
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هٽي ٽٻي پاڻ ۾، ڇڏي ٻيا سڀ ننگ
وڃي غازي گڏيا گر ڪي، آڌوتي اڙ ٻنگ
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

هٽي ٽٻي پاڻ ۾، لاهوتي لهن لعل
سر ڏنائون سٽ ۾، ڪايا مايا مال
ويا تن ڪان وسري، ڪوڙا سڀ خيال
نانگا ٿيا نهال، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

هٽي ٽٻي پاڻ ۾، ڪاهيو پَوَن ٿا ڪاهه ۾
چشمون حقيقي عشق جو، سوجهي لهن ساهه ۾
پي پيالو پريم جو، چست وتن چاهه ۾
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هتي تنهنجي پاڙ ۾، سچا تائون سير
جنات عدن جا، گهڻ لذائون گهير
گم ٿيا غازي پاڙ ۾، من جي لاهي مير
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هتي تنهنجي پاڙ ۾، وجود ۾ ڳولهن
سور سختيون سهي، هڪو حق ڏسن
اول ڪان آهي اهو، مرڪ ڪاپڙين
لوچي لذائون، لعل منجهان لهرن
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هتي تنهنجي پاڙ ۾، جت جشن ڪن
عشق سندي آه سان، ڏور هلي اچن
اِنَّا اَعطَينٰكَ الكَوثَر، چشمون قلب ۾ لهن
سُرڪِي پيتئون پرت جي، نانگا نيهن نچن
صحيح پنهنجو پاڙ ۾، هردم حج ڏسن
ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هتي تنهنجي پاڙ ۾، پيا وهم سڀ وسارين
ڪولي دري دل جي، نرتئون نهارين
پنهنجو پاڙ ۾ هڪ ٿيا، پرتئون پچارين
اناالحق اچارين، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

هٽي ٽٻي پاڻ ۾، ڏيهه ڏکن جو ڏورين
سور سختيون صحيح ڪري، نرتئون نهارين
رستو ورتئون حق جو، پرت نہ پچارين
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هٽي ٽٻي پاڻ ۾، ڏيل اندر ڏورين
سير سي صحيح ڪري، سر اڏيءَ سورين
رام ريجهائن روح ۾، چاهت چنگ چورين
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سير ڪن صحيح، مري ڏسن پنهنجو ماڳ
اهو مرڪ آهي ڪاپڙين، ڪليو سنڌن ياڳ
بابو بديهي ٿيا، الڪ آهي تنهنجو لاڳ
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سرڪي ورتائون سڪ جي، پيا وهم وسارين
پيالا پي پُر ٿيا، هئي هئي هنجون هارين
اندر اجاري پنهنجو، مُوئُو من مارين
ساڳي سر آهين، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

سرڪي ورتائون سڪ جي، پيا وهم واريائون
خام خيال خوديءَ جا، ٻارڻ ڪري ٻاريائون
سيل سنتوک جا سڳا ٻڌي، نرتئون نهاريائون
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سک سناسين کي، آهي اندر ۾ اور
سر کيائون صدقي، تن من کيائون گهور
ماري تن من کي، وحدت ڏنائون وڄڙ
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

نانگا ڇڏي ننگ کي، ٿيا پيا جا پياسي
غازي وجي گم ٿيا، اهي امر ابناسي
ٿيا سنمک سناسي، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

نانگن ڇڏيا ننگ جا، سيوئي سانگا
گلا ۽ غيبت جا، لاٿائون لانگها
اهي سامي سياڳا، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

صيقل هٽي پاڻ کي، ڪنڻ قلب جو لاهين
چشمون حقيقي عشق جو، واهڙ ڪيو واهين
قلب اندر ڪاپڙي، قرب منجهان ڪاهين
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

پيالو آب حيات جو، پي پر ٿيا هٿئون ساقي
موت تن کي ڇا ڪندو جن پاتي نيئي حياتي
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

اونهو بحر الله جو، ڪو مشڪل لهي راه
عاشقن کي اصل کان، آهي ڳالهه آگاه
ٻي رکن نہ پرواه، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

هر دم رهن پنهنجي حال ۾، عاشق بيپرواهه
موج اندر مسرور ٿيا، ڪاهيو ڪاهن ڪاهه
ترن تڪيءَ تار ۾، سانگو ڇڏي ساهه
ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي.

بيحد بحر بقاءَ جو، ڏٺو صوفين سارو سير
ساهي سِرُ سوليءَ تي، سورهيه ڪن سير
فٿم وجه الله فيض سان، گم ڪيائون غير
رِيءَ ڪاهوڙين ڪوجي ڪير، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

سورهيه اچن ٿا ڪاهي، سر ساهه جو سانگو لاهي
ڳاهه عشق ڳاهي، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سورهيه سڪ ۾ هردم، ڏوري ڏسن ڏيهه
اونهو بحر الله جو، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي.

اونهو بحر الله جو، ڪو ڪو ڏسي راهه
سر سٽي سرواهه ۾، ڪن ڪاپڙي ڪي ڪاهه
ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سڪ ڪاپڙين ڪي آهي، هر دم هينئڙي هور
سر گهوري ٿيا گهور، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي.

ٻيون وايون سڀ وسار، ڪر پرتئون پرين پنهنجو
راهه وٺي تون حق جو، دائم گهر ديدار
نائي نيڻ نهار، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي.

Gul Hayat Institute

سور سپ ويا هلي، عشق اندر آيو جن،
وحدت ۾ گم جي ٿيا، موت نہ ماري تن
عاشق قدم اٿائين، جيئري مري جيئڻ
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سورهيہ سر ڏيئي ٿيا، سنمک سناسي
محبت جي ميدان ۾، ٿيا پيا جا پياسي
اهي امر ابناسي، ڪٽي ڪلب اندر ڪرم علي چوي

طالب جاڻي پاڻ کي، وٺ گروءَ سندو گس
ڏک وسائج ڏيل تي، ڏور تہ پوئي ڏس
رڙهج انڀيءَ راهہ ۾، وڃو ڪجاڻءَ وس
ڪوري قلب ڪس، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

طالب جاڻين پاڻ کي تہ، پڇ ممتا سندو ماڻ
اَلانسَان سِرّي وَاَنَاسِرّہ، صحيح سڃاڻج پاڻ
وَنَحنُ اَقرَبُ ويجهڙو، اهو اٿئي اهڃاڻ
آهين ساڳي پاڻ، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

پنهنجو ئي تون پاڻ ۾، گاروڙي ٿي گار
چشمون حقيقي حق جو، ساريو ويٺو سار
هڻ نعرو اناالحق جو، چوٌ ڪنڌين چوٌڌار
ڪڻ خوديءَ جو بار، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

ڪڻ خوديءَ جو بار، رڙهج انهيءَ راهه
دلبر اتي دل ۾، ڪيڏاهن ڪنديـن ڪاهه
مَرِي جِيءُ عاشق تون، سوليءَ سينو ساهه
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سوليءَ سينو جي ساهن، منصور سي چئجن
لاهي لاڳاپا لوڪ جا، قدم سوايو رکن
منجهه ميدان محبت جي، سر جو سانگ نه ڪن
سورهيه سي چئجن، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سورهيه سورن سامهون، تا آ ڏوتي اچن
وڙهن واسينگن سان، نينهن منجهان نانگن
نوائي ڪنڌ قلب ۾، مکو منجهه ڏسن
تيا سرها منجهه سجن، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

هڪ تي اِتهين حق سان، ڪيا آسڻ ابناسين
پيا پورب سندي پار جا، پلپل پنڌ پچن
نانگا نينهن نچن، ڪٽي ڪلب اندر ڪرم علي چوي

سامي سي سچا تيا، جن من پنهنجو ماريو
ڪوڙ ڪروڌ موهه جو، ڏونگر تن ڏارِيو
باهه برهه ۾ بدن ڪي، بارڻ جيئن ٻاريو
گوندر منجهه گهاريو، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.



Gul Hayat Institute

وجهي منهن مونن ۾، آڏوتين اوريو
هٽي صيقل سچ جي، ڪٿ قلب ڪوريو
چاهت رکن چت ۾، سمرٽيون سوريو
ڏيوَ ڏِسن ڏوريو، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

دل ڪن تا دوارڪا، ڪايا ڪن ڪاسي
مِٽي تن جي من مان، چتون چوراسي
پچن پنڌ پورب جو، پرت سندا پياسي
تيا امر ابناسي، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سامي اکيه نگر ۾، تيا وحدت جا واسي
جڳت وٽي جوڳ جي، تيا پيا جا پياسي
الک لکيائون اندر ۾، روح رتي راسي
تيا امر ابناسي، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

چڏي ننگ نانگا تيا، نڪري تيا نروار
فَاَيۡنَمَاتُوَلُّوا فَثَمَّ وَجۡهُ اللهِ، ڏسن صاحب چوڌار
ماري تن من ڪي ڪن تا. وحدت جو واپار
تيا باغ بهار، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي.

سڪ سامين جي ساهه ۾، اتم اندر منجهه اُڪير
بيراڳين ڪي برهه جا، چاڪ اندر منجهه چير
چڏي ننگ نانگا تيا، سوجهن منجهه سرير
پايو پاڻ ڪرم علي چوي، هو هٽي هنگلاج ويا

هو هو ڪجي هِيئن، جو ٻاهر بات نہ بڪ
اَلانسَان سِرّي وَاَنَا سِرّہ، ساري سڪ سبق
فثم وجہ الله سمجھ تون، هر جا هادي حق
سر گھوري چئو صدق، تہ پهچين پار ڪرم علي چوي

هو هٽي هنگلاج ويا، نانگا چڙي ننگ
سهن سور سختيون، آ ڏوتي اڙٻنگ
ڪوڙ ڪروڙ موهہ جا، تن سامين ڇڏيا سنگ
ڏوري ڏيل اندر ۾، وڃي رانول رتا رنگ
نانگا نچن نينهن ۾، سامي نات نسنگ
ڪرم علي ڪاپڙين، ڪيا تيرٿ تڪيا پاڻ ۾

منهن وجهي مونن ۾ جن اندر پاتي جهاتي
ڪورن ڪٿ اندر جو، هٽي لا سندي ڪاتي
راتيان ڏينهان روح ۾، ڪن ذڪر سي ذاتي
لڳي لاهوتين لقاءَ جي، چڪ اندر چاتي
ڪرم علي پرت انهن پاتي، نانگا گڏيا نات ڪي

تي سورن جي سامهون، تا آ ڏوتي اچن
ڪاهي پون تا آڳ ۾، پتنگ جيئن پچن
اچن سوليءَ سامهان، سر جو سانگ نہ ڪن
محبت جي ميدان ۾، تا مانجهي مرد مچن
ڪرم علي ڪاهن ڪاپڙي، گھوري سر سندن
سُڪ نہ سڪيو سالڪن، ويا هو هو ڪندا حق ڏي

Gul Hayat Institute

موتي لهن مهراڻ جا، جي جهڏئون ڪن جاڳيا
پاڻ وڃائي پاڻ کي ٿيا، سامي سر ساڳيا
راهه پڇن ٿا حق جي، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

پکي هيا پرڏيهي، ويا اڏامي پورب پار
چوٽو پاڻي تن پورو ٿيو، سڏ ٿين سرڪار
پرواز ڪيائون پڇري مان، جو اصل هو اقرار
جيڪر ويا هيڪار، مشڪل ملندا ڪرم علي چوي

بر ۾ مڙهيون بيراڳين جون، اندر مچ مچن
ٻاري ٻاهه فراق جي، روحي رمز رچن
اچي پون آڳ ۾، پتنگ روز پچن
اها سڪ سچن، ڪرم علي ريڏا وتن رام سان

سامين ڪي آهي سور جي، اندر منجهه اور
ماري من پسر ڪري، ڪٿي ڪري ٿو پور
سور جي سناسين جا، ڪس اندر جي ڪور
ڪرم علي گهور اگهور، ته موتي لهين مهراڻ جا

Gul Hayat Instutute

ڪنهن سان ڪڇن ڪين ڪي، جهڏئون ڪن جفا
ماري پنهنجي من کي، ٿيا سامي صاف صفا
نات ڏٺائون نانهه ۾، سامي ٿيا سچا
محبتي مرد مچيا، ڪرم علي پيهي پاڻ ۾

# بيت سسئي

آيا مائٽ مئيءَ جا، ڪري ڪامڻ گهٽي خوشي
خبر پيئڙس ڪانہ ڪا، تہ پنهون ويندا وٺي
هئي اندر ۾ گهٽي سچي، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڪنيائون پُنهونءَ کي، توڏا ڪين ترسن
لنگهي لڪ جبل جا، ڪاهيو ڪيچ وڃن
موٽي شال ملن، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

سسئي ستي هئي ننڊ ۾، غفلت رکي گهٽي
خبر پيئڙس ڪانہ ڪا، تہ ويندا پنهون ڪٺي
ويو سنجهي ساٿ ڏٺي، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

جاڳي اٿي ننڊ مان، بيحد چرڪ پري،
پنهون مونکان پري ٿيو شال تنهن سان پت پڙي
وري شال وري، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

جاڳي اٿي ننڊ مان، پئي ٻانيڻ ٻاڪاري
ڪدي پار پنهونءَ لئي، هنجون پئي هاري
قول پنهنجا پاڙي، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

اوکا پنڌ پهاڙ جا، ٽيئڙس پير پٽون
چيتا چيلاٽا جبل ۾، وسن واسينگ وچون
پهچڻ ڪاڻ پنهونءَ جي، پئي وجهي وڏ وکون
سچيون جن سڪون، سي ملنديون ڪرم علي چوي

ڏکيءَ ڪي آهي گهٽو، ڏونگر منجھ ڏر
اوکا پنڌ پهاڙ جا، ٻاري سجهي ٻر
ٻڌئي ڪين ڪنن سان، توڏن سندي رڙ
ڪرم علي ڏوري ڏک ڏونگر، هل تہ پهچين هوت ڪي.

آيئي ننڊ نياڳ جي، غافل ٿي تون سُتئين
ويل وئي سا گذري، اها ويل گُتيئن
ٻڌي رڙ توڏن جي، چوري چو نہ اٿئين
سات سنجهي ويو نڪري، اجا اک ڪين پٽين
ڪرم علي محبت ڪين مٿين، هل تہ پهچين هوت ڪي

اٿي سنبر سسئي، ڪر ساجهر سانگ سفر
ساٿي تنهنجا سنجهي ويا، ڪري ڏير ڏمر
ڪين ٻڌءِ ڪڙڪات چو، سات سندي سرير
هِئين هندايو ڪين تو، آريءَ جو اڪر
ويهي نہ وقت وڃاءِ تون، ساجهر سنبت ڪر
ڪرم علي چوي چوري ڇڏ ڇپر، هل تہ پهچين هوت ڪي

سسئي هلي سج ۾، جت باندر بلائون
اوکا پنڌ پهاڙ جا، کري هيڪل اِلاهون
ٻُڌي ٻروچ ٻاجهه سان، من اڇي اوراهون
عرض کري تي الله کي، هٿ ٻڌي ٻانهون
وري بخت کرم علي چوي، ته پهچي هڪ پل ۾.

سسئي سکيئن کين کي، کا ٻاروچي ٻولي
هوت ڇڏي ويا هيکلي، هت گوندر ۾ گولي
کنواٽن جي کٽکڻ جي چو، ڳالهه نه تو ڳولي
ويا کرها قطاري رات جو، روهين منڊ رولي
هيهات هيهات لَمَا ٽُوئِڊُون، هينئڙي ۾ هولي
کرم علي کندو سئولي، هل ته پهچين هوت کي

اٿي سنبر سسئي، چوهئون ڇڏ ڇپر
اڳيئون ڏک ڏونگر جا، ٻاري سجهن ٻر
سور سختيون سج جون، وندر کيئي ور
آيئي نند نياڳ جي، کيچين لڌ نه کر
ٻڌ نه ٻاروچن جي، کنين کا سرپر
کرم علي ڏکيا اٿئي ڏونگر، هل ته پهچين هوت کي

سسئي سنبر سويل، ويهي رهه نه ويسلي
توکي آئي نند نياڳ جي، اٿئين کري اويل
سات سنجهي ويو نکري، ڏٺئي کين ڏير
کرم علي هوت هتان ويا، ڇڏي واهيري ويل
جاڳ ساجهر تون سويل، هل ته پهچين هوت کي



Gul Hayat Institute

سسئي جاڳي ننڊ مان، ٻانهڻ ٻاڪاري
پڇي پوٽيدار پئي، ڍارا ٽي ڍاري
قول ڪوهيارو پاڙي، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

سسئي سنبري ڪيچ ڏي، رکي اڪير گهٽي
آهي ٻاروچل مونسان، سهٽو ساٿ ڏٽي
ايندو خاصي خبرڪٽي، قلب اندر ڪرم علي چوي

مڙي آيون سپ جيڏيون سسئي سندي گهر
باندر بلائون گهٽيون، ٻيا ٻاري ٻجهن بر
ڏوٻڻ ڏيان ڏر، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

سسئي جاڳي ننڊ مان، پئي سجر ڪٽي پير
ڪو لکئي لوح قلم جي، پيريو اهڙو پير
هل نہ پسين هوت ڪي، وڇئون ڪڍي وير
پيرائتو ڪڻ پير، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

خبر پئي مون ڪا نہ ڪا، ڪندا اهڙو هاجو ڏير
آئي ننڊ نياڳي غفلت جي، جاڳيس ڪانہ سوير
پنهون نيندا جت پاڻ سان، هو اهڙو اير نہ پير
ڏاڍي ڪري ويا ڏير، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

هڪڙا ڏک ڏونگر جا، پيو چڙهي ويم ڏير
جي مون پرکيو مامرو، هوند نہ سمهان هير
جَفَ القَلَمَ پئي پاڙيان، پاڻ چنا هت پير
هلندم شال سوير، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

لڪ لانگها ڏسي جبل جا، عشق اٿايا پير
دم دم پئي دانهون ڪري، گهٽ نهاري گهير
ڪيچن قول نہ پاڙيا، ڪئي هوتن هيرا ڦير
ٿيا ويري ڏاگها ڏير، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

هوت چڙهي ويا هيڪلي، نٿي ساهَ سَري
پنهونءَ سندي سات جي، خبر ڪير ڪري
ڏوريندي منجهہ ڏونگرين، منهنجو ڏيل ڏري
وِهلو شال وري، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

لڳو ٻانيڻ ڪي ٻاڻ ٻروچ جو، ڪئي چاهت چڪنا چُور
وس نہ ويچاريءَ سندو، ٿي وڃي پئي وهلور
ڪيئن پيادي پڄي پنهونءَ ڪي، ماري تنهن مذڪور
پرٽ پڄائي پُور، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

سسئي مڙي ڪين ڪي، چڙيا چوري چوهہ چپر
ننگ ٻاروچا آهي توتي، ڪجان نينهن نظر
جيڪو سڪ رکي سير، سو پهچاءِ پاڻ ڪرم علي چوي

ڪو ڏمر ڏرين من ۾، اها پروڙ نہ پيئي.
رجم نہ پيو تن روح ۾، ويا ڏولاوا ڏيئي.
ڏونگر ڏوريان جن لئي، ويا ڇپر ڇڏي سيئي
مام رکي ڪا من ۾، تن ساجھر سنجھيئي
پنھون نيائون پاڻ سان، ويا اوتي اٺ نيئي
ڪرم علي پرور پت رکيئي، هل تہ پھچين هوت ڪي.

سنجھي ساريئي ڪينڪي، پوءِ پھتينءَ هاڻ
ڇڏي گھوٽ گھر ويو، جاتئي ڪين ڇاڻ
هاٿي هت هٿين گھٽا، ڪوھياري جي ڪاڻ
پائي گھگھيلوگجرو، اچي پنھون ملندو پاڻ
سمجھين ڪين ڪرم علي چوي، ٻاروچاٽا ٻاڻ
پائي پاند ڳچيءَ پاڻ، هل تہ پھچين هوت ڪي

سسئي سمجھو ڪين، ويا هوت ڇڏي
ستي غفلت رکي رات، ويا لانگھا لڪ ڪٽي
پوءِ تي هت هٿي گھٽا، ٻيوس ٻاک ڦٽي
اصلي آريءَ ڄام سان، محبت ڪانہ مٽي
وري بخت ڪرم علي چوي، جيڪو هت ڪٽي
سڪ سچي ڪيئن هٽي ، هل تہ پھچين هوت ڪي



Gul Hayat Institute

غافل تون غفلت ڪري، ستئين ساري رات
خبر پيئي ڪانہ ڪا، ڪن تي ٻاروچاڻي بات
ڏئي ويا نند نياڳ جي، چڙهي ويا پريات
ٻڌي تو ڪين ڪنن سان، توڏن جي رڙاٽ
جاڳينءَ ڪين جتن لئي، تو جنين جي تات
وري بخت ڪرم علي چوي، ووڙي لهين ولات
محبوباڻي محلات، پهچين هڪ پلڪ ۾

آيئي نند نياڳ جي، غافل تون ڪيئن ستئين
لنگهي سات سنجهي ويا، ڀوري تون ڪين اٿيئن
ٻاروچاڻي ٻولي تون، اصل ڪين سڪين
ور وڃائي پنهنجو، پئي منهن متو پٽين
ڪرم علي چوي دل مان، محبت ڪين مٽين
جي سچي ثابت تين، تہ پارس اچي پاسو ڏيئي

اوڪا پند پهاڙ جا، روهہ ٻجهن ٿا راهہ
سهي سور سختيون، ڪاهہ ڪيو پئي ڪاهہ
لڪ لانگها جبل جا، ڏونگر وڏا ڏاهہ
پڙائي بخت ڪرم علي چوي، ملئي وندر ۾ ڪا واهہ
پائي پرت پساهہ، هل تہ پهچين هوت ڪي

Gul Hayat Institute

گهمي گهڻ گهير جبلن جا، جت روھ ۽ جهن راوا
پبَ پٽيون پاھڻ پيچرا، ڏکيا ڏونگر ڏولاوا
لک لانگها سوڙهيون لڪيون، چگر جت چاوا
ڪيچي ڪوهيارا رات ويا، لک لنگهي لاها
هاڙهي ۾ هلي هوتن لئي، جت جانارن جاوا
مٽ مائٽ سڀ ڇڏي ويا، ڪونہ اوڏا سي آيا
ڀڙائي بخت ڪرم علي چوي، پهچائي هڪ پلڪ ۾

سسئي سڪي ڪين ڪي، سرتين ڪان صلاح
پنهون وٺي ويا پاڻ سان، چاڙهي منجهان چاھ
ڏک ڏولاوا ڏاڪڙا، ڏونگر وڏا ڏاھ
سوچي ڪر صلاح، ڪرم علي هل تہ پهچين هوت ڪي

غفلت جي ننڊ ۾ ستي، جاڳي ڪين پريات
لنگهي سات سنجهي ويا، توڏن ڪيا رڻات
ننڊ مان جاڳي ڪين ڪي، آيو ڏکي تو ڏهاڳ
وري بخت ڪرم علي چوي، جاڳي من کو ياڳ

ساجهر ٿيءُ سجاڳ، هل تہ پهچين هوت ڪي
ستي هئي جان سسئي، ويا سنجهي سات چڙهي
آيا ڏک ڏونگر جا، تنهنجي موھ آيا جي کهي
لکيو انگ اصل جو هو، آري ڄام سان اصلي
رکي سڪ سچي ڪرم علي، هل تہ پهچين هوت ڪي



Gul Hayat Institute

ڏکي کي آهن ڏک گهڻا، چپر ۾ چوڏا
لڳن ڏک جيئن گهڻا، ترسن کين توڏا
کهئي پايان ماري کيچن، کيچن کي اوڏا
وري بخت کرم علي چوي، تون بانور کرين کيڏا

اتي سسئي تي سجاڳ تون ساجهر کر سعيو
سمهڻ منجهان کين تيو، تون ويهي وقت وڃايو
پوءِ هٽين تي هتڙا، جڏهن ساٿ موڪلايو
جيکي ستا پيا هيا ننڊ ۾، تن کين کمايو
پوءِ هٽنديءَ هتڙا، جڏهن ڪال سر تي آيو
کرم علي ساجهر کر سعيو، هل تہ پهچين هوت کي

ستين سور پرائيا، جي جاڳيا تنهين جس.
هوت بہ اٿئي اتهين، تون رڙهي تنهنکي رس
ٻاري باهہ برهہ جي بدن ۾، پروانو تي پس.
دلبر بہ اٿئي اتهين، وٺ رڙهي تنهن جو گس،
عشق سندي آڙاهہ ۾ هلي، کجان وڏو وس،
انگ اڳي جو لکيو، کانهي ميٽڻ جي مس،
پنهنجو پاڻ ۾ پس قلب اندر کرم علي چوي

Gul Hayat Institute

سسئي کي هيو سور جو، رات ڏينهان راڙو،
سنجهي ساٿ ويو نڪري، هٽي ڏوهڻ تي ڏاڙو،
اڳيان ڏک ڏونگر جا، ڪوهه ٻجهي ڪاڙهو،
ڪري ڪوهيارو ويو، مونسان هي مارو،
روئان تي پئي رت ڦڙا، ڳوڙهن ڳل ڳاڙو،
ملڻ جو ڪرم علي ڪندس، وس وڌو وارو
جي قسمت پڙايو، وجي ملندس ڪيچين سان.

سسئي روئي رت ۾، تي نيڻن وهائي نار،
وس ناهي منهنجو، بيوس آهيان لاچار.
ڪاهي ڪرهو ڪيچ ويو، سنجهي ئي سردار
سوڙها لڪ جبل جا، جت بدون بي شمار
ملڻ جي ڪر ڪرم علي ، آسڪ اندر ۾ سار،
سئولي ڪر ستار، ملان پنهنجي هوت سان.

هوت آ تنهنجي هنج ۾، تون ڏورين پئي ڏونگر،
پس پرين پنهنجو پاڻ ۾، دم دم دل اندر،
لاَاِلا وارو هڻ ڪڙو، من جي لاهج مر،
اَلاِنسان سِرّي وَاَناسِرّه، سائي پاڙج پر،
ڪر صحيح عشق ڪرم علي، نيهي رک نظر
جن سڃاتو پنهنجو قدر، هوت مليو تن هنج ۾

Gul Hayat Institute

اتيئي هوت هيا۾، ڪيئن ويهان وساري،
جيسين جيان تيسين روئان، ٻانهي ٻاڪاري
ڦاذڪُرُوني اَذڪُرڪُم، سبق پڙهان پئي ساري
عشق اندر ۾ آتش لائي، ماس هڏا پيو ٻاري،
اکيون روئن رت ڦڙا، هنجو هت هاري،
سڪ ۾ ڪرم علي چوي، هل تہ پهچين هوت ڪي.

سڪ رڪن جي ساھ ۾، سي ووڙي لهن وَر
ڪٽن قدم خوشيءَ سان، پاڙن پنهنجي پَر
ڪرم علي چڏي چپر، وڃن سلهاڙيا سات سان

سئي سدا سڪ ۾، تي ٻانهي ٻاڪاري
هاڙي هوت هليا ويا، ڪرها قطاري
روئي تي رت ڦڙا، ڳوڙها ڳلن تان هاري،
پڇي پوتيدار تي، پئي ٻر ٻر ٻاڪاري،
ساري تي سڪ منجهان، ويل نہ وساري
رک تون سچائي دل ۾، تہ هوت ملئي هاڙهي،
سندرو ٻَڌي سڪ جو، ڪرم علي ڪاھ ڪيو ڪاهي،
سور اندر جو ساري، هل تہ پهچين هوت ڏي.

Gul Hayat Institute

## بيت سهڻي

ڇڏي سانگو سر ساھ جو، ڪاھي پئو تون ڪن ۾
پسي دهشت دئورِدرياھ جو، متان ڏرين تون من ۾
ڪن ڪڙڪا ڪُن ڪارونيار جا، جيئن گرجي گهور گگن ۾
موج پريو مهراڻ وهي ٿو، مستي موج مگن ۾
ڪرم علي رک سچي سڪ، پهچين تون هڪ پل ۾

سهڻي گهري پئي سير ۾، سٽي سرجو سانگو
جت لهرون لس ليٽ وهن، هلي تارچڏي تانگهو
لهرن لوڙهي ات سهڻي جت قاصد نہ ڪانگو
ڪن ڪڙڪا ڪُن ڪارونيار جا، جت لڪ ناهي لانگهو
نيئي نينهن نهوڙي سهڻي، برھ تيس بانگو
ڪرم علي سالم وجي شل سير مان، آهي عشق اٽانگو

سهڻي گهڙي سير ۾، ڪري الھ توهار
اٿنيهين اونداهي گهڻي، ٻيو ڪڪر ڪارونيار
پرور پار پڄائين تون، آهيان تو آڌار
عشق آندي اوڙاھ ۾، ساٿي ٿيءُ ستار
وري بخت ڪرم علي، سالم وجي شل سير مان

Gul Hayat Institute

ڪاهي پئو ڪُنن ۾، چڙهي سر ساه جو سانگو
ڏسي چوه چولين جو، متان من ڪرين ماندو
سوچي سمجهه سهڻي، عشق چالئي هٿ آندو
گهري پئو تڪ تار ۾، چڙهي ساهه سنڌو
وري بخت ڪرم علي چوي، سالم وڃين سير مان

سهڻيءَ ٿي سڪ ۾، واهڙ هڪڙي وڪ
روئي روئي رت ڦڙا، جنهن چولو ڪيو چڪ
ميهر محبت سان ڏني، پريم سندي ڪا پڪ
ڪا جا پيتم سرڪ سڪ جي، چاتيءَ لڳي چڪ
ڪرم علي دل ۾ پيئي پڪ، ملندي نيڻ ميهار سان

سهڻي گهڙي پئي سير ۾، هئي توڙئون ڪا تقدير
ڏسي لهرون ليٿ مهراڻ جون، نيڻن وهائي نير
تيئم ساه سڌير، ڪو پهچائي ڪرم علي چوي

سهڻي گهڙي سير ۾، ڪري توڪل ترهو تار
واهڙ ڪي ها ور گهڻا، لهرون لک هزار
عشق آرام وڃائيو، وڃي پئي منجهه پاتار
لهرون لس ليٿ وهن، ڪُنن ڪارونيار
نينهن نهوڙي نار، مڙي ڪين ڪرم علي چوي



Gul Hayat Institute

ميهر جن کي من ۾، نہ تار ڏسن تانگهو
ڪرم علي چڏي سر ساھہ سانگو، ڪاھيو پون ڪنن ۾

پرينءَ پر سڪ مان تو ساھڙ ڪري سڏ
ورور ڪنڌ ورائي ڏسي، ميهڙ سندو مڏ
ميهر سان شل گڏ، هوندس ڪرم علي چوي

سڪ ميهر جي مونکي ڪيو، چوٽيءَ تائين چُور
رات ڏينهان مون من ۾، ميهر سندا پور
ڪاري رات ڪارونيار ۾، هلڻ تيم ضرور
ناهي ڪو ڪرم علي چوي، مون محبت ريءَ مذڪور
تي ميهر لئي مسرور، ملندس وچ مهراڻ ۾

سهڻي گهڙي سير ۾، جت ڪُن ڪڙڪا ڪارونيار
واهڙ ڪي تيا ور گهڻا، ريءَ ترهي تري ڪيئن تار
رهبر رسج تون راھ ۾، ساهڙ چام ستار
پَسڻ ڪان ڪيئن پري رهي، جا نينهن نهوڙي نار
سر گهوري گهڙي تڪ تار ۾، ڪري الله توهار
پل ۾ پهچائج پار، ڪرم سان ڪرم علي چوي

پيلي سندي پروَسي، ڪيئن تون ترين تار
سٽ نہ جهلي سو سائر جي، جنهن جي تون آڌار
اوڪي سير سموند جي، جت ڪڙڪا ڪارونيار
ڪر تون توبهہ ڪرم علي چوي، پهرئين پهچين پار

Gul Hayat Institute

سرگھوري گھري پئو گھير ۾، ڪري الله توھار
توڪل ٻڌج ترھو، تہ پھرئين پھچين پار
جي وچن ڪيا تو ساھڙ سان، پاڙج قول قرار
الله تي آڌار، پل ۾ پھچائي ڪرم علي چوي

چولين سندي چوھ ۾، ڪچو پيو ڳري
موج متي مھراڻ ۾، لڳي ڌم ڏڙي
ورلھيءَ جا واھرو، تارن منجھ تري
سڻي سڏ سھڻيءَ جا، واھر تيءُ وري
جنھن سان جيءَ جڙي، ڪڏ ڪُنن مان ڪرم علي چوي

سھڻي گھڙي سير ۾، ڏسي ساھڙ سندو سَڳُ
پيلو پڇي پورا تيو، جوڙ نہ جڙي جڳُ
مڇيون ڪچون مڙيا متان، وريو واڳن وڳ
تن من گھڻو ماندو تيو، اچ ميھر الھ لڳ
وري بخت ڪرم علي چوي، پڳھ پھچي پڳ
پار پھچي ھڪ پل ۾، ملي مرڻ ڪان اڳ

نڪا سيڻاھ نہ ترھو، نڪا تري جاڻي تار
ڪچو گھڙو ڪري ڪچ ۾، پئي ڪاھي ڪارونيار
تڪي سير سمونڊ جي، پئي منڊ وجي پاتار
ڪرم علي بخت ورائي وار، تہ پھچي ھڪ پل ۾

Gul Hayat Institute

جيئن جيئن ساهه سرير ۾، تيئن تيئن ميهر من
ڪاهي پون سي ڪن ۾، سر جو سانگ نہ ڪن
هيءَ جا موج مهراڻ جي، ڏسيو ڏيل ڏڪن
ڪرم علي وچئون ڪيئن ورن، جن ڪي ميهر من ۾

مينهون تنهن ميهار جون، ٻيلا ٻيٽ چَرن
ويهن ڪين وٿاڻ تي، نہ گهارن منجهہ گهرن
تيو چرڻ چاهه جن جو، سي مينهون خوش وسن
سڻي سڏ ساهڙ جا، ٽيون ٻيلي پاس ٻُرن
ڪاريون ڪنديون لاڪيون، پوريون پاڻ ورن
ڪرم علي سُور سُرن، من ۾ ميهر يار جا

سهڻي گهري پئي گهير ۾، ساوڻ سندي سير
ليٽن ڪنڌن جي هئي، توڙئون جي تقدير
پيلي پلائي سهڻي، پئي نيڻن وهائي نير
تار اچي هن تار مان، تون داتا دستگير
والي ورائي وير، ڪڍ ڪرم علي ڪارونيارمان

اٿي آڌيءَ رات جو، سهڻي ڪري سعيو
ڪاهي پئي وچ سير ۾، پيلي ڪين پڙايو
چُرڻ پرڻ سنڌن ڇڏيو، تار تکي تايو
بيساهي بيوس بت ڪي، پائيندڙ ڪٽي پايو
لهرن جي تڙ پيڙ ۾، ڪو آڏو نہ آيو
ڪرم علي ٽئي بخت سوايو، پهچائي هڪ پل ۾



Gul Hayat Institute

پرينءَ پر پريت مان، پيو ميهر پڪاري
پيلو پچي پور ٿيو، پئي ڪامڻ ڪوڪاري
منڌ ماندي ٿي مهراڻ ۾، سڪ ساهڙ سنياري
پهچ پيغمبر پير تون، وچ تار منجهان تاري
قادر شل ڪاري ڪرم علي، پهچي هڪ پل ۾

اوڪيءَ ويل درياهه ۾، لڳي لهرن جي تڙ پيڙ
چڏ سهڻي سانگو ساهه جو، اوکي آهي سير
شال بچائي بلائن ڪان اچي، داتا دستگير
والي وسيلا ولهيءَ جا، پهچ پيغمبر پير
ميٺ مدايون منهنجون، قادر ڪل تقصير
ڪرم علي ڪري مهر محمّد مير، پهچي هڪ پل ۾

توڪل جو ترهو ڪري، پئو ڪنن ۾ ڪاهي
چوليون ڏسي چرڪين متان، چڏ لاڳاپا لاهي
سانگو چڏي هل سير ۾، سينو تونِ ساهي
ڪرم علي قادر جي چاهي، پهچين هڪ پل ۾

پرينءَ پر پريت مان، پيو ميهر سڏ ڪري
هلان ڪِي ويهي رهان، مون ساعت ڪين سري
وري بخت شل ڪرم عليِ چوي، ميهر سان پت پڙي
سا وچئون ڪيئن وري، ٿيو ميهر جنهن ڪي من ۾

Gul Hayat Institute

سائر سڪائي سوڪ ڪري، داتا دستگير
ولهين سندو جو واهرو، مديني جو مير
ٻڌڻ ڪان تاري اچي، ميٺي هر تقصير
ڏيئي پانڌ پڄائي پار، لاهي لهرن جي تڙپيڙ
وري بخت ڪرم علي چوي، پهچي هڪ پل ۾

من ماندو ميهر يار لئي، پيو ساه اندر ساري
پل هڪ پاسي ڪين رهي، منجهه گوندر گذاري
ماريو محبت مامري، پئي ٻهڳڻ ٻاڪاري
ڪيئن ملجي ڪرم علي چوي، هنجون پئي هاري
والي شل واري، پهچائي هڪ پل ۾

Gul Hayat Institute

## بيت راڻو

راڻو رنجايو آ گهڻو، مومل تنهنجي مت
ڪوڙن تنهنجن قسمن ڪان، راڻي جي ڀڳي پت
وَرُ وڃائي تون پنهنجو، ڪوڙي ڪرين مصلحت
دل پلي جنهن پڪي ڪئي، ڪين ايندو تو وٽ
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

مومل منجي ميڙ تي، ڏيو سوڍو پرچائي
آهن مون ۾ مدايون گهڻيون، ڏوهه ڏيو بخشائي
معاف ڪري من منڌ ڪي، ڪو سوڍو سرچائي
ڪام رکي جنهن ڪڇ ۾، ويو رنج رکي رائي
ويندس ڏاڍي ڏول ڏي، پاند ڳچي پائي
ڏيو راڻو ورائي، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

آءُ راڻا ڪهي ڪاڪ تي، پوي نه لوڪ لڪا
ڪاڪ ڪاڙهي ڪاري ڪئي تنهنجي چاهه چتا
سيج پلنگ سولي ٿيا، جيئن پيرا تو ڀڳا
ور ڇڏي وير وَلها، ڪر منهنجي معاف خطا
موٽي آ ميان مينڌرا، سڻ سوڍا درد ڪتا
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

راڻا تنهنجي رسڻ جا، تڪا لڳا مون تير
راڻا تنهنجي رسڻ جا، پيا چاڪ اندر ۾ چير
بخش اچي مون مينڌرا، منهنجي تون تقصير
سوڍا رکي سچ سير، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

ميڻجن مدايون تڏهين، جڏهن پارس ڏئي پاسو
لوهه ٻه مَنجي سون ٿئي، اگهجي ڪٽ ماسو،
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

## بيت ليلان چنيسر

جو مڪر ڪونروءَ من ۾، سو ليلان ڪو نه لکيو
هاري هرڪي پئي هارتي، جنهن پنهنجو ور مَٺيو
سچو هيرو هٿان ڏئي، ڪوڙ ڪچ ڪٺي ورتو
مٺئي وڏي منڊ مامري، پئي پٺي منهن مٿو
ڪرم علي ڪيئن ڪٺي ڪنڊ مٿو، جا ڪانياري ڪانڊ جي

مِٺئي وڏي منڊ مامري، ڇوري تو ڇو آهه مٿيو
مَٺ نه ڪجن ڪانڊ جا، توڙي ڪوڙو هوءَ ڪچو
خبر پوندءِ حساب جي، جڏهن پرور پاڻ پڇيو
ڪنديئءَ جواب ڪهڙو، جڏهن مَلڪن ڪجهه ڪڇيو
ڪرم علي تنهن ڪنيو، جنهن رکيو ست جهان ۾

ڪيڏو مڪر ڪونروءَ من ۾، منڊ مني مٺئي ڪاڻ
هاري پئي تي هٿ هٽي، موڙهي موهي پاڻ
ڪرم علي ڪونروءُ ڪن ۾، ڪئي چنيسر ڪي چاڻ

ليلان منجي ميڙ تي، چام چنيسر ڏي هاڻ
هلو مونسان ميڙ تي، ڪانڊ پرچائڻ ڪاڻ
آهيان داسي تنهنجي در جي، تون پنهنجو سڱ سڃاڻ
ڏڪج عيب اوٺايون داسڙا، هي مدايون ۾ ماڻ
مڪر نه ڇاتو ڪونرو جو، مون اياٺي اڻ چاڻ
ڪرم علي آهي گهٽي پيشمان ڪانياري تو ڪانڊ جي

Gul Hayat Institute

سرتين سندي صلاح تي، ليلان هئي لڳي
ڪوڙرو ڪارا ويس ڪيا، تاهي ناهه ٿڳي
بازي هاري جنهن هار پاتو، لائي ڳل ڳچي
ڪرم علي جيڪا ناهه سچي، ڪانئياري سا ڪانڌ جي

ليلان حيلا ڪيا هزار، چنيسر مڃيو ڪين ڪي
ڪوڙيون وٽن نه ڪانڌ ڪي، توڙي سهس ڪن سينگار
پڳي پت پتار جي، ويڙهيو تنهن ويچار
ڪانڌ ڪيئن مڃي قسم ڪي، ڏسي ڳچيءَ ۾ هار
اتئي ساڃي ربّ ستار، قلب اندر ڪرم علي چوي

ليلان ورتئي هار، وڪڻي ڪانڌ لڪن جو
پوءِ ٿي پيشمان گهڻي، ڪرين حيلا پئي هزار
ڪامڻ سمجهيو تو ڪانڌ ڪي، ڪو سودو هٽ بزار
ويهي سرتين وچ ۾، سڀ ڏيندءِ لوڪ ميار
توڙي ڪرين قول قرار، ڪين مڃيندءِ ڪرم علي چوي

ڪوڙرو ڪري جاڙ، وئي ليلان ڪان ڪسي سهاڳ
چنيسر ويو پت ڪٽي، جنهن جو لکيو جهڙو ڀاڳ
من موٽي تنهنجي ماڳ، ميٺي مدايون ڪرم علي چوي

ليلان ڇڏ هوڏ تون، ٿي سياڻي سرت سڄاڳ
ڪر عجز آزيون بندگيون، من کلي تنهنجو ڀاڳ
ڪر سڏڙا داتا دستگير ڪي، من وري ورائي واڳ
ميٺي مدايون ڪرم علي چوي، اڃي ساڻي ٿئي سهاڳ
ڪري ڀلايون ڀاڳ جو، پارس اچي پاسو ڏيئي

# بيت ماروئي

اکيون اداس اباڻن لئي، ٽيون جر وهائن جال
چڏن چيلا چيک سي، منهنجا مارو چارن مال
راتيان ڏينهان روح ۾، تن جي سک سنيال
کٿي باندي موک کرم علي چوي

مارو‍ئڙن ريءَ منهنجي، نٿي ساهه سري
واجهائي ويڙهيچن کي، دل سورن ۾ سڙي
وڃان شال ملير ڏي، منهنجي پت پڙي
کٿي باندي موک کرم علي چوي

واهر ٿي هن ولهيءَ جو، تون داتا دستگير
ميٺ مدايون منهنجون، تون مديني جا مير
سڻ ستايل جا سڏڙا، هي دلڙي آ دلگير
هکل ۾ اچي حاضر ٿي، هادي حيدر پير
کڍ بندياڻي بند مان، اڙيل هيءَ اسير
کٿي باندي موک کرم علي چوي

مارو‍ئڙا منهنجا ملير ۾، اهڙيءَ ريت رهن
پٽ پٽيهر پهرن کين کي، لويون لڳين کن
سرها ساڳ للر ۽ لاٽا، ڏت آ ڏاج سندن

Gul Hayat Institute

ڪاھن ڪاج خوشيءَ سان، ٿيا پَٽن پاٽا تن
واري ولر ويڙھيچا، ڇيلا ڇيڪ ڇڏن
وسڪار وسي وس ڪيا، ٿيون گلزاريون گاھن
ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

وسرن ڪين ويڙھيچا عمر اباڻا
پيرون پڇي لعل ٿيا پَٽن تي پاڻا
خوش وسن تا ڏيھ ۾ ڏوٿي ڏاڏاڻا
ڪلي پيئن ڪير سي ڏوٿي ڏاڏاڻا
مونکي سانگي سيباڻا
ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

ڪٿي اڏن ڪٿي ڇڏن، پٽ پوٺا پراڻا
ولر چارن چاھ سان، منھنجا سانگي اباڻا
چارن ٿرڙا ٿوگن ۾، پَٽون جن پاڻا
وڃي ويڙھيچا وري ڏسان، ٻڪر ٻاپاڻا
ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

رکي پٽ پنھوارن جي، شل پرور پاڪ ڏٺي
ڪانہ ٻڌي سي ڪڏھن ويا پنھوار ڪا ڪٽي
لکيو ٿري نہ ڪڏھن، جيڪا رب ڪي وٺي
تنھنجو شال بخت وري، ڇڏئي ڏٺي ڪٽي
ڪٽي ٻي ڏوھي موڪ ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

مارن ملڻ جي اٿم اندر منجهه اڪير
ساري سنگهارن کي گهڻو، سندم ساهه سرير
ڏانهون درد وندي جون، سڻ داتا دستگير
رک پردو پنهوارن جو، سچا لنگهائج سير
وارئين بخت ولهي جو، معاف ڪرين تقصير
پرور تون پير، ڪٽي بي ڏوهي موک ڪرم علي چوي

ماروئڙن جي ملڪ تي تين، پيرون پسيون ڏٿ ڏونئرا
سگر ڪاج تن سنگهارن جو، ڏارن ڏنار ڇيلا
عمر منهنجي ملڪ ملير جا، ناهن ماروئڙا ميرا
شل بخت ڦيري ڦيرا، ڪٽي بي ڏوهي موک ڪرم علي چوي

ماروئڙن جي ملڻ جون، ٿيون جهنگن ۾ جهوڪان
پڪا اڏن پنهواريون، ڪن پٽن تي اوٺان
ڪائن پنهواريون ڪير ڪتا، خاص خوشيءَ مان
پيئن ٿيون پنهواريون، پايو پلر جون پيچان
ڪن ولوڙا سي ويڙهيچا، پٽن تي پوڪان
ڪٽي بي ڏوهي موک ڪرم علي چوي

ماروئڙن سوا منهنجي، ڪا ساعت ڪانہ سري
ٻڌي ڳالهيون ماروئڙن جون، پيو اندر ڏيل ڏري
ڪاوان ڪاج ڪين ڪي، ڪائيندس سگر ساڳ سري
اتبر اڪير اندر ۾، ويندس ويڙهه وري
آتا مينهن ملير تي، ايندا سانگي سانگ چري
ڪٽي بي ڏوهي موک ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

لوئي جي تون لڄ رکين، جن لوئي جوتون سير
مارو منهنجا تہ ملير ۾، ڪليو پيئن ٽا ڪير
پردو پنهنوارن جو رک تون، داتا دستگير
مارن ملڻ جي من ۾، عمر آهہ اڪير
ڪٽي بي ڏوهي موڪ ڪرم علي چوي

پٽن جي پر ۾، منهنجا مارو ڪن واڙيون
جهڳٽا جهڳن جهانگيئڙا، مال اڇن چاريون
ڇيلا ڇڏن ڇيڪ سي، ڦرڙا ساريو سنگهاريون
ملڻ لئي ماروئڙن جا، سور وڃن ساڙيون
ڪٽي بي ڏوهي موڪ ڪرم علي چوي

شل پريت پکن جي پاڙيان، لوئي اباڻي لال
ڏيئي پاند پناهہ جو، تون ڏکڄ ڏکڻ هار
سور سرجيا سانگيئڙن جا، سيني سو هزار
وسڪاري وسي وس ڪيا، مٿان ملير چوڏار
ڪٽي بي ڏوهي موڪ ڪرم علي چوي

منهنجن جهانگيئڙن جون، ٿيون جهنگن ۾ جهوڪان
پيئن سدا پنهنواريون، ڪير ڪٿا ٿيون موڪان
چارن ٿيون پنهواريون، ڦر ڇيلا ڇڏي ڇيڪان
ڏهرن پاسي ڏيرا تن جا، ٿر ٿوهر ڪن اوٺان
ڪٽي بي ڏوهي موڪ ڪرم علي چوي

پٽ پنهوارن جي سال، رکندو پاڻ خدا
بي ڏوهي آهيان بند ۾، تيا قابو ڪوٽ ڪڙا
مارن مياروں مارن جون، سرتين جا سور سدا
موڪل ڏي مياڻ سومرا، ڇڏ باور تون بندا
ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

مارو منهنجا ملير ۾، سانگي خوش رهن
ڏٿ ڏونئرا ڏوٽيئڙا، قوت پنهنجو تا ڪن
سينگيون سرتيون سومرا، ويڙهن منجهه وسن
سرتيون پٽي سگريون، ٽيون چاهه منجهان چاڙهن
ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

مارو منهنجا ملير ۾ تا، اهڙيءَ ريت رهن
پٽ پٽيهر پهرن ڪين ڪي، اهڙي چال چلن
لعل لويون لاڪيٽيون، آهي مرڪ ماروئڙن
سرتيون سنگهارون سومرا، جن زيور زهر لڳن
اوڏن ڪتيون ڪتيرا خاصيون، واري وچاٽا ڪن
ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

سرتين سانگيئڙن جو، مونکي مرم تو ماري
جي جهانگي رهن تا جهنگ ۾، قوڳن ۾ ڦر چاري
پٽ نہ پهرن ڪڏهين، ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

هڪڙا اڏن ٻيا چڏن، پڪا پنهنوار پراڻا
تر توهر تين جت گهڻا، تن پٽن تيا ياڻا
سرتين ساهيڙن سرهائيون، ڦوڳ ڦلاڻا
مارو چارن مال تا، تِت ڏوٽي ڏاڏاڻا
ڪٺي باندي موڪ ڪرم علي چوي

وسڪاري وسي وس ڪيا، تيا مينهن مانداڻا
پلپل پون ياد مون، ڏٽ ڏوٽي ڏاڏاڻا،
دم دم آهن تن جا، ترن ۾ تاڻا
مڱ موٺ ۽ مڪٽيون، للر لنب لاڻا
گاهن گلزاريون ڪيون، تيا ڪرسڻ مانڌاڻا
ڳاگيون پچي لال تيون، ڳم ڳنڌير سيباڻا
موڪل ڏي تہ ملير وڃان، جت آهن اباڻا
سانگين سنڌي سڪ جا، ميان جهورن جهوراڻا
ڪٺي باندي موڪ ڪرم علي چوي

ماروئڙن جي ملڻ جا مون، سرجيا سور سرير
روئي روئي رت ۾، نيڻن وهايم نير
راتيان ڏينهان سڪ ۾، هنجون وهن وير
ملي تن ماروئڙن سان، ڪليو پيئان ڪير
ملڪ ملير وسي پيو، تڏي ٿرن هير
قلب اندر ڪرم علي چوي، آهي اباڻن اڪير
پردو رکج پير، مون ملان ماروئڙن سان

Gul Hayat Institute

مارن ريءَ من ماندو گهڻو، نيڻين وهن نار
سارِيان ساهيڙيون ساهه ۾، ڏٺن ساڻ ڏنار
رهن سدائين روح ۾، پڪا ۽ پنهنوار
وس نہ آهيان مون پنهنجي، مارو وسن ماڙ
ملڻ جي ڪرم علي چوي، سولي ڪندو ستار
لاهي لوڪ ميار، ڪٺي مل تون مارئڙن سان

مل تون مارئڙن سان، سانگي خوش وسن
سڪ سرتين ساهيڙين جا، من ۾ مچ مچن
ٻري باهه فراق جي، دونهان درد دکن
ملان تن مارئڙن سان، پل پري ڪين رهن
هڪڙيون چڏن ٻيون اڏن، اهڙي چال چلن
ساهه ساري ڪرم علي چوي، پلپل پاڙيچن
سانگي سڪيا وسن ملندم شال ملير ۾

مارن سندي ملڪ تي ٿيا، پيرون پسيون ڦوڳن ڦلارا
خوش رهن خيال پنهنجي ۾، سڀ سانگي سوپارا
ڳٽيون ڳاراٽا لٽا تن جا، ٿيا مارو متارا
ملڪ مارن جو ملهار ٿيو، ڪيا سارنگ وسڪارا
جهڳٽا جهڳي جهانگيئڙا، جام پيئن جهارا
ڪرم علي منهنجا مارو موچارا، ملندا شال ملير ۾

Gul Hayat Institute

مارن جي ملڻ جي من ۾، اٿم اڪير گهڻي
ماندي منهنجي مليرلئي، دلڙي آ دلگير گهڻي
سنگهارن لئي سڪي هينئون، آءٌ باندي هت بڻي
آهيان بانداڻي بند ۾، هئي هئي هڪ جڻي
وجي ڏسان ويڙهيچا ڪرم علي، ڪندو مولا ماڙ ڪٽي
جيڪا رب ڪي وڻي، وڃي ملان مارُوئڙن سان

مارُوئڙن جي مونکي آهي، سدا سڪ سرير
خوش وسن شل سانگيئڙا، مون ويڙهيچا ولهار
پلپل ساريان پئي سڪ ۾، سي پڪا ۽ پنهنوار
قسمت قيد ڪيو ڪوٽن ۾، بيوس آهيان لاچار
نتا گذرن ڏينهن ڏکن جا، تيو روئڻ زارو زار
الله ۾ اٿم آسرو، هي ڪرندا ڪوٽ قهار
صاحب لڱ ستار، ملندس تن سان ڪرم علي چوي

بيوس رهان پئي بند ۾، ڪري دم دم دل دانهون
ڪن پَون من مارُوئڙن جي، اهي اندر جون آهون
وري وڃان ملڪ ملير ڏي، ڳوڙها ڳل ڳاڙيون
نيڻئون نير وهائيان، هنجون هت هاريون
ويندس ويڙهيچن ڏي، پڇي طاق تنهنجون تاڙيون
ڪرم علي چوي سڀ ساريون، ملان مارُوئڙن سان

وسڪاري وسي وس ڪيا، ملڪ منهنجي چوڌار
گاهن گلزاريون ڪيون، ڦوڳن جهليا ڦلار
ڏوتي ڏٺي مون ڏينهن ٿيا، ڏڻ ڏٺي ۾ ڏنار
شل ميلي ماروئڙن سان، مون صاحب رب ستار
ڏسان ويڙهيچا ولهار، ڪٺي ٻانڌي موڪ ڪرم علي چوي

عمر ماروئڙن جا اٿر اندر ۾ اوقات
سور سهان پئي سختيون، ڏينهان توڙي رات
لاتي سڪ سڪرات، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

عمر اباڻي پار جي، اڄ آئي خبر ڪري
ٿوهه ڦڃي سڀ لال ٿيا، ڦوڳن ڪئي ڦري
ويجهان شال وري، عمر اباڻي ڏيهه ڏي،
ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

سڪ سنگهارن جي آهي، اندر منجهه اڪير
ڏوتي ڏاڏاڻا ڏور ٿيا، جي ڪليو پيئن ڪير
عمر ناحق ڪيوءِ نذر سان، مارو منهنجا مير
ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

پکا تن پنهوارن جا، منهنجي هنيئن منجهه هُرن
مارو هُت مليرِ ۾، جهوريءَ منجهه جهرن
سورن سينو ساڙيو، هر هر ڦٽ ڪُرن
ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

عمر بانور چڏ تون، ڳٽتين ۾ نہ ڳار
بيڏوهي آهيان بند ۾، ڏنارن کان ڌار
پلپل آهي اندر ۾، تن پنهنوارن پچار
سانگين سندي سِڪ ۾، نيٽين وهن نار
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

پٽ پٽونهان ڪين وٺن ٿا، اسانجا واريءَ وچاٽا
مَرڪ منهنجن مارن جو، ٿيو پٽون ۾ پاٽا
لال لويون لاڪيٽيون، ٻيا پڪا پراٽا
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

بي ڏوهيون عمر چو بند ڪجن، جن جا سانگي ڏور رهن
ڪنهن سان سور سلن، اهي جهوراٽي منجهه جُهرن
سانگي سور سهن، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

قسمت آٽي ڪوٽ ۾، ڪنهن امر اڙايو
ٻيو عمر تنهنجن طعنن، من ماري منجهايو
اباٽن ڪيئن وساريو، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

عمر ڏسي ڪوٽ ڪچهريون، متان ڪرين بانور
ڪيئن هلندءِ پاڻ سان، هيءَ دنيا دولت زر
اتي وايون ويندءِ وسري، تون وجي ڏس هيڪر
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

باغ باغيچا آهن سڀ ڪوڙا ۽ ڪچا
دنيا دولت زر جي، ڪانهي ات پچاءُ
وايون ويندي وسري، جت ٿيندي ۽ هر پچا
بانور چڙهه بندا، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڪٽي آئين تون ڪوهه تان، عمر زور ڪري
ٻي ڏوهي رکي ٿي بند ۾، قابو قيد ڪڙي
اٺا مينهن مليرتي، پلر پٽ پري
ڏسي پورب پار ڏي، ٿي منهنجي دل ڳري
پٽ پنهنوارن سان پڙي، ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

اٺا مينهن مليرتي، پلر پرجي ٿيا تار
گاهن گلزاريون ڪيون، ڦوڳن جهلي ڦلار
ساهيڙيون سارن سدا، پرتئون ڪن پچار
الله اوڏانهن وار، ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي

وسڪاري وسي وس ڪيا، ٿيا سرها اباڻا
تر ٿوهر ڦوڳ ڦلاريا، پٽن پاسي پاڻا
اڏيا سانگين سومرا، پٽ پنهنجا پراڻا
ڪُهه تنهنجا چانور چور مان، ڪُهه ڪٽون وهاڻا
جن جا واري وچاڻا، ڪٽي باندي موڪ ڪرم علي چوي


Gul Hayat Institute

الله ڪاتيندو ڏکيا ڏينهڙا، ملڪ وري ويندياس
روئي روئي رت ۾، هي حال سارو ڪندياس
سور سيئي چونديـاس، ڪٽي باندي موک ڪرم علي چوي

هئي هئي پنهوارن جي پار جي، ڪو آٽي خبر چار
بي ڏوهي آهيان بند ۾، بس الله جي آڌار
آهيان اڪيلي لاچار، ڪٽي باندي موک ڪرم علي چوي

رات ڏٺو مون خواب عمر وئي آهيان ويڙه وري
سکين سانگيئڙن سان، منهنجي پت پڙي
لتا ڏولاوا ڏکن جا، قادر پڳي ڪڙي
ويندس مارن ريءَ مري، ڪٽي باندي موک ڪرم علي چوي

ڪٽيا ڏکيا ڏينهڙا، ڪئي مولا مونتي ماڙ
رات ڏينهان هو جنهن کي، منهنجو هي سوال
ڪديائين ڪڙي قيد جي، ڪري پالايون پال
هادي سٽيا حال، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڪڏي بنديئاٽي بند مان، عمر ڏي چڏي
پڪا پنهنوار پٽن تي، ويتا ڏور اڏي
ڏسي ڏورئون ماروئي، ڪيائون سڏ سڏي
تنهن دم مئي ماروئي، ويئي لوءِ لڏي
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي



Gul Hayat Institute

مرڻ ماروئي جو ڏسي، ڪيائون واري وچاڻا
منجهه ڳڻتي ڳاراٽي پيا، ڪنهن جهوريءَ جهوراڻا
سور سيباڻا، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڪڏي بندياڻي بند مان، عمر ڏني چڏي
پري ڪان پئي ماروئي، منجهان سڪ سڏي
ڳچي لڳي ڪِرِي تنهن دم، وئي ماروئي مري
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

خبر ڏنائون ماروئي جي مائٽن کي، ماروئي وئي مري
جنهنجي ڪانءِ ڪوٽن ۾، سانگين ريءَ سري
قسمت ڪانءِ ٿري، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

سچي سڪ جن سيني ۾، خيال نہ رکن خام
الست بربڪم قالو بلٰي، پاڙن قول انجام
سخن سچارا سانگيئڙا، ماڻن موج مدام
دنيا سندي زندگي، دل ۾ پائن دام
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

Gul Hayat Institute

## بيت عمر ماروئي سوال جواب

عمر ڪر نہ ظلم زوراوري، پسي دور مڪان
جواني جوين پيڙا ڪين هلندءِ ، ڪر ٿورو تر ساڻ
موٺائج ماروئي، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

جا آندم منجھ ڪوٽن، سا ناھ موٺائڻ ڪار
ڏوٿين ڏاڏاٽن ڏيھ جا، وهم سي وسار
مارو ملڪ ملير جا، ڪين لهندءِ سار
ويهي هت گذار، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

هت گذاريان ڪين ڪي، توڙي حيلا ڪرين هزار
سڪيا سانگي مون متي، مارون ڪن ميار
هت ويهندس ڪين ڪي، آءٌ ويڙهيچن ڪان ڏار
ٻن ٻانهوٽا تنهنجا هار، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

پڪو ڪر تون پاڪٽي، پل سانگين ڪنان ساھ
پهرج پٽ پٽيهر ماروئي، اها لوئي ڪٺي لاھ
مڃ هي نيڪ صلاح، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڪوٽين ويهندس ڪين ڪي، نڪا لوئي لاهيان
پٽ پٽيهر کي باھ ڏيان، لوئي ڪين لڄايان
مارن مون ملان، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڏيائين موڪل ڪين ڪي، توڙي حيلا ڪرين هزار
رهي پوڄ تون اتهين، ٻي وائي سڀ وسار
پنهنجو پاڻ ڪٺي مار، ڪٺي قلب اندر ڪرم علي چوي



Gul Hayat Institute

جن کي سک سچي، سي ويھي کين رھن
پُرن پريان جي پار ڏي، توڙي ڏک ڏسن
سانگي شال ملن، کٽي قلب اندر کرم علي چوي

چوتو کرين نتر سان، عمر ايڏيون ارڏايون
ايندءِ موت اوچتو، کال متان کاھيون
بي ڏوھيون چو بند کرين، پرايون ڄايون
سڻ ويڙھيچن وايون، کٽي قلب اندر کرم علي چوي

مارئڙن جي مونکي، اندر منجھ اکير
ساري سنگھارن کي، نيڻين وھايان نير
ڏوتيئڙا مون ڏور تيا، جي کليو پيئن کير
قرب جا کرم علي چوي، کات ھئين ۾ کير
پردو رکندو پير، کٽي ملان مارئڙن سان

رکي سر سوليءَ تي اناالحق، چون
عشق سندي آڙاھ ۾، پتنگ جيئن پچن
پاڻ پيل پاوا تيا، اڏيءَ سر اچن
سٽي سر پنھنجو، وجود ۾ ڏسن
چشمو ھک حق جو، مو تي مرد لھن
کٽي قلب اندر کرم علي چوي

مرڻا اڳي جي مرن پرت پکي پاڙين
جو ھيا سو تيا، بيا وھم وسارين
سر ھک صحيح کري، اناالله اچارين
کٽي قلب اندر کرم علي چوي

# متفرق بيت

دنيا دنيا سيڪو ڪهي، ٻڌ دنيا جا پار
پٽ ماري ٿو پيءُ کي، ياءُ ياءُ کان ڏار
اهڙا بڇڙائي جا پار، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

دنيا دنيا سيڪو ڪري، يڃ دنيا کان پري
ڪنهن جي ساڙي باهه، ڪنهنجي ويا چور ڦري
هڪڙن جي درياهه ٻوڙي، ڪنهنجي رهي زمين تري
ڪنهن سان ڪين هلي، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

پير پيغمبر سڪندر جهڙا، ويا هتان لڪ هلي
خبر تن جي پئي ڪا نه ڪا، نڪا رهي نشان ذري
ڪنهن سان ڪين پڙي، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

جو هٿ ڏيندو سو ايندو اڳيان ڪم
دمڙي نه هلندي پاڻ سان، ليڪو پڇندءِ جم
پوءِ غافل ڪائيندين غم، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڏي صاحب جي نام تي، وٺجي ڪر واپار
اڳيان پڇندءِ چا ڪيئي، ڪهڙو ڏوهه ثواب
ڪهڙو ڏيندين جواب، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

هئي هئي ڪري غافل تون، عمر وڃائين
راتيان سمهين ننڊ ۾، ڏينهان غفلت گذارين
پوءِ ڪيئن ملندءِ سائين، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي

يلي ڪندءِ يڳوان هر ويلي هر دم
ڪر مسڪينن تي ڪرم، ڪٿي قلب اندر ڪرم علي چوي



Gul Hayat Institute

ديا ٽيندءِ گر جي راضي ٿيندءِ رام اوهان ڏيو انعام
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

هِت ڏيندين هُت ڪم ايندءِ
داتا جو در دان صاحب آهي سبحان
ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

چڱائي ڪر تہ چڱائي ٿئي، جڳ ۾ اٿي جس
نائي ڪند قلوب ۾، پير پرينءَ جو پس
وٺ گروءَ وارو گس، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

هتان ولر جي ويا سي موٽن ڪين ڪي، ويڙهيچا ولهار
وس چلي ڪنهن جو ڪين ڪي، توڙي حيلا ڪجن هزار
ساهہ اندر آ سار، راتيان ڏينهان ڪرم علي چوي

ويا پري پرديس تي، منهنجا مارو ماڳ متي
سور سرجيا سيني ۾، محبت مچ مچي
شل روحي راند رچي، موٽي ملن ڪرم علي چوي

هتئون ويا جي موٽن ڪين وري، توڙي حيلا ڪجن لک
ميثاقئون ماروئڙن جي هئي مونسان پڪي پڪ
هتي رهندس ڪين ڪي، سانگي ڪندا شڪ
پاڙي وجن شل قول، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

ڪوڙا مڪر جا ڪنا پائن، ڪشتا ڏنڊا ڇيريون ڇمڪائن
در در نچي حال وڃائن، پاڻي لڄي تي گر بہ لڄائن
ڪرم علي عشق ڪان ڪيائون موڙ
ڏس زمانو آهي زور، تنهن ۾ ماڻهو چغل خور



Gul Hayat Institute

ڪوڙمڪر جي تسبيح ڦيري، هٿ منهن ٿو گهڙي گهڙي ڌوئي
اندر چشمون عشق جو آهي، تنهن ۾ دل جو وضو سنوار
ڪرم علي چوي تنهن ۾ رک، پنهنجي ڪوڙ
ڏس زمانو آهي زور، تنهن ۾ ماڻهو چغل خور

هڪ دم جو رک تون ڌيان، ساڳي سر آهين پاڻ سڃاڻ
ونحن اقرب آهي ڪرم علي چوي، حاضر هر جاءِ ڄاڻ
ڏس زمانو آهي زور، تنهن ۾ ماڻهو چغل خور

ڪٿ بادشاهه سڏائي ڪٿي حاڪم ٿي حڪم هلائي
ڪٿي گداگر ٿو سڏائي، ڪٿ عشق حسن جون موجان ماڻي
سير ڪرڻ پنهنجو آ ڪرم علي تو ڪانسواءِ ناهي اور
ڏس زمانو آهي زور، تنهن ۾ ماڻهو چغل خور

اندر باغ اندر بهار، اندر ۾ ميرا اڪيچار
سر ڪيائو صدقو، تن من ڪيائون گهور
رات ڏينهان آهي ڪرم علي چوي، تن ڪي اور
ڏس زمانو آهي زور، تنهن ۾ ماڻهو چغل خور

ڪٿ عشق حسن جون موجان ماڻي
سير ڪرڻ پنهنجو، ڪرم علي توڪان سواءِ نه آهي اور
ڏس زمانو آهي زور، تنهن ۾ ماڻهو چغل خور

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ، آسا

بـره وارن جو بـاب، عشـق اسان کي اچـي تـو پـڙهـائـي

عشق اسان جو اُستاد جو آهي، سـتون سورن سوئي سِکائـي
باه بـره جي تـو پـڙڪائي، علـم عـقـل سڀ چـڏي پـڄائـي

لـوڪ لاڳـاپـا سـارا لاهـي، غـيـر انـدر جـا ڍوهَ تـو ڍاهـي
سـيـر منصوري ڏي تـو ساهي، سوليءَ تي سر عشق چڙهائي

مـرشـد موجون عشق جون آهي، راه تـنهـن سـان طـالـب لائـي
انـاالله تــو پـاڻ چـوائـي، هــو هــو هــر جـا هــل هـلائـي

ڪـرم علـي عشـق امـام جو آهي، عشـق نـماز حـقـيـقـي پـڙهـائـي
ڪـعـبـو قـبـلـو پـاڻ ئـي آهـي، الانسـان تــو سـر سـڏائـي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ سارنگ

تن ۾ تار لڳي مرشد جي
ننڊڙي وئي آهي ڦٽي

مَئي پي مستو مست ٿيا سي
پيتي سي جو ورهيہ وٽي

سورهيہ اچن ٿا قربئون ڪاهي
مرد پون ٿا مڇي مڇي

سڪ سڄڻ جي آهي اندر ۾
دونهان پيا سي دُرس دُکي

سنياسي آهي سر جو سودو
پير نہ ڏي تون پوئين پني

Gul Hayat Institute

فيض علي سائين فيض رسايو
ڪرم علي سر ڏنو آهي سٽي

## ڪافي روپ

پاڻ وڄائي پاڻ سڄاتم، ڳالهه الڪ جي لڪندو ڪير
پنهنجو پاڻ ۾ پاتم جهاتي، ڪونہ ايئن ڪو نهاريندو ڪير
دين ڪفر ڪان آهيون نيارا، رمز رندن جي سمجهي ڪير
الٽو راهه اسانجو آهي، عشق ٻنان ٻيو لهندو ڪير
ڪرم علي آهي سر جي بازي، سوليءَ تي ڪو چڙهندو شير

## ڪافي روپ جوڳ

راهه الله جو مشڪل آهي، اتي اچن ٿا عاشق ڪاهي
خوف ۽ خطرا آهن تنهن ۾، سورهيہ اچن ٿا قدم وڌائي
اناالحق تو نعرو هڻي جو، تنهنڪي چاڙهن سوليءَ ڦاهي
ونحن اقرب ويجهو آهي، عاشق وينا دوئي ڪي ڍاهي
ڪرم علي آهي سر جي بازي، جيڪو اندر ۾ جهاتي پائي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

جوش جدائي تو ماري، ڪير نتو ڪو سرچائي

محب جڏهن جو موڪلايو، دردن دل ۾ دود دکايو
ورهه وچوڙي واءُ ورايو، سورن وڌو هي ساهه ساڙائي

لک تنهنجا پال پلايون پانيان، ڳالهيون ڳڻ پيو تنهنجون ڳايان
پلپل تنهنجا پنڌ پچايان، دلڙي ور ور پئي واجهائي

نينهن نوان نِت ناز ڏيکاري، جوشن ۾ پئي جندڙي گهاري
ساهه سڄڻ پيو توکي ساري، پل ۾ پيارا وڃ پرچائي

ڪرم علي تئي باغ بهاري، ڏي ڪا دلبر تون دلداري
جان جڏي آ سورن ساڙي، واڳ وصل آ يار ورائي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

خبر ناهي پئي ننڍڙي سن ۾، عمر وئي گذري ڳالهين ۾

ننڍپڻ ۾ ڪين ڪيم، رانديون ڪندي وقت ويم
تنهن ۾ سمجهه ڪانه پيم، عمر وئي هي صغيريءَ ۾

هئي هئي ڪندي عمر وئي، ڪل مونکي ڪانه پئي
عمر اجائي سڀ وڃائي، آيس هاڻي اخيريءَ ۾

اڄن جي لڄ اڇي رک تون، پرين پاڻ سان گڏ تون
سگهو سڻ سڏ تون منهنجا، عمر آئي اسيري ۾

ڪرم علي جي پت رک تون، پنهنجو پاڻ اڇي پس تون
ڪارن مان اڇا تيئڙا، آهيان پرتل توکي پيريءَ ۾

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

دکي دلڙي ڪري ٿي دانهون
سڻي من کو منهنجون آهون

ڏجان پيغام ادا ڙي پاندي
آهي دلڙي تو لئي ماندي
ڪوٺن ۾ آءُ آهيان باندي
اچي من کو اوڏاهون

بيو پيغام ڏجان هي ساري
ڳوڙها ڳلن تان هيڪر ڳاڙي
نير اکين مان هر هر هاري
روز ڏسان تي پئي راهون

ٽيون پيغام ڏي قربئون ڪاهي
توريءَ منهنجو هٿ ڪجهه ناهي
ويهان ڪيئن توکي وساري
سور وجن تا دلڙي ساڙيون

ڪرم علي هي دلڙي ساري
ڏکيا ڏينهڙا ويني گهاري
دردن وڌي آ دلڙي ساڙي
پيا ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙيون

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

ڏسي هن خواب کي، نيڻن ننڊ وساري

ڏسي صورت تون ساري، دردن هي دل آهي ماري
برهه اچي ٻارڻ ٻاري، سک آرام ننڊ وڃائي

هيءَ عمر آ ڪوڙي بازي، متان تون ٿئي تو ۾ راضي
گوءِ ڪٽي مرد ڪو غازي، من پنهنجي ۾ ويچاري

جاڳي ڏس تون پنهنجو جاني، متان تون ٿئين حيراني
سمجهه صورت ساڃي سلطاني، محبت مچ مچائي

ڪرم علي کي سمجهايو، آهي عشق آرام وڃايو
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙيو، نيڻين نير وهائي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

ساميئڙن سان منهنجي آهي دل گهٽي
آهي دل گهٽي، محبت تن وٽي

ڏک ڏولاوا ڏيئي دل کي، عاشق بر ۾ تا اورن
پاين برهي ڪٽي

سور سختيون ڏسي سوين پل پل پور پون
ڪين پاين تا جٽي

ڪرم علي ڪاه ڪيو تا ڪاهن سر سوليءَ تي عاشق ساهن
گيت انا الحق رب کي بٽي

# ڪافي روپ جوڳ

سورن ساڻ آ منهنجي اور، سنگت مني ساميئڙن جي

حال اندر جو ڪنهن سان اوريان، ڪير سٽي ڪو وره وائي
عشق جي آڳ لڳائڻ جي

ڏک ڏولاوا اندر ۾ آهن، سلجي ڪنهن سان حال
خون جگر جي ڪائڻ جي

ڪرم علي آهي سر جي بازي، گوءِ ڪٽن تا مرد ڪي غازي
سوليءَ تي قدم اُٺائڻ جي



Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

عشق آهي اسرار، دم جو ڏيان لڳايان ٿو
دم جو ڏيان لڳايان ٿو، گيت انا الحق ڳايان ٿو

پنهنجو پاڻ ۾ پاتم جهاتي، لا جي هٿ ڪري ڪاتي
ڪري مجوسيءَ تي مارو يار، ماري من مڃايان ٿو

بيک بيراڳي بسمي لاتم، وهم دوئي جا سڀ اڏاريم
نينهن ڪري نروار، تن ۾ تيرٿ نايان ٿو

خيال خدائي خاصو ڄاتم، صحيح ڪري سو پاڻ سڃاتم
اچي ٿيم اظهار يار، چرخو چست چلايان ٿو

ڪرم علي سر جو سانگو لاهي، ڪاف ڪشالا تن کي چاهي
چوڪنڊ ۾ چوڏار، هوڪو حق هلايان ٿو

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

عشق آهي اسرار، دم جو ڏيان لڳايان ٿو
دم جو ڏيان لڳايان ٿو، گيت اناالحق ڳايان ٿو

دين ڪفر جا ٽڳڙا ٽوڙيم، وهم دوئي جو سڀ ٻاريم
ڪعبو قبلو پاڻ ۾ جاتم، تن ۾ تيرٿ نايان ٿو

مسجد منبر پاڻ ئي آهيان، مندر مورتون پير نہ پايان
عشق آهي امام اسان جو، تنهن کي سيس نوايان ٿو

رهبر عشق اسانکي آڻي، برهہ جو باب پڙهائي ٿو
اناالحق جو هوڪو ڦيري، شاهي طبل وڄايان ٿو

اَلاِنسان سِري وَاَناسِرّہ، مرشد راهہ ٻڌائي ٿو
ڪرم علي سر صحيح سڃاتم، ذاتي ذات ملايان ٿو

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ

عشق سچي دل سان لڳائڻ چڱو آ
لڳائڻ چڱو آ نيهن نڀائڻ چڱو آ

سور سختيون سهي سر تي
سر جو سانگ نه ڪرڻو آ

ڏک ڏاڪڙا ڏسي ارڏايون
پير نه پوئتي ورڻو آ

پير پريت جو پائي پڙ ۾
عشق جي چاڙهي چڙهڻو آ

ڪرم علي ڌيان الله جو هردم
دم دم دل ۾ ڌرڻو آ

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

عشق ڪري اظهار، پنهنجو پاڻ پچايان ٿو
پنهنجو پاڻ پچايان ٿو، مر جي رام ريجهايان ٿو

گنگا جمنا هليا مٿائي، تن ۾ تيرٿ جو ڪو نائي
عشق ڪري اظهار، گيت اناالحق ڳايان ٿو

عشق چارو چست ڏيکاري، غير اندر جو سڀ اڏاري
نينهن ڪيو نروار، هوڪو هر جاءِ هلايان ٿو

جاڳي جارون يار سڄاتم، پير پڙم عشق جي پاتم
لاڳاپا سڀ لاهي يار، سوليءَ سر چڙهايان ٿو

ڪرم علي آهي پنڌ اٽانگو، ڇڏتون لاهي سر جو سانگو
درس ڏنم ديدار، اَلاِنسان الايان ٿو

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

عشق وارن جي آهي الٽي بازي
راند ڪٽن ٿا مرد ڪي غازي

چئوپڙ شطرنج راند ڪيائون
ڳوٽ جا حق جي سا نِرڪيائون
عشق اندر ٿيا عاشق راضي

عارف بازي راند ڪيائون
اناالحق جو نعرو هنيائون
شور مچائي مفتي قاضي

غير اندر جو دور ڪيائون
خيال خدا جو راهه ورتائون
عشق ڪيڏي ٿو برهه جي بازي

ڪرم علي ناهي حق پِن چارو
نوري ڏس تون پنهنجو نظارو
سڪ برهه جي اندر بي نيازي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

عشق جو آهي پنڌ اڻانگو، ماريو نينهن جو نعرو يار
سوليءَ تي منصور چڙهايو، گيت اناالحق ڳايو يار
ملان مام ڪين پروڙي، شريعت ڏي تنهن ڪاهيو يار
اَلاِنسان سِري وَاَنَا سِرّہ، پاڻ الله فرمايو يار
وَنَحنُ اَقرَب ويجهو آهي، منجهه قرآن ڪهايو يار
ڪرم علي آهي سر جي بازي، اَلاِنسَان الايو يار

## ڪافي روپ جوڳ

ڪعبو قبلو پاڻ ۾ آهي، ڪنهن کي سيس نوايان ٿو
چار ملائڪ چوڏنهن ييرا، چوڙ چاڙهي ڪيڏايان ٿو
آدم هوا جو جم سنيران، هٿ سان مان پرڻايان ٿو
رنا هئا سي مون ئي ملايا، بازي برهه بنايان ٿو
بيد قرآن ڪان اڳي هئا سي، اَلاِنسَان الايان ٿو
هڪ حق پاڪ اڪيلو هو، ڪرم علي راند ڪرايان ٿو

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

لڪيو اهڙو ئي آهي، ترڻ جو ئي ناهي
هزارين شاهه بادشاهه، ڇڏي تو پلائي

جيڪو جنهن جو مقدر بڻيو آهي
ڪاٽي وجي تو سڀ ڪو، پنهنجي توڙ نيائي

آدم حوا کي اصل وڏو هو پول پُلائي
اڄڪلهه جو ناهي، روز اول کان آهي

ليکو ڪيان ڪهڙو، ڳڻڻ جو ئي ناهي
سيکو ويو هتڙي، پنهنجو وارو وڃائي

ڪرم علي جي دل وڏي آ دردن دکائي
ٻيو ڇوي ڪنهن کي، دل جي دل ۾ آهي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

مون ۾ عيب هزار، ڍڪين تون ڍڪڻ هار
تو ڏاران منهنجو ڪونهي وسيلو وصل جا آڌار
صبح شام پرتل آهيان توکي، صوفين جا سردار
ننگ نمائيءَ جو تو تي آهي، تنهنجو نام ڏاتار
ڪرم علي جهڙا لکين سوالي، دلئون ڪين وسار

## ڪافي روپ آسا

سٽج تون سردار، ننگ نمائيءَ جو تو تي آهي

تنهنجي ڪارڻ ڦالان پايان، واٽون ويني روز نهاريان
تن من لڳڙي تار، دل اداسي تو لئي آهي

راتيان ڏينهان آرام جو ناهي، سک ڪيو ماندو آهي
جر وهاير جال، سوز سيني ۾ سمايو آهي

ڪرم علي اصلي تنهنجو آهي، درشن پنهنجو ڏيکار
صبح توڙي شام، تون اسان جي واهر آهين

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ بروو

ناهي سلڻ جو سور، آءُ تہ پرين توکي سارو سڻايان

دردن دلڙي ڪئي آ ماندي، ناهي هڪڙو پل بہ واندي
برهہ ڪئي آهيان پرپور

سڪ سڄڻ جي آهي اندر ۾ جهجهڻ جهوري آهي جيءُ ۾
پل پل پون ٿا پور

ناز اوهان جي وڌو نهوڙي، جيءُ منهنجي کي وڌو آ جهوري
چشمن ڪيو چڪچور

ڪرم علي فقير جي دلڙي اداسي، آهي پرت پريم جي پياسي
گهائي تنهنجي گهور

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ پيروي

نصيحت تو ڪيان توکي، سمجھ تون دل لائي
چار ڏينهن جوين جا، ڪلا چو تو ڪائي

جيڪو مجي تو، ڪين ڪي خطا تو ڪائي
عقل انهيءَ جو پنهنجو سر تو وڃائي

نادان ڪي چوڻ اجايو آهي جنهن مجيو ئي ناهي
جو مجي نہ تو ڪڏهن، سو تر جو گتل آهي

تڏهن تو سمجهي جڏهن اجل سرتي آهي
هيڪر اهو پنهنجو سر تو وڃائي

ڪرم علي چَوئي سچ تو، هي رندي سخن آهي
خبر پوندي تڏهن، جڏهن موت آيو سر ڪاهي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ

وڏو خـيـال زلـف جـي دامِ مـونـکـي
وسـريـو سـک سـمـهـڻ آرام مـونـکـي

چشـمـن واري چـال ڏسـي، پـئـي دلـڙي دلـبـر يـار ڦِـسـي
مـاريـو مـحـبـت واري مـام مـونـکـي

بـره جـو بـادل بـرسـڻ آيـو، انـا الـحـق جـو نـعـرو مـاريـو
پـرت پـيـاريـو آ جـام مـونـکـي

بـاهـہ بـرهـہ جـي آتـش لائـي، وسـري وئـي ٻـي سـڀ وائـي
آهـي سـورن جـو مـاتـم مـونـکـي

ڪرم عـلـي پـنـهـنجو پـاڻ سـجـاڻـي، غـيـر انـدر جـو سـڀ اڏائـي
هـو هـو جـي آ هـام مـونـکـي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

اندر ۾ تم سار، مونکي تن ماروئڙن جي

مارو منهنجا ڏور وسن ٿا، خوش وسن پنهوار
آءٌ اداسڻ آهيان انهن جي، جت وسن ولهار

سانگيئڙن جي آ سار ميان، جيئڻ پانئيان جنجار
ماروئڙن جي سڪ سدائين، روئي وهايم نار

مارو مونکا مور نہ وسرن، لهندا نيٺ سنيار
ڪرم علي شل ملان مارن سان، مولي ورائي وار

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

دردن وڌي آ دل ساڙي، دم دم دلڙي پئي ٿي پڪاري

ياد ڪيون پئي قاران پايان، ڏينهن ڏکيا پئي گهايل گهاري
گوندر ۾ ٿي گذاريان، پرت پرين شل پنهنجي پاڙي

دلڙي لٽي ويو دلبر جاني، قرب واري ڪا هٽي ويو ڪاني
حيرت منجهه آهيان حيراني، سورن وڌو آ ساڙي

اکيون روئن راتيان ڏينهان، سور اچي ڏين لوهان لوهان
درد دکايا دل ۾ دونهان، پرت وجان شل پاڙي پاڙي

ڪرم علي سان ڪري ويو ڏاڙو، ڏئي چشمن جون چقمق چالون
ڏسان نرمل نور نرالو، قتيل دلڙي ٿي باڪاري

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

ڏسان مارو شال سندا، سڪ سانگين جي آهي سدا

ڏيج سنيهو ساري الا، نام الله جي پانڌي ادا

هيٺا منهنجا حال ٿيا، جهانگين کان ٿي آهيان جدا

ڏوتي ڏني مون ڏينهن ٿيا، مارو ميلي شال خدا

ڪرم علي آهي اڪير گهڻي، باور چڏ تون عمر ادا

## ڪافي روپ جوڳ

مارن ساڻ ميلو ڪندو، منهنجو پاڻ خدا
ڪندو منهنجو پاڻ خدا، موٽي شال ملندا

لال ليارون پوڳ ڦلاريا پٽن ٿوهر پڪا
هُت سانگي سارن ٿا، هِت مونکي پور پيا پوندا

قيد ڪري تو هِت آندي، بيوس آهيان مان باندي
ڪڍ ڪوٽن مان باندي، بانور چڏ تون بندا

آچ نہ عمر پٽ پنيهر، پهريندس مون ڪين مُدا
لوئي ڪين لڄايان، مونکي مهٽا ڏيندا مارو سدا

چوي ڪرم علي فقير، جهانگيئڙن جي جهوري آ
ويڙهہ وري شال وجان، مکڻ مهيون پيان ٿڌا

Gul Hayat Institute

# ڪافي

ڏوٽي ڏٺي ڪي ڏينهن ٿيا
هيٺا منهنجا هت حال ٿيا

سِڪ سانگين جي سمهڻ نه ڏئي ٿي
دم دم دل ۾ وڌ وڃي ٿي
ڪوٽ ڪڙا مون ڪال ٿيا

مڪٽيون مانڊاٽيون، ليُون ۽ لاٽا
سانگي منهنجي ساهه سيباٽا
سڪندي ڪيئي سال ٿيا

ويڙهيچن جا ڳڻ پئي ڳايان
سور سانگين جا سيني لايان
پلپل ياد پڪا ۽ پال ٿيا

ڪرم علي اڪير اباڻن جي آ
ڏٽ ڏوٽين ڏاڏاڻن جي آ
چيلا چانگو چال ٿيا

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

راتيان ڏينهان اتم سار، مونکي تن ماروئڙن جي
مارو مونکان مور نہ وسرن، دل ۾ تن جي تار

انڙا مينهن مليرتي ، گاهن ڪئي گلزار
زر زيور هي مول نہ پايان، لوئي اباڻي لال

ڪوٺن ۾ ڪيئن گهاريان اڪيلي، نيڻن وهايان نار
ڪرم علي ڪاج مور نہ ڪائيندس، مارو ڏيندم ميار

# ڪافي روپ جوڳ

تن ۾ لڳي آ تار، مونکي تن ماروئڙن جي
مارن وساري مون نہ وساريا، جيئري ملندم شال

ماروئڙن ريءَ هت نہ رهنديس، سڪندي ٿيئڙم سال
آچ نہ عمر اِهي پٽ پٽيهر، ٻَن ماڙيون هي مال

سرتيون سارن ڪين وسارن، جر وهايان جال
ڪرم علي ملڪ موٽي ويندس، پلو ڪندو پلا پال

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

رات ڏٺو مون خواب ادا، ملڪ مارن جو آهي اُتو
ملڪ، مارن جو آهي اتو، ساري سڻايان سچ سچو

خبر اباڻي پار جي، خواب اندر پئي خاصي ڪري
روز نهاريان راهه وري، جن جي آهي ڳالهه ڳري
پنهنوران سان آءٌ مِلان، آڻي ڏي ڪو ڏس پتو

سور سختيون سهندي مون کي سال ٿيا
گهنگهر ٿيو گهارڻ هتي، ماروئڙا جو ياد پيا
لوئي ڪين لاهيان مت، مارو ڪن مونکي ڪچو

جن کو مئين نت ڳوليندي، سوئي مقصد پايا هي
عاشق دا هي پند اڻانگا، نعرا نينهن دا لايا هي
موج اونهي منصور جو آيا، ڳيت انا الحق ڳايا هي
گهٽ ۾ گنگا گهٽ ۾ ڪاسي، گهٽ ۾ تيرٿ نايا هي
ڪرم علي وچ الله سمايا، ايريا سورج سوايا هي

## ڪافي روپ جوڳ

جوڳي آيا ڪنهن دس دا، نالا ذات نهين ڏسدا
ڳل وچ گيڙو ڪفني پائي، دل اساڏي ڪسدا
راڄ سيالين دي سامي آيا، هير نون ويک هي هسدا
سانگي سانگ بنايس، ويس فقيري پايس، گهر گهر هڻ پسدا
تخت هزارا تنهن دا هويا، چاڪ لقب هي جِس دا
رنگپور دي وچ آيا ڪرم علي، عشق اندر هي وسدا

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ

هم هون سر خدائي آپ الاهي، ڪل نہ ڪس ڪو ڪائي
الٽا راهہ چلائي هون

شمس الحق دي کل کلائي، زکريا سر کرت چلائي
سرمد کا سيس کٽائي هون

بهشتئون آدم آڻ تڙايا، ڪڻي داڻي دا عذر بڻايا
ڪنهن سانگي بنائي هون

فرهاد ڪون ٽڪر ٽڪائي هون، مجنون رڻ رلائي هون
پنهون ڪيچ سڏائي هون

يونس پيٽ مڇي دي پايا، ابراهيم آڙاهہ اڙايا
يوسف کوهي سٽائي هون

سر صوفي دا نيزي چڙهايا، شاهہ حسن ڪون زهر ڏوايا
شاهہ حسين شهيد ڪرائي هون

شاهہ منصور سولي چڙهايا، مليان دي فتويٰ عذر بڻايا
سولي سر چڙهائي هون

ڪرم علي دي سر عشق جو آيا، آدم دا هي خرقا پايا
الانسان سڏائي هون

Gul Hayat Institute

# هندي حصو

Gul Hayat Institute

# سلوڪ

گهٽو پئونڪي سو گڏهہ ڪهيجي، گهٽا ڪنمي سو اونٺ
ٻڪري ٻيڪڻ سون بس نهين ڪري، جس ني ڇيري جهلي موٺ

رڍ ٻولي ناهين جس ني گدڙ لي گيا جوٽ
ڪهت ڪرم علي جم اس آگي ايسو اپو، جيسو ڪالو ڪوٽ

گهٽو پئونڪي سو ڪتو ڪهيئي، گهٽو دوڙي سو سيسا
منجهاري سمجها نهين، ڪري لونڪي ڪا تال
ڪهت ڪرم علي سو چوٽي نهين، جو پڙي مانهين جال

چوٽي راڪي سو جهوٽا،مال ڦيري سو نٻگ
گيان ڪتي سو مسخرا،پوٽي واڇي سو اصل نسل چٽ
ڪهت ڪرم علي تس ڪي جاتي رهي مت

گر ڪو گر نہ جاني، سو ڪهيئي سوانا
شاهاٽي مجلس دي وچون، سو هار ڳيا حيوانا
ڪهت ڪرم علي سو نر نور نہ پاوي گتا ڏونهان جهانا

گر ڪي مهما جو نہ جاني، سو ڪهيئي اپراڌي
مرت جيوت نيارا نيارا، پاپ ڪرت هي پاپي
ڪهت ڪرم علي سو نر نور نہ پاوي،سيڌا نرڳ ۾ جاسي

Gul Hayat Institute

گر کو گر کر نہ جانی، سو نر ھي سوئا
موھہ مایا کي پنجري پڑیا، کرم علي او پچ پچ موئا

گر کو گر کر نہ جاني، سو کھیئي الو جیسي
دن کو آندا رھي کرم علي،اوکیون کر پیکي

ڏیکاوا سي کرت جوڳ، تسي ۾ پاوت بڑا روڳ
کھت کرم علي سو نر ماٽي، کال کا کوٹ

سپ من کي متي سون کٿي گیان، کري اجایا بکیڑا
عشق کي ھئي الٿي چالي، سمجھي ناھین بھرا
کرم علي سو کجھہ ناھي جاڻي، کري اجایا جھیڑا

گیان کٿي سپ رھٽي بن، رھٽي بن ھر ھات نھین آوي
جوڳي کھاوي جوڳ کي خبر نہ پاوي، اپنا حال وڃاوي
در در ڦردا الک نہ جڳایا، سامي نام سڏاوي
کرم علي کوڙي رک لگا کون لاوي

کئي کئي تپشي ھو کرتب وچ، اپنا حال وڃاوي
سر کري ھیٺ الٽا، اپنا آپ لٽکاوي
ایک پلک نہ الک جڳایا، سامي نام سڏاوي
کھت کرم علي سو نر کبھون مکتي مول نہ پاوي

Gul Hayat Institute

کئي کئي آوي ڏوڙ پيوي، دوڏاري نام کهاوي
کئي کئي رام رام کر کي، ماٿا موند منڊاوي
اپني ناري ڇوڙ پرناري سون جاوي، پولا جنم گنواوي
کهت کرم علي سو نر هردم، درٻارون ڌکا کاوي

کئي کئي گنگا جمنا وچ کري سنان، دل وچ کوٽا ڌرن ڌيان
من کا ميل ڪبهون نہ جاوي، توڙي گنگا تيرٿ ناوي
پوٿي پستڪ پڙهہ بي لاڄا، اپني لاڄ وڃاوي
کهت کرم علي سوئي نر درٻارون ڌکا کاوي

کيهون تم ري اتپتي، کيهون تم ري ذات
کون پرش کا هي تو چيلا، آيا کڻ کي سات

آلي همري هي اتپتي، جوڳي همري ذات
الک پرس کا هون نت چيلا، آيا پون کي سات

کون گرو تيري آگي پيڇهي، کون گرو تيري هيٺ
کون گرو تيري سر کي اوپر، کون گرو تيري پيٺ

پون گرو ميري آگي پيڇي، ڌرتي گرو ميري هيٺ
سبڌ گرو ميري سر کي اوپر، آنند گرو هئي ميري پيٺ

Gul Hayat Institute

# سلوڪ

ڪنبڙي ڪاشي ايڪ هي، اُر روحل روپ ڪبير
جو چل آوي دڪ مِٽي، جنم جنم ڪي پير

ڪنبڙي تو ڪئنچن پُري، جس ۾ پرش ليو اوتار
روحل رنگ لاگو رهي، آٺ پهر اِڪ سار

ڪنبڙي پوري نج ڌام هي، جيڪو ليوي نام
جٺ دولهہ دريا خان وسي، سڀ ڪي ساري ڪام
جنم مرن ڪا ٻنڌن ڪاٽي، سڌ هووي سڀ ڪام

ڪنبڙي اتم ڌام هي، جس منهہ سنتان پايو ڪلتار
اس ڌام ڪي جن شيوا ڪري، تن پايو مڪيہ دوار

ڪنبڙي مانسرور هي، هر هيران ڪي کهان
گرو ڪرم علي ڪرپا ڪيني، تب هي پڙي پهچان

Gul Hayat Institute

## واٽي

آج موري مانهين آنند پيو هي، رام رنگ لايو هي
من کي ممتا سهجي ماري، چرن ڪنول چت لايو هي
پانج سکي مل منگل گايا، هري ڪو جس گايو هي
ماري باڙي ڦولان ڇائي، سرتا مالهڻ ڦول چوندڻ آئي هي
ڪرم علي سهجي پايا، گر فيض علي مجهي بتايو هي

## هرجس

سانوري آ ڪي بين بجائي، ڪيسي بين بجائي
ساري سرت ڀُهلائي
جل جمنا ڀرڻ جو ڳئي تي، موري گهاگهر آڻ ڏگائي
سارا لوڪ مينون ڏيکي، موري بيٽي آڻ جهلائي
ست سهيليان سنگ جو گئي تي، ماري ساڙهي آڻ وجائي
بندرا بن سون ڪان جي آيا، ڪرم علي هي چيٽڪ لائي

Gul Hayat Institute

# آرتي روپ ڪلياڻ

آرتي گران ڪي سهجي ڪيجي
جيوت مگت تب هو ليجي

تن من ڌن گران ڪو ڏيجي، پريم پيالا ڀر ڀر پيجي
اپني پيا ڪا درشن ڪيجي

ناڀ ڪنول ۾ دم دمويجي، الٽ پائون آڪاش چڙهيجي
اپني پيا ڪا درشن ڪيجي

اجر امر ڪا راهه ليجي، اپنا هنس آڪاش اڏيجي
ڏسوين ڏوار درشن ڪيجي

ڪرم علي سورا جيوتي مري جي، هوءِ نرواڻ آڳو چڙهيجي
ڪايا ڪون سنگ مول نه ڪيجي

Gul Hayat Institute

# واٽي روپ آسا

اري ساڌو پائي پريم ڪيتا هي پسارا
ماريا نينهن دا نعرا

وحدت پيالا جام پيتو سي، مرشد راهه بتايا
پرم انڌيرا دور پيا هي، اپريا سورج سارا

بيخود مست ڪيتا هي مينون، هر دم رهون هوشيارا
ڪايا دي وچ سير ڪيتوسي، ويکيا هي نور نظارا

گهٽ ۾ گنگا گهٽ ۾ جمنا، گهٽ ۾ تيرٿ نايا
گر فيض علي ڪرپا ڪيني، ڪليا گل گزارا

ڪرم علي ڏيس ايسا پايا
قير پاچا نهين آيا

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

دل دوارڪا ڪايا ڪاسي، تن من تيرٿ نايا هي
مرشد سانون معلم ڪيتا، راهه الله دا پايا هي
وحدت والا جام پيتو سي، جنهن مستو مست بنايا هي
موج اونهي وچ عاشق آئي، انا الحق الايا هي
جوڳي جوڳ جڳاوڻ دا، گهٽ وچ تلڪ لڳايا هي
روح ڪنون منصب اڳي دا هويا، ڪرم علي نام ڏرايا هي

## وائي روپ آسا

ساڌو پائي انيوءِ نگر وسايا
جا سون ٻهت آنند سک پايا

بيد ڪتيب وان پنهنجي ناهين، بن جيا گڻ گايا
اڪيان بنا اڻ پوم بتائي، ڪر ليا سمرن سوايا

پڳ بنان پيندو چلٽا سوئي، نرگڻ ڪا گڻ گايا
پريم ڪلا سون اي پد پايا، چن ۾ ناوڻ نايا

گر فيض علي آڻ سمايا، هم امر تڪاٽا پايا
ڪرم علي جو هويا سو شهه پايا، الٽا راهه چلايا

Gul Hayat Institute

# وائي روپ آسا

ساڏو پائي ستگر سبد سنايا
جاسون گيان آڪاڙي آيا

ڪايا ري ڪوٽ نا چوٽ چلائي، پانچ مار منايا
چوبيس هزار هي فوج هماري، جوڌا جوان لڙايا

سانس ڪي سرنگ گگن گڙهه ڦوڙيا، پريم چتا جگايا
برهه ڪي بوند اندر سون ڦوٽي، من ڪا ميل مٽايا

وارئي وار چڙهيا نرباڻا، نرپئو ڏيس وسايا
اوهان ڏيس ۾ ڏوم پڙنت هي، انحد ناد وڄايا

سهجي سهجي ميلا هويا، هنس سي هنس ملايا
ڏيس ڪرم علي ايسا پايا، ڦير پاڇو نهين آيا

Gul Hayat Institute

# واڻي روپ ڪلياڻ

اري ساڌو پائي گهوڙا دم دوڙايا ري
سري راهه چلايا ري

سيل سنتوڪ ڪا سنجهه پلاڻيو، سٽهي صورت وچ پايا جي
سانس بنا هڪ گهوڙا دوڙايا، ماس بنا هسوار چڙهايا ري

عرش ڪرش ڪا ميدان ٺهرايا، تنهن ۾ گوهه اٺايا جي
راهه اگم ڪا سي چينا، هنسا ناوڻ نايا ري

مول سون ڦيرا پايا جي، لنگ مين لهر لڳايا جي
نايي سون آگي چليا، رڌي رمن رمايا ري

ڪنٺ ڪنول ۾ هنسا ٻولي، سرسوتي راڳ سنايا جي
تريٽي اوپر لعل براجي، تر گهٽي جوت سوايا ري

ٻنور گفا ۾ نرنجن باجي، ڏسوين الک جڳايا جي
ٻرم انڌارو دور ٻيو هي، چن ناوڻ نايا ري

ڏنڪا مار جاءِ ٻيٺا هنسا، امر پائي بادشاهي
ڪرم علي ڏيس ايسا پايا، چوڏس ڪري نگاهي ري

Gul Hayat Institute

## واڻي روپ ڪلياڻ

انيوءِ پد هي گر بتايا، گر بتايا جنم سڌاريا

ستگر صاحب ڪرپا ڪيني، اگم انڙ ڪا راهه بتايا
اپني پيا ڪو هات جو ڪيا، تب هويا گهٽ اُجواڙا

ڏن ڏن ستگر مجهي سمجهايا، ٻول ٻرم ڪا موهه مٽايا
اڪيان بن اڻ ٻوم بتايا، پل ۾ امر ٽڪاڻا پايا

گيان ڪا سوريه ڪيا پرڪا شا، ڪال ڪروڌ ڪو ڪرليا ناسا
اوگا ٻان اڏر سمايا، چئوڪوٽ هويا جوت سوايا

فيض علي گر مجهه ۾ سمايا، آپو آپ ۾ درشن پايا
الک نام سنايا تپهون هردي مانهين گل ڪلايا

ڪرم علي ايسا پد پايا، گهٽ گهٽ مانهين گنگا نايا
پانچ سکي مل منگل گايا، مرڻ جنم ڪا سنسا مٽايا

Gul Hayat Institute

## وائي روپ سارنگ

برھہ اسان نون ڏنگ لڳايا، عشق مچايا شور وي
پريم ڪو بادل برسڻ آيو، جھن جھن لاڳي جھڪور وي
گگن منڊل ماھين بجلي چمڪي، انحد گھرايو گھن گھور وي
سيل سنتوڪ ڪو سمايا آڪر، جُھرٽا لڳيا ھي زور وي
پانچ سکي مل منگل گايا، ڪرم علي لاگو رنگاوي

## واٽي روپ سارنگ

ياڳ يلا ميرا ستگر آيا، آج ميرا آنگن سھايا ھي
ستگر آيا يئي واڌائي، سھجان سيج وڇايا ھي
ستگر آيا رنگ لڳيا، ڪليا باغ بھارا ھي
پانچ سکي مل منگل گايا، ھرڪا جس جو گايا ھي
ڪرعلي ڪليا ياڳ ھمارا روزون روز سوايا ھي

Gul Hayat Institute

## وڏائو روپ ڪلياڻ

ستگر ڦيرا پايا هي، ڪليا دل ڪا تاڙا هي
ستگر آيا پريم جڳايا أپريا سورج سارا هي
ستگر آيا باغ لڳايا، ڪل ڳيا گل هزارا هي
ستگر صاحب انترجامي، ڪيل الک جڳايا هي
ڪرم علي ڪليا ڀاڳ همارا، روزون روز سويارا هي

## ڪافي روپ جوڳ

دل دي اندر سير ڪيتوسي، گهوڙا دم دوڙايا هي
سرت نرت کي سواري ڪيني، خاصي ٿور ٿرايا هي
پنج عناصر ڪايا دي وچ، تن من تار ملايا هي
اربعہ عناصر دي مٽي دا بوتا، خالق خوب بنايا هي
خيال اي سارا ڪيل بنايا، پسريا آڻ پسارا هي
ڪرم علي دي وچ طوطا ٻولي، روپ ورن سڀ نيارا هي

Gul Hayat Institute

# واٽي روپ آسا

ساڌو ياٺي هر سون نيهه لڳايا
جا سون اپنا جنم سڌارا يا

هر سمرن سون ايسا سک پايا، جا سون لعل امر ٿئي ميري ڪايا
سهجي سهجي ميلا هويا، هنس سي هنس ملايا

مئين پوربي پورب ديس ڪا پورب ماڻهين آيا
هَنتا نربند، پنڊڻ نهين ڪوئي، ڦر الٽ آپ سمايا

گيان ڪا سوريه پيا پرڪاسا، ڪال ڪرود ڪو ڪرليا ناسا
چئو ڪونٽ جوت ڪيا اجواڙا، ڪليا گل هزارايا

پار برم برم سون مليا، هزارين نام ڪهايا
جل ڪي بوند ملي جل ماڻهين، سيس نام ڏرايا

ايڪو نام سون رهون غلطانا، سدا مست مگن هم هويا
اي ايسا پد ڪرم علي پايا، سو ڦر جنم نهين آيا

Gul Hayat Institute

## واڻي روپ ڪلياڻ

ساڌو پائي هم هون سر خدا ڪا
آپو آپ ڪا گيت هون گاتا

هم هون امر ڪبهون نهين مرتا، هم هون نور خدا ڪا

جس ڪو تم ڪلپتي هو، هم هون سر آد جگاد ڪهاتا

نا مئين اور ڪسي ڪو سمرون، آپو آپ ڪا گيت هون گاتا

نهين ڪو مات پتا ميري جنني گرڀ نهين هم آتا

صاحب مري تو هم ڀي مرتا، ڪرم علي هي سر خدا ڪا

## واڻي روپ جوڳ

ساڌو ست سبڌ سون نيهه لڳايا، پورڻ پد تبهون پايا
گهٽ ڪي مانهين سوجهي پڙي هي، اندر جوت جگايا

پرم انڌارو دور ڀيو هي، جوتي جوت جگايا
گيان سمنڊ ۾ ٽبڪي ماري، موتي لعل لڪايا

پار برم پد پايو بن ڏيهي آپ ملايا
جوئي هويا سوئي سمايا، آپو آپ اٽڪايا

گيان ڪا سورج گهٽ منه اوگا، پرگهٽ جوت سوايا
ڪرم علي ڏيس ايسا پايا، ڦر پاڇا نهين آيا

# واڻي روپ آسا

ساڌو پائي انيو نگر وسايا
جا سون پهت آنند سک پايا

اس ڏيس کي مهما کيسي ڪريئي، جا سون آيا نہ ڪو جايا
رات ڏن اوهان پي ناهين، ڌوپ ناهين ڪو ڇايا

بيد ڪتيب اوهان ناهين، بن جييا هي گن گايا
اڪيان بن اڻ پوم بتائي، ڪر ليا سمرڻ سوايا

پگ بنا پيندبو چلٽا سوئي، نرگڻ ڪا گڻ گايا
پريم ڪلا سون اي پد پايا، اگڙي سن ۾ جاءِ سمايا

ڪرم علي جو هويا سوئي پايا، الٽا راهہ چلايا
گر فيض علي آڻ سمايا، هم امر ٽڪاٽا پايا

Gul Hayat Institute

## واٽي رپ آسا

ساڌو پائي انيوءِ پد هم پايا جي
جا سون گيان آڪاڙي آيا ري

بيد ڪتيب اوهان پي ناهي، الٽا راهه چلايا
چار پدان سون پد اگوچر، اوهان جاءِ سمايا ري

گيان سمند منهه ٽبڪي ماري، موتي مانهه لکايا
گنگا جمنا پنهنچي ناهين، چن ۾ ناوڻ نايا ري

تريٽي مانهين تاڙي لاڳي، ڏسوين الک جڳايا
پرم انديرو دور پيو هي، ڪرلي سمرڻ سوايا ري

جاسون آوي ناهين ڪو جاوي، اوهان نگر وسايا
رات دن اوهان ناهين، ناهين ڌوپ نه ڇايا ري

ڏيس اسي ۾ مري نه جنمي، ناهين ڪو اوتار ڌرايا
اسي سن سون آڳي سن هي، ڪرم علي الک جڳايا ري

Gul Hayat Institute

# واٹي روپ آسا

ساڏو پائي چيتن راج کمائي
جان سي پرجا، بهت سک پائي

چيتن هي تخت براجا بيٺا، ڦر گئي رام دهائي
سيل سنتوک دوئي آگي اويا، ڪال نه نيڙي آئي

سيل سنتوک کا چنور ڍلايا، ديا دربان اپائي
جپ تپ دونون ڪري وچاڻا، ست کي سيج وڇائي

پريم کا پلنگ وڇايا، هنسا سي حڪم هلايا
ڏنگا مار جاءِ ٻيٺا هنسا، چوڏيس ڪري نگاهي

ٻيري مار اڪيلا ٻهه جيتا، نر پئي نگر وسائي
ڪرم علي ڏيس ايسا پايا، امر پائي بادشاهي

Gul Hayat Institute

## واٽي روپ جوڳ

ستگرو راهه بتايا هي، کليا بخت سوايا هي
ناپ ڪنول سون دم اٿايا ، اُلٽ آپ سمايا هي
رڌي ڪنول ۾ شِو درسايا، هيرا لعل لکايا هي
ڪنٺ چڪر ۾ آوت آوازا، سر سوتي سيل ويچاريا هي
گگن منڊل ۾ پيا جهڻڪارا، انحد ناد بڄايا هي
ڪرم علي رانجهو هڪ ٿيا سي، ايڪو ايڪ سمايا هي

## واٽي روپ جوڳ

ستگرو ميرا آپ الک هي، ايڪوئي ايڪ الاهي هي
ست سبڌ سون نينهن لڳايا، ڏار مون تار ملائي هي
سرت نرت ڪا جهنڊا لگايا، الٽ سلٽ گنگ نائي هي
رام نام ڪي ڏور لڳائي، ترڪٽي جوت جڳائي هي
فيض علي هي ستگرو ميرا، امر نام سڻائي هي
ڪرم علي آپو آپ هويا سي، انيئو نگر بسائي هي



Gul Hayat Institute

# ريختہ روپ جوڳ

عشق جنهن سر تي آيا هي
واه جو جوش جڳايا هي

گهٽ ۾ گنگا گهٽ ۾ جمنا
گهٽ ۾ تيرٿ نايا هي

ڪوڙ ڪپٽ ڪا سندرا پاڈا
ڪوڙي گيان سنايا هي

پوٿي پستڪ ٻيد بتاوي،
جڳ ۾ ڪوڙ ڪمايا هي

ڪرم علي جو آپ سڃاڻي يار
آپو آپ ۾ پايا هي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ٿوڙي

عشق ميري گهر آيا ري
پانچ سکي مل منگل گايا ري
آئو ري سنئيان ڏيوو وڌائي، آج پلا دن آيا ري
جس ڪارڻ مئين پئي اداسي، سو گهٽ پيڙ پايا ري
پريم ڪا بادل برسڻ آيا، وچڙيا يار ملايا ري
لون لون دي وچ آڻ سمايا، ڳوڙها رنگ لڳايا ري
ڪرم علي هي نوشہ پايا، ڪليا بخت سوايا ري

## وڌائو روپ ڪلياڻ

ساڌو پائي ستگر آنگن آياري، ڪليا ڀاڳ سوايا ري
اگر عنبر ڪا ڪيا وچاٽا، هر ڪا جس گايا ري
هر آوسا سٽاٽا پريم پڙاٽا، تن من سر چڙهايا ري
ستگر آيا سبد سنايا، من ڪا ميل مٽايا ري
مول چڪر آسڻ ڪيا، ترپٽي درشن پايا ري
صاحب هم ڪو ايسا مليا، چن ۾ ڪرم ڪمايا ري
ڪرم علي تي ڪرپا هوئي، ڏسوين جاءِ سمايا ري



Gul Hayat Institute

## واٽي روپ جوڳ

مانکو جنم لي آيا ري، ساڌو پائي هيرا موتي پايا ري

ناهين مات پتا کو تيرا، ناکو سنگي سايا ري
نام سمرڻ کو تم جو آيا، ڳل پڙ گيا قندا مايا ري

تيرا جنم اکارٿ جاوي، غفلت ۾ پڙيو عمر گنواوي
پيڇي تو گهٽي پڇتا سي، جب ڪال کا هيلا آيا ري

غفلت کي تو نيند هي سوتا، اڃا نهين هوشيارا ري
سنگي ساٿي سڀ چل گئي تيري، تيرا پي وارا آيا ري

ڏوت پوت پئو ساگر کا پارا، سڻ ڪرم علي ڪري پڪارا
ايهان ڪوئي ورلا چوٿا، سٽي کو همرا هيلا ري

## واٽي روپ جوڳ

مانکو جنم هات جو آيا، سمجھ هيرا موتي پائي هي

مئين، مئڏي کر مايا ميڙي، ڏوڙ مٽي سر پائي هي

کام کروڌ موهه لوڀ اهنکارا، خوب کرن لڙائي هي

سورا هووي سو مار مناوي، غافل عمر وڃائي هي

کرم علي کري پکارا، صاحب نام سچائي هي

Gul Hayat Institute

## واٽي روپ جوڳ

ساڌو هووي من کو ماري، گيان ڪٽي سڀ ڪوڙا هي
مالها مڪر دي هٿ وچ چا ڪر، ڪوڙي پرم پلايا هي
چوٽي رکي سو چور ڪهيجي، ڳل وچ جٽيا پايا هي
گنگا جمنا سنان ڪريندا، نہ من ڪا ميل مٽايا هي
ڪاچي مندر ڪتا پئونڪي، بڪ بڪ گيان سٽايا هي
ڪرم علي جيڪو آپ سڃاڻي، جيتائي مر جايا هي

## واٽي روپ جوڳ

مرشد اڳڻ آيا هي، جاڳيا ڀاڳ سوايا هي
گنگا جمنا گهٽ ۾ هويا،تن ۾ تيرٿ نايا هي
ڪاسي مترا جوپي جاوئي،او پي پنڌ اجايا هي
دم ڪا گهوڙا هر دم دوڙ، خاصي ٽور ٽرايا هي
راتيان ڏينهان خيال اونهيءَ وچ، ڪرم علي الک جڳايا هي

## واڻي روپ جوڳ

منڙي ٻولي يار سڄڻ دي، سڀ ڪون ڪھ سڻايا
ٻرندا بن ۾ مرلي وڄاندا، مترا ۾ ڏوم مچايا
گنگا جمنا مول نہ ويسان، تن ۾ تيرٿ نايا
گوڪل ڪسبن هردي جا ڪر، هون ۾ الک جڳايا
پانچ سکي پيڙا رم ڪر، بي مک بين وڄايا
رام دواري جا ڪر، ڪرم علي نام ڏرايا

## واڻي روپ ڪلياڻ

ميري نگري ۾ صاحب آيو، صاحب آيو رام رنگ لايو

تن من سيس وارڻ جاوان، ستگر پريم پلايو
گگن منڊل مانهين بجلي چمڪي، بن بادل برھ برسايو

تريٽي مانهين تاڙي جو لاڳي، ڏسوين الک جڳايو
من ڪي ميل دور پئي هي، چت چتين سون لايو

گرو روحل جب آڻ سمايا، ٻن جيپا گڻ ڳايو
شاهو شاھ ڪرپا ڪيني، غلام علي ڀيد بتايو

دريا خان صاحب ايسو پايو، الٿ گيان سنايو
ڪرم علي ڪا گرو فيض علي هي، چرن ڪنول چت لايو

Gul Hayat Instute

## ريختہ روپ ڪلياڻ

ميري هردي لعل، سرتا ناچي نار
ڪام ڪروڌ لوڀ موهہ اهنڪارا، مٽ گيا آل جنجال
سيل سنتوڪ ڪميا ڪر دل ۾، صاحب پيا رڪپال
برهما وشنو شو رمتا ديکا، گڻيش بجاوي تال
سات سنگي مل ويڪڻ آيان، انحد باجي تال
ڪرم علي سوريہ پيا پرڪاسا، عشق ڪيتا نروار

## واٽي روپ ڪلياڻ

ميري مندرئي ۾ رام رنگ لايو
رام رنگ لايو، ٻهت سک پايو

من ڪي ممتا سهجي ماري، ستگر سبد سنايو
ڪام ڪروڌ موهہ اهنڪار لوڀ گيا هي، چت چيتن سون لايو

اگر عنبر ڪا سرور پريا، ٽيڪي مار جهيلايو
ڏسوين ڌواري تاڙي لاگي، انحد ناد بجايو

گر فيض علي ڪرپا ڪيني، بن جيا گن گايو
ڪرم علي سهجي پايا، چرن ڪنول چت لايو



Gul Hayat Institute

## واٽي روپ جوڳ

هم هون واپاري نام صاحب کا
وڻج واپارا کرتي هون

ايسا واپار کيجي، صاحب اپڻا هاٿ سون ليجي
پير نہ پٺ تي ڌرتي هون

مار نعرا انا الحق والا
سولي قدم ڌرتي هون

آپ بنا آپ صحي سڃي
جيئري جي هي مرتي هون

ڪرم علي عاشق مول نہ مڙدي
سر سانگ اتي ڌرتي هون

## واٽي روپ جوڳ

ساڌو نام ليوڻ ڪو آيا هي، جيتي هي مر جايا هي

موهہ وڏائي ڪو جو ڇوڙي، سوئي ساڌو نام ڪهايا هي

گيان ڪري لوڪان سناوي، ڪوڙي پرم ريجهايا هي

پنڊت پوٿي بيد هي پڙهتا، اي سڀ ڪوڙ ڪمايا هي

جوڳي جتي سناسي هوڪر، ماتا موند منڊايا هي

ڪرم علي راهہ الک جو چليا، پاڇو مور نہ آيا هي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ

هم شرح ساڳي صحيح سچاتم
گيت انا الحق ڳائي هون

دين پيچڻ دي ڪم اساڏي
سُوري سر چڙهائي هون

دين مذهب ٿوڙ چوڙيو سي
نينهن نسنگ نچائي هون

مسجد مصلا ڍاهه چوڙيو سي
مندر پير نه پائي هون

علم عقل دي ٽڳي ٿوڙيو سي
ڪرم علي نام ڏرائي هون

Gul Hayat Institute

# صوفي ڪرم علي فقير اول
# جو ڪلام

Gul Hayat Institute

# سنڌي ڪلام

## منقبت

منهنجي درد جي ڪر دوا، يا علي يا علي
آهين اڙين جو آڌار تون شير خدا، علي

آزار منهنجا ڪٽ تون، ڏوهن ڏي ڪين ڏس تون
سڌ سگهو تون سڻ سچا، مشڪل ڪشا علي

صدقو حسن حسين جو، منهنجي حمايت ڪر علي
ٻئي در پلا ڪهڙي وڃان، تو سوا ڪانهي ڳلي

هي قلب ڪشادو ٿئي، پي جام ڪوثر تو هٿان
لهي غير غفلت سر مٿان، روشن ٿئي درشن دلي

ڪرم علي تي ماڙ ڪر، دل اسان جي شاد ڪر
مدعي مڙئي ماد ڪر، حيدر ڪرار علي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ مارُوي

اڄان تُو درويش سڏائين، هٿ نہ ڪيڙئي خيال ميان
عشق بنان تئي عمر اجائي، جيئڻ آهه جنجال ميان

بنان عشق جي ناهي حاصل، رند سندو رهوار ميان
ناهه نڳيءَ جا وينين ناهي، من ۾ مقصد مال ميان

ريءَ سڃاڻ پنهنجي، ٻيون ڳالهيون مڙئي خام ميان
مڪر جي تسبيح پيو ڦيرين، مسئلا ڪري محال ميان

دغا دولاب جا سندرا تاڻي، لافون هڻي تو هزار ميان
ارٿ گيان ڪٿين پيو ڪوڙا، موڙها ڏئي مثال ميان

پستڪ پاٺ پڙهي تو وڃائي، عمر ساري افراد ميان
ڪرم علي ڪيئن ملندو توکي، هاديءَ وارو حال ميان

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ سارنگ

رُت پلي ڪري آئي اٺم هاٺي، مينهن لايون ملهارڙيون
اسو ڪتي آيو اٺم پاڏرو، ڦگڻ ۾ تيون بهارڙيون
چيڙ ريپڙ آهن تاتي، ڪالينگ پڪا آهن جا مڙيون
ڪيٽن تي تيون ڳاڙهيون ٻيريون، ڦوڳن تيون ڦلارڙيون
مور ڊيل ٻا ٻيهو ٻولي، ڪرم علي طرح طرح ڪن تنوارڙيون

## ڪافي روپ آسا

ڪر ڪا ڳنڍڻ جي يار، ڪانہ لڌو ڪا منهنجي سار
پيچ پريت جا وئين تون پائي، برھہ ڪيو آهي بيمار
اڃي سڄڻ تون جهاتي پاتي، ٿي آهيان بي اختيار
ناز نيڻن جي وڌو نهوڙي، ڏينهن لنگهن لاچار
جادو جوڙي يار بچي وئين اڃي ڪين قرار
ڪرم علي فقير ڪي سڪ اوهان جي، نينهن ڪيو نروار

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪنيات

ڪوهياري جو نينهن، چنڙيءَ رات لکيو هو

ننڊڙي لاڪون سور پرايم، جمندي لاڪون ڄاڻ
هي آڻ وتو هو

ٽوڙيان ٽتي ڪين ميان، برهه ڪيو باران
روز اول ڪان اڳي هو

پيچ پنهل مونسان آهي پاتو، عشق آهي آفات
باري بار اٿايو هو

ڪرم علي انهيءَ خيال جي ميان، پوندي انهن کي ڄاڻ
جنهن قدم رکيو هو

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

مارُوئڙن جا پور پون، اندر ۾ گهڻا
پون اندر ۾ گهڻا، موتي شال ملان

قيد ڪري تون هت آندي، هُت مارو روئن مان هت باندي
ڪڏي ڇڏ جان ڪوٽن مان، پيا ڪهڙا سور سليان

سرتيون سارينديون گهڙي نہ گهارينديون
گهر ويهي سي سور سلينديون
مري تہ وڃي ها ماروئي، ويني پاڻ پليان

ماروئي ڪي ملڻ جي جهوري جيءَ ۾ گهٽي
اسين ڏوٿيئڙا اوڏئون ڪين زربفت زري
ڇڏي سنگر ۽ پيرون پڪا، جيل اندر تي جاليان

چوي ڪرم علي فقير سانگي مون ملندا
لک هزار ٿورا مون مٿي تن جا ٿيندا
ڳڻ انهن جا ڳايان، ڏسيو نيڻ تاريان

Gul Hayat Institute

# ڪلام روپ جوڳ

مارو ڄام امير عمر، هت قسمت مونکي آهي آندو

ڪوٺن ۾ ٿي آهيان ماندي، جر وهايان جال
سورن ساهه ڪيو آ ماندو

ساعت ساعت سانگيئڙن جي، مُون ماري ٿي ميار
پرت سندو پيو ڳل ۾ ڦاندو

ڏوٿي ڏاڏاٽا ياد پون ٿا، ڪير ڪٿا ۾ چاريون چار
روح نه منهنجو توسان رلبو

ڪرم علي ڏسان شل مارو موٽي، والي واري واڳ
سار سيوئي لعلڻ لهندو

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ سارنگ

ملڪ اسان جو وسي پيو سارو
مينهن لايون برساتيون ميان

ڪالينگ چيڙ پچي پيا پٽ تي
ڪينئن تي تيون باغ بهاريون ميان

لوڏڪ للر آٽن اباڻا، ڳاگيون پڪيون
تر لالڙيون ميان

چيڙن ڏنار اسر جو چانگون
طرخين ڪن تنواريون ميان

مند گهمڻ جي آهي اصل اهائي
ڪرم علي ڪر تياريون ميان

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ بروو

مونکي آهي برهه بات سڻائي
ساڻ دم جي آهي بادشاهي

شاهه منصور سولي تي
ڪيئن چڙهيو وجي ڦاهي

پير پيغمبر هتئون ويا سي
تن جي خبر ناهي ڪائي

پنهنجو پاڻ ڳرگر تيا سي
وسري وئي ٻي سڀ وائي

رمز رندن جي عاشق سمجهن
ٻي ڪي ڪل ناهي ڪائي

ڪرم علي آهي سر جو سودو
جيئري مري ڪن تا ڪمائي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

عاشق آهيان اسرار، پنهنجو پاڻ سمايان تو
پنهنجو پاڻ سمايان تو، گيت انا الحق ڳايان تو

سامي اچن تا قربئون ڪاهي، سر جو سانگو سيئي لاهي
بيحد بيشمار، من ۾ مچ مچايان تو

گنگا جن ڪي پند اٽانگو، ڇڏ تون لاهي سر جو سانگو
ڪايا ڪاسي جن، تن ۾ تيرٿ نايان تو

گنگا جمنا سان تنهنجو ڇاهي، ماس هڏا ڇڏ جان جلائي
درس ڏنم ديدار، دل ۾ درشن پايان تو

نانگن ڪي لاهوت سدائين، ناسوت ناهي جاءِ اتاهين
ملڪوت تنهنجو آ ماڳ، جبروت اندر پير پايان تو

ڪرم علي ڏيهه انهيءَ ۾ ويا سي، مرڻ جيئڻ جا پول پڳا سي
نينهن ڪيو نروار، ذات ۾ ذات ملايان تو

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

عاشق آهيان اسرار، سورهيه سر سڏايون ٿا
سورهيه سر سڏايون ٿا، هو هو هل هلايون ٿا

سولي تي چڙهي سير ڪيا سي، پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿيا سي
اچي ٿيم اظهار، گيت انا الحق ڳايون ٿا، ڳايون ٿا

سامين ڪي آهي سڪ سوائي، ڏينهان راتيون ڪن ڪمائي
بيحد بيشمار، خون جگر جو ڪايون ٿا، ڪايون ٿا

جوڳي ٿي جوڳ جون جيٽا پاتم، بيراڳي ٿي پسمي لاتم
هر جاءِ آهيون نروار، هو ڪو حق هلايون ٿا، هلايون ٿا

ڪرم علي نانگا ننگئون نڪتا، سچ پسي سي سرها ٿيئڙا
ڪهڙي هٽجي هام، اَلاِنسان الايون ٿا، الايون ٿا

## ڪافي روپ آسا

هي سر ساڳي آهي، اوهان سمجهيو ڇا هي

شاهه منصور سولي تي، ڪيئن چڙهيو وجي ڦاهي

بيخوديءَ واري بحر مون. ڏس تون ليئو پائي

محبت جي ميدان ۾، سورهيه وِيندا ڪي ڪاهي

ڪرم علي خام خيال جا، ڇڏ لاڳاپا لاهي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ٽوڙي

اڄ عشق مون گهر آيو ڙي، اندر منجهه سمايو ڙي
ظاهر باطن اندر ساهه سمايو، جيءَ ۾ جادو لايو ڙي
منهن مهتاب سڄڻ جي صورت، لعلڻ ليئڙو پايو ڙي
ونحن اقرب قول ڪيو سي، پرين اڇي سو پاڙيو ڙي
عشق اوهان جي آتش لائي، ننڊ آرام ڦٽايو ڙي
ڪرم علي اصل ڪان آهي اوهان جو، ڍولڻ مون ڳل لايو ڙي

## ڪافي روپ پيروي

ڏٺم رخ ماهه نور انور، زلف خما خم خم بشيهر
اکيون تنهنجو ڪجليون ڪاريون
ڏين جهلڪا جهل جهل جهل
دندان موتي لبين لعلي، ابرو ڪمانان چل چل چل
صفت تنهنجي ڪريان ڪهڙي، پون تا پور پل پل پل
ڪرم علي سان ٿي، محب ملاقي، سڪي دلڙي ول ول ول

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ بروو

اصل اسانجو آهي نينهن جو ناتو
چو تو گذاريون ڏور
اڪيون تنهنجون خوب خماريون، چشمن ڪيو آهي چور
رمز عاشق جي عاشق ڄاڻن، عام ڇا ڄاڻن بي شعور
مُوٺو تي جن مام سڄاتي، ڇڏيائون ڦند فتور
چوي ڪرم علي فقير سر ڏئي، مري تيڻ منصور

## ڪافي روپ آسا

ڪر ڪا ملڻ جي دلبر يار، راتيان ڏينهان تنهجي تار
تنهنجي ملڻ لئي آهيان ماندي، بيوس آهيان مان لاچار
يار وساري وڃي تون وينين، واڳ وطن تي وار
تنهنجي ڏسڻ لئي آهيان ماندي، جر وهايان ڄار
ڪرم علي فقير چوي سڪ مان، گهوٽ اچي گڏ گهار

## ڪافي روپ تــوڙي

ويـنـديـس ور ڪـوهـيـاري ڏي ڪـاهـي، ڪـاهـي
جـنـهـن سـان پـانـڌ اڙيـو مـنـهـنجـو آهـي، آهـي
ٻڌم سندرو سڪ جو ساهي، ڏس ڏنو ڪنهن ڏاهي ڏاهي
چڙهنديس جبل چوٽئين، ليڪ لکيو جو آهي آهي
ويـنـديـس رهـنـديـس ڪـيـن ڪـي، سـڪ ڏنـو آ تـائـي تـائـي
ڪرم علي انهيءَ خيال منجهان، ڇڏيا لاڳاپا لاهي، لاهي

## ڪافي روپ تــوڙي

ويـــنـــديـــس ڪـــيـــچ ڏٽـــي ڏي ڪـــاهـــي
مـــنـــهـــنجـــو نـــيـــنـــهـــن نـــيـــئـــون تـــن آهـــي

ڏيـــرن مـــئـــي ســـان مـــيـــان ڪـــانـــ رهـــائـــي
ويـــا داغ مـــئـــي ڪـــي لائـــي لائـــي

ڏيـــرن مـــئـــي ســـان ڏاڍ جـــو ڪـــيـــڙو
طـــعـــنـــن ڏنـــو آهـــي تـــائـــي تـــائـــي

چـــڙهـــنـــديـــس جـــبـــل چـــوٽ تـــي
ســـنـــدرو ٻـــڌو اتـــم ســـاهـــي ســـاهـــي

ڪـــرم عـــلـــي چـــوي خـــيـــال انـــهـــيءَ ۾
ڇـــڏيـــو ســـر جـــو ســـانـــگـــو لاهـــي لاهـــي



Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ پيروي

عمر ڪر نہ نتر سان ايڏو ظلم زوري
ڏني جا اباڻن، لاهيان ڪيئن سا لوئي

آيس ڪوهہ تي آءُ پاڻي ڀرڻ لئي
ڪٽي آئين تون اٺ تي، ڇوهئون ڇوهہ ڇوهي

اڄي قيد ڪئي تو، بنديائي بي ڏوهي
ادا نہ اللہ جي موٽائج سوئي

سرتيون سارن گهڻو، ڪيئن رهان ويهي
اکير آ انهن جي دلڙي جا موهي

ميان ڪرم علي ملائي، مولا شال سانگي
عمر آئون اباڻا، ساريان روز روئي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ تلنگ

عـمـر ادا مـارن جـا ڪـيـئـي سـور سـامـاڻـا
ڪـيـئـن ڪـيـان ڪـاڏي وجـان، دل ۾ دود دڪـاڻـا

ويـڙهـيـچـا ولـهـر ۾ آهـن، ڏيـهـي ڏوتـي ڏاڏاڻـا
خـوش وسـن سـي شـال سـدائـيـن، مـنـهـنـجـا اباڻـا

ولر ۾ واڙا ٻڪر ٻاٻاڻا، ساهه منهنجي ڪي سيباڻا
ڪـيـئـن ڪـيان ڪاڏي وجان، جيءَ اندر پـيـا جـهـوراڻا

ڪـرم عـلـي ڪـنـدو پـال پـلا، آباد هـونـدا شـل پـاڻـا
ڏيـنـهـن ڏڪـيـا تـي بـنـد ۾ گـهـاريـان، گـهـٽ وهـن تـا گـهـاڻـا

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

خوش وسن سانگي شال، ملڪ مارن جو ٿيو وسيون وسيون

عاجز عمر هت آءُ آهيان، جيڏين ريءَ هت ڪين گذاريان
اهي ناهن دل کان دور، سڪون اتم انهن جون سچيون، سچيون

ڪوٽن ۾ آٽي عمر اڙائي، قسمت قيدن منجهه ڪڙائي
پرت پون تا پور، سورن ٻڌايون اتم پٽيون، پٽيون

روز رويو ٿي راهه نهاريان، ڳوڙها ڳلن تان وينى ڳاڙيان
ڏوٽيئڙا ٿيا ڏور، ڪير پيان وجي وٽيون وٽيون

ڪرڙ ڪنڊا ڪن ڏٽ ڏوئنرا، قوت انهن جا گهاٽا ڏوئنرا
ڪرم علي سڪ ڏنا هي سور، ڏسان وجي شل پٽيون، پٽيون

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ ڪنيات

بارو چل ساڻ وو، پرتئون پيچ پيو هو

ڪيئن ڪيان ڪنهن کي چوان ميان، برهين ڪيو باران
دردن جو دود دکيو هو

وس ڪان آءٌ بيوس جو تيئڙي، سورن جو آهي سامان
اندر ۾ جو مچيو هو

دردن دلڙي آهي جو ماري، برهہ جو باري آهي بار
سر تي سرتيون آڻ انو هو

ڪرم علي ڪڻ قدم تون اڳتي، عشق ڪرائي جاڻ
ورهيہ جو پاتو ويس وڳو هو

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

مـــاروئـــڙن جـــو پـــڙدو رڪـــنـــدو پـــاڻ خـــدا
قـــســـمـــت ڪـــيـــو مـــونـــڪـــي جـــدا

زوري زور ڪـــري آنـــدئـــي هـــت مـــون ڪـــٺـــي
ڪـــدي ڇـــڏ ڪـــوٽـــن مـــان، بـــانـــور ڇـــڏ تـــون بـــنـــدا

آڇ نـــہ عـــمـــر پـــٽ پـــٽـــيـــهـــر، پـــهـــريـــنـــدس ڪـــيـــن مُـــدا
لـــوئـــي ڪـــيـــن لـــڄـــايـــان، مـــارو مـــهـــٽـــا ڏيـــنـــدم ادا

ســانـگـيـئـڙن ڪـي ســاريـان، روز هـنـجـون پـئـي هـاريـان
مـــاروئـــڙڻ ســـاڻ مـــلان، ڪـــيـــن تـــيـــان جـــيـــئـــري جـــدا

دل ۾ پـــلـــپـــل پـــور پـــون، ڏوتـــي نـــہ ڏکـــيـــا ڏيـــنـــهـــن ڏســـن
ڪـــرم عـــلـــي شـــل ويـــڙهـــا وســـن، ســـرهـــا ســـانـــگـــي رهـــن ســـدا

Gul Hayat Institute

# سرائکي کلام

Gul Hayat Institute

# کافي روپ بروھ

جڏان عشق تيا اظھار ميان
کر لا دي ھت ترار ميان

صيفل ملوک دا تصور کيتا، بيوس برھ بھير کيتا
گھمدا سارا سنسار ميان

ھير کيتي ھي رانجھن رُلدا، کر جوڳيان دا، ويس ھي ڦردا
چوڙيس تخت ھزار ميان

ليلان کاڻ مجنون ٽردا، اوکي ڏيک ھڻ مول نہ مڙدا
تيا بران وچ بيزار ميان

کرم علي ھويا عشق دا رايا، سک زليخان دي يوسف آيا
ويچيا مصر بازار ميان

Gul Hayat Institute

# کافي روپ آسا

پجري آدم دي کيوين پکيئڙا
پرتئون پاتئي پير وي
ٻولي ٻليندائين ٻول وي

اربع عناصر دي متي آندء
تنهن دا آڻ کي بوتا بڻائيي
آڻ کرايئي سير وي

کائوندا پيندا موجان ماڻيندا
سهجئون اپڻا پيٹ پريندا
چوڻ چڳئيندا کير وي

رسنا دي وچ آڻ تون ڦاتهين
سمجھ اجان تون نهين کريدئين
آڻ پيون وچ پول وي

چوڻا پاڻي پورا تيسي
پردا پجري دا تنهن دم ڳلسي
اڏ چڙهين آکاس وي

کرم علي جيکو آپ سڄاڻي
ڏسوين ڏواري خيال اڏا وي
کري سن سيکر دا سير وي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ آسا

سمجھہ تون سالڪ سرھئين سارا، مارين نينھن دا نعرا

فَاذْ كُرُونِي اَذْكُرْ كُمْ، سمجھہ تون عشق اشارا

مُوتُو قَبلَ اَنتَ مُوتُوا، ڪر ياد سو قول قرارا

انا احمد بِلا ميمي، ھئين تون نور نظارا

اَلاِنسان سِري وَاَنا سِرّہ، ھي ڪرم علي اعتبارا

## ڪافي روپ سھڻي

گل ھون گلزار ھون، اي سر سارا اسرار بہ مئين ھون

شمس ھون قمر ھون، لوح قلم مختيار بہ مئين ھون

رام ھون رحيم ھون، اول آخر اظھار بہ مئين ھون

شمس الحق، منصور، بلاول، سولي سر ھسوار بہ مئين ھون

دارا ھون سڪندر ھون، مالڪ تخت ھزار بہ مئين ھون

بي چون ھون بي نمون ھون، اي سر سارا اسرار بہ مئين ھون

ڪرم علي موج درياھہ مئين ھون، نور اعليٰ انوار بہ مئين ھون

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ٽوڙي

چئو طرف حسن هبڪار، چٽ پٽ چيٽڪ لايا

ابرو نين ڪمانا ترڪش، جادو جوڙ بچايا

ڏندان موتي لبين دي لائي، عجب روپ پسايا

منهن محراب منور تجلا، چوڏس چمڪ چمڪايا

شعلي ٿولي ڪري ڪي آندي، گهور سجڻ دي گهايا

ڪرم علي ڪريندا عجب نظاري، عشق دا هويا رايا

## ڪافي روپ ٽوڙي

هم عاشق هون اسرار ميان، چايا بيخودي دا بار ميان

پير جو پڙ وچ پايا هي، گيت انا الحق ڳايا هي
سولي قدم وڌايا هي، هويا شور شرر چوڌار ميان

انا الحق دا ماريا نعرا، بار برهه سر چايا بارا
حد بيحد دا تي وڻجارا، نينهن لايا نروار ميان

علم عقل دا هوش گنوايا، راهه عشق وچ پير جو پايا
ڪرم علي تيا سير سجايا، آپ تيا اظهار ميان

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ سارنگ

بيخودي دا باب پڙهيو سون، الث الله سمائي هون
سر فرعون دا ڪيوين ويکو، وچ سموند لوڙهائي هون

آدم بهشت ڪنون ڪڍايم، عذر داڻي دي تڙائي هون
شاهہ منصور ڪون سولي چڙهايا، انا الحق الائي هون

شمس الحق دي کل کلايم، ذکريا ڪرت چيرائي هون
يونس پيٺ مڇي دي پايم، ابراهيم آڙاهہ اڙائي هون

يوسف وچ کوهي سٽايم، سرمد سيس ڪٽائي هون
سوين روحي راز اساڏي، ڪرم علي نام ڏرائي هون

Gul Hayat Institute

# ڪافي ريختہ روپ سورٺ

بـرهـہ تسـاڏي آڪـي اسـان نـون، چـيـٽـڪ لايـا هـي

نيند پڙي نون نينهن رانجهن دي، جودئون آڻ جڳايا هي
عشق ڪي موج امالڪ آئي، چم چشمان تي چايا هي

مر جيـوا ڪو آپ پـڇانـي، صـوفـي صـاف سـجـاتـا هـي
بهتي بهہ گئي ٿوڙي رهہ گئي، ڪال پڪڙ لي جايا هي

ڪئي اولياءَ پير گذر گئي، ڪوئي نہ واپس آيا هي
سوچ سمجهہ لي ڪهان هي جاتا، ڪها سون تون آيا هي

جڳ سارا هي جهوٽ پسارا طلسم ڪي سڀ مايا هي
ستـگـر صـاحـب امـر ڪـيـا هـي پـيـالا پـريـم پـلايـا هـي

ڪرم علي فقير سدا سک ماڻي اٽيوءِ ننگر بسايا هي
روحل صـاحـب ڪـرپـا ڪـيـنـي اگـم مـنـدل درسـايـا هـي

Gul Hayat Institute

# کافي روپ کنيات

سک تساڏي يار، راتيان ڏينهان لگ رهي هي

واڻان تي بيني ڪانگ اڏاوان، روز تساڏي پند پڇاوان
اوسين کھڙي وار، توهه تساڏي تڳ رهي هي

شاهه حسن دا تاب تکيرا، دردان ماري دل کون جهوريا
طلب لڳي تڪرار، مل دليان دا دڳ رهي هي

ستي بيني نون آرام نه آوي، سک تساڏي ساهه سماوي
تن من تکڙي تار، روز ازل کنون اڳ رهي هي

کرم علي هڻ هويا حيراني، سک هي کيتي دل ديواني
بيحد بيشمار، تانگهه طلب رڳ رڳ رهي هي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ ڪنيات

دل لُٽ نيتي دلدار، ننڊ نيڻين دي ڦِٽ ڳئي هي

درد دلبر دي مئينون نيتا، سک آرام اندر دا نيتا
هو رهي هان لاچار، سک سجڻ دي سٽ ڳئي هي

عشق دا هويا الٿا رايا، چاهه وچون چم سر تي چايا
برهه دا باري بار، ماس هڏيان دا پٽ ڳئي هي

نوڪ نينان دا تير لڳوسي، سينا سارا چير ڳيو سي
چشمان دي چمڪار، هوش اسا ڏا لٽ ڳئي هي

ڪرم علي اها نينهن نشاني، مهٽي ملامت سرتي چاوڻ
هر دم رهه هوشيار، برهه دي بازي ڪٽ ڳئي هي

## ڪافي روپ آسا

تخت هزاري دا مالڪ آکي، چاهئون چاڪ سڏائي

شاهي چوڙ گدائي ڪيتي، هير دي خاطر حال وڃائي

روز اول ڪنون تنهن دي تئي هان، نينهن نڪاح پڙهائي

سيالين لڙديان ڪوڙي جهيڙي، رانجهن قسم چوائي

ڪرم علي ٻول ازل دي ٻڌي هان، ڪيڙيان دي منهن چائي



Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

آ مِل رانجهن يار ميان
تئڏي ڪيتي پڇاوان پوتيدار ميان

تخت هزاري ڪنون جوڳي آيا، تنهن ول ڪيها بيک بنايا
هير دي ڪيتي حال وڃايا، بيحد بيشمار ميان

شاهي ڇوڙ گدائي ڪيتئي، خيال ڪيها ول آڻ پيوئي
در در ونجهلي وڄئيندا آيون، ڇوڙڪي تخت هزار ميان

پار درياهون مجهيان جو چاري، هير دي خاطر گهڙيان گهاري
ڪپڙي ليڙ ڪتير ٿئي ساري، لايا نينهن نسنگ نروار ميان

ڪرم علي آهِي تنهن دي ٿئي هان، پُڪي رانجهن دي آڻ جو پئي هان
نال رانجهن دي هڪ جو ٿئي هان، بئي دي نهين درڪار ميان

Gul Hayat Institute

# کافي روپ کنیات

کڏان ملسین رانجھن ساڏي نال
سک اسان نون لڳ رهي هي وو

کنهن سیاڳي سڏ سڻایا، جان جاڳي تان رانجھن آیا
سهج کنون چا ڳل هي لایا، یاڳ پلایا پال
نیهن اسا ڏا لڳ رهیا هي وو

تخت هزاري دا جوڳي آیا، سوز اسا ڏي ساه سمایا
گهور نینان دي دل کون گهایا، برھ کیتا بیحال
پریت اسان نون لڳ رهي هي وو

رلمل سیالین کرن بکیڙي، لڳڙي محبت کون نکیڙي
ٻن کیڙیان دي جهڳڙي جهیڙي، سڻ قالو بلیٰ دي قیل مقال
تار تنهین دي لڳ رهي هي وو

جنهن دي آهي سو شهہ پایا، کرم علي کلیا هي بخت سوایا
کیڙیان دا ٿیا منهن کالا، روح رلیا هي رانجھن نال
پریت اساڏي لڳ رهي هي وو

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ آسا

شاهہ رانجهن بين وڄائي، سانون آکي رمز رلائي
ويس شاهانا پار کر آيا، چاهئون چاڪ سڏائي
رنگپور دا ڪيتس رايا، چٽ پٽ چيٽڪ لائي
طعني مهٽي سر تي چائي، عشق ملامت آئي
راڄ سيالين دا، مول نہ ياوي، ويندا منجهيان چرائي
ڪرم علي ڪيڙيان ڏي مول نہ ويسان، جوڳي قسم چوائي

## ڪافي روپ جوڳ آسا

آکي اسان نون سئيان، رانجهن رمز رلائي
تخت هزاري دا جوڳي آکي، ڪيهي بين وڄائي
مئين تہ نال تنهن دي جاليسان، سر تي خواري چائي
راڄ سيالين دا مول نہ ياوي، چاڪ هي چيٽڪ لائي
ڪرم علي مئين ماهي دي ٿيسان، ڪيڙيان دي منهن چائي

Gul Hayat Institute

# کافي روپ جوگ

تئڏي حسن نيتا مئنون مار ميان
سر عاشقان برهه بهار ميان

نينان ناز پرئي خيمي کوڙ کڙي
لڙڻ کاڻ جوڏي جنگ جوڙ کڙي
چڙهي فوج حسن چوڌار ميان

آبرو کمانان خنجر ميگان
ديدان دونالیان سيني لنگهه کڙيان
تکيان تير تبر تلوار ميان

رمزان مار گهتن بي دستور ميان
دل چير کرن چکچور ميان
ويکڻ نال کريندیان وار ميان

کرم علي فقير لاچار هويا
هڻ تنهن دا کهڙا علاج هويا
جنهن دا دارون دوا ديدار ميان

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ، سهڻي

تـئـي هـان يـار رانـجـهـن ڪـنـون ڌار مـيـان
هـويـا غـمـان دي نـال گـذران مـيـان

طعني تهمتان سر تي چايم، هڪو هڪ دي ڪاڻ ميان
ڪيڙا مري مئڏا هنيانءُ نري، پٽيندي هان زارو زار ميان

سور سختيان سيئي سهسان، يار رانجهن دي ڪاڻ ميان
رات انڌاري تر تر ويسان، لنگهہ لانگهي واهڙ پار ميان

رانجهن آکي بين وڄائي، مئين سٽي ڪنان دي نال ميان
سڪ ساري هي سرت ڀُلائي، وسريا ڪُل ڪم ڪار ميان

ڪرم علي ٻول ازل دي ٻڌي هان، مَلڪ ڏيون اوگاهہ ميان
اسان رانجهن هڪ ٿيا سي، اصل هويا اقرار ميان

Gul Hayat Institute

# هندي کلام

## صوفي کرم علي فقير (اول)

Gul Hayat Institute

# سبڌ روپ ڪليان

سانورئي من موهہ ليا، سک آرام گيا

ٻاهر ڀهان تہ ڀهڻ نہ آوي، اندر ڀهان تہ برهہ ستاوي
ڪيسا ڪامڻ ڪر ليا

دردان آڪي دود دکايا، سک آرام ننڊ وڃايا
ايک نظر سانون ڏرا ديا

چيتط تيرا آڪي اسانون
برهہ ادا باب پڙهاءِ ديا

عرض سنو ايک صاحب ميرا، ڪرم علي هي اصلي تيرا
درشن اپنا دکاءِ ديا

Gul Hayat Institute

# سيڊ روپ ڪلياڻ

سڪ سڄڻ ڪي ميرا من موهه ليا
موهه ليا ڪيسا ڪامڻ ڪر ديا

جادو تيرا اندر ۾ لڳا هي
پيچ پريت ڪا ڦندا پڙا هي
آءِ ڪي اسان نو سلاءِ ديا

لڳڙي محبت ڪون نڪيڙي ري
روز روز درد گهٽيري ري
نيڻين نير بهاءِ ديا

اوچتي آءِ ڪي ڏنگ لڳايا ري
جان جاڳي تان پريتم آيا ري
سهج ڪنون چا ڳل لڳاءِ ديا

ڪام ڪروڌ موهه لوپ گيا ري
سيل سنتوک ديا پئي ري
چيتين سانون ڪراءِ ديا

ڪرم علي اهين سون سمايا ري
جنهن دي آهس سو شهه پايا ري
برهه اسان نون بتاءِ ديا

Gul Hayat Institute

# سيڊ روپ واڻي

اي سنسار موهه جنجالا ري ساڌو
جس کي ڪوئي سنت ڪري ويچارا

مانڪو جنم تم لي آيا، ڪر لي وڻج واپارا
پيڇي تو گهٽو پڇتاوسي، ٽيسي هو هٿ تاڙا

ايسو جنم لي آيو سمجهي ناهين گيوارا
ايڪ ڏن ڪال لي جاسي، آخر چلٽي هارا

راءُ رنڪ سيي هين چل گئي، آيا تارا وارا
اڪ دن تو يي چل جاوسي، آخر چلٽي هارا

اي جڳ جهڙ بادل کي ڇايا، آخر بکرڻ هارا
ڪال تيري سراٽي ٻهسي، ڪر پڙسي اهارا

ڪهت ڪرم علي تيرو داو بنيو هي، ڪرلي هر ڪا پسارا
بار بار ڪرون مئين وينتي بار بار ڪرون پڪارا

Gul Hayat Institute

# واٽي روپ جوڳ

ساڌو پائي چار ۾ ست سمايا
جيڪو آوي مطلب پاوي سچي دل سون ڌايا

صوفي صاف پرچو پايو چوڏس چار اڏايا
چوڪوٽ هي نام سمرو رڏي گڻ خوب گايا

آلي لالي چار ايي وچ، مئين ڌجا نهرايا
ميگدي تي چار ايي وچ ڏيرا اڌر ٺهايا

آڌ جڳاد سون تيسي ميلو ايي هو آئي لڳايا
رام رام وچن سڻيا ڪال نہ نيڙي آيا

روحل صاحب ڪرپا ڪيني امر نام سنايا
ڪرم علي هويا پرگهٽ هم هون آپو آپ اٽڪايا

Gul Hayat Institute

# صوفي ميان فيض علي فقير (اول)
# جو ڪلام

Gul Hayat Institute

# بيت سنڌي

سسئي کي سک پنهونءَ جي، هو گهڻو سعيو
آڌيءَ رات جو پنهون ڇڏي سسئي سڌايو
رات وهامي ڏينهن ٿيو، فيض علي سسئي موڪلايو
منهنجو پنهون نه آيو، ڏينديس باهه پنيور کي

ڏينديس باهه پنيور کي، کيچ ڏي ڪاهينداس
ڏک ڏاکڙا ڏونگر جا، سر مٿي ساهينداس
فيض علي جي فضل سان، کيچ وڃي ڏسنداس
سوتر تانگهينداس، جنهن سان ساهه سڌير ٿئي

طالب ڪر تقويٰ، تنهنجو وحدت منجهه وصال
جتي رات نه ڏينهن ڪو، نا ڪا قيل مقال
فيض علي جي فضل سان نيهي ٿيا نهال
جي برهه ڪيا برحال، سي لاهوتي لعل ٿيا

ستگر سندي سک جا ٿا دونهان دل دکن
اچي اونهي عشق پيا، ڪنهن سان ڪين ڪچن
صورت جا ستگر جي منجهئي منجهه پسن
فيض علي اهي پهتا ساڃ پرن، موتو ئي محيط ٿيا

Gul Hayat Institute

# بيت سرائڪي

الف الله سدا عين نور هي، هر دم خيال تنهين وچ حضور هي
ميم محمدﷺ لولاڪ لما افلاڪ اتي هويا پنجتن پاڪ نال پيار هي
فيض علي نال سچائي ديدار هي، اي سر سارا اسرار هي

بره اوقات آيا سر ساڏي ڪيتا عشق پسارا
چٽنگا جهڙ لڳيان وچ چولي يڙڪا ٿيا سارا مار ڪي نعرا
شاه حسن حسين دي ويڙه نيتا، وره وسايا سارا
فيض علي دي سر ڪيتا اِتان اُتان نظارا هويا سارا

بره براد ملي اسان نون، مُوَ ٿُوَا قبل ٿيا سي
عين علي دي ڪيتا نروار، نڪو ڏوجها هند سليا سي
فيض علي دي ڪيتا اظهار، ناه وچ ناه هيا سي

عشق ٿيا ايمان تن اندر، وسري دنيا ساري
راه هادي دي راه ٻاجهون ٻيان راهين سڀ گمراهي
ڏيون راز محبت مهردا ته اِتان اتان بادشاهي
روز اول دي هادي حسن سانون، رمز رلائي ٿئي واڏائي
فيض علي دي سر تي عشق امانت آئي سائي پلئه پائي

Gul Hayat Institute

# منقبت

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کا مئين شان سنا هي
شان سنا هي مئين بيان سنا هي

مجھ پر عشق امداد کيا، صدقہ حسن حسين سچي صاحب کا
مجھ کو وحدت ۾ مدا هي

بيبي سائڻ فاطمہ اطهر، ميرا دم شاد کيا هي
امام علي مشکل کشا، ميرا سينا صاف کيا هي

امام زين العابدين مجھ پر عنايات کيا هي
امام محمد باقر و امام جعفر صادق پر جام ديا هي

امام موسيٰ کاظم و امام علي رضا مجھ پر احسان کيا هي
امام محمد تقي و امام علي نقي محکم راه ديا هي

امام حسن عسکري و امام محمد مهدي ميرا روشن ضمير کيا هي
فيض علي تيري درگاه کا دائم، غلام هو رها هي

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

مارو چام امير هٿ ڪيئن گهاريان
ويڙهيچا ڪين وساريان

مارُوئڙا ويا ماڳ مٿائي، هاڻ منهنجو هٿ پينر چاهي
جيڏيون انهن لئي هنجون ٿي هاريان

پنهنوارن تي آ پرور راضي، ڳالهيون ڳڻ تن جا ڳايان
پرت انهن جي پل نہ وساريان

مارن ريءَ دم نہ جاليان، ٻاڻن جا پئي سڪڙا ساريان
سانگيئڙا ڪين وساريان

دولهہ درياهہ جي لهر وهي ٿي، هادي حسن جي رمز رهيٽي
پلپل تن جا ڳڻ پئي ڳايان

فيض علي جو سدا مون آهي، ساقي ڏنو آ جام جڳائي
ملڪ مارن جو ويٺي ساريان

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ جوڳ

مارو منهنجا مير، ڳڻ ڳالهيون ويٺي ڳايان
سور تنين جا ويٺي ساريان

ملڪ ملهير مارن جو آهي، موليٰ تن سان ميلو ڪرائي
ڪنڌڙيءَ جا تون پير، پل پل توڪي ويٺي پڪاريان

سانگي ويئڙا سانگ چتائي، والي تن جي واڳ ورائي
سچي رڪجاڻ سير، نت نت ويٺي واٽ نهاريان

مارن سان رب ڪندو ميلو، ملڪ مارن جو سدا اربيلو
دلڙي آ دلگير، جيءَ ۾ جن جا سير پئي ساريان

روحل سائين رنگ رچايو، هادي حسن شاهه پيالو پياريو
فيض علي ٿيو فقير، پاڳ پلا تي پنهنجا پائيان

Gul Hayat Institute

# ڪافي روپ

محبت موج ڪندڙي هي، پريم عشق دي ڳنڍڙي هي
سر منڊلي هي

محبت ڪا جو ٻيڙا هي، وحدت دل درياهہ هي
برهہ دل جان گهيري هي

سچ سو جو صاحب هي، هادي، دل اندر سمايل هي
سو رهبر هي

ستگرو دي هي مهر پلائي، وچ تنهائي رمز رلائي
گر ڪي فوج قراري هي

دولهہ دريا خان، هادي شاهہ حسن، دائم هي
فيض علي ڪا سماوڻ نينهن نياوڻ هي

Gul Hayat Institute

## ڪافي روپ جوڳ

الا مونکي مھٽا ڏيندي ماءُ، ڙي آيل ماءُ
ڪيچ وٽن ڏي ڪون ڪاھيان

سُڌ نہ ھيم سور جي، پارڻ پاري ويا
ڏونگر جي تہ ڏکن ڪان، پيڻ ھلي نہ ياءُ

ڏيرن جي ڏمر جو پيڙم ڪونہ سماءُ
ور وساري ڪيئن ويھان، آٽي شال الله

دولھہ دريا خان ۽ ھادي حسن شاھہ
فيض علي جي روح ۾، آرياڻي ارواح

Gul Hayat Institute

# ڪلام صوفي دريا خان فقير دوئم

## ڪافي روپ جوڳ

صوفيان دي دربار هڻ ڏني مئين جهوڪ والي دربار

ويکهو شاه عنايت صوفي صاحب، نور پريا نروار
هڻ ڏني مئين مرشد دي دربار

روضا جنهن دا رنگ رنگيلا، نيلان دي چمڪار
هڻ ڏني مئين مرشد دي دربار

شاه قلندر ڪلنگي والا، قرب پريا ڪلتار
هڻ ڏني مئين مرشد دي دربار

چؤکنڊي وهوا جهرمر لائي، جتان ٻهندا سائين عبدالستار
هڻ ڏني مئين مرشد دي دربار

جت قرب ڪچهري هر دم قائم، وحدت دا واپار
هڻ ڏني مئين مرشد دي دربار

فيض علي دي فيض جو ڪيتا دريا خان تيا باغ بهار
هڻ ڏني مئين مرشد دي دربار

Gul Hayat Institute

# ڪلام صوفي امداد علي فقير

اتم اميدون هزار، منهنجو مسافر يار
محب متو منتار، اديون هت ايندو

سهج منجهان ٿي سيج سينگاريان، ٿي بلهاري اگڻ بهاريان
سرس ڪري سينگار، هوت ڪري هڪار
جوڙ وڏي جنسار، اديون هت ايندو

واعدا ٿيا جي وصال جا ويهي، ايندو اسان وٽ پريتم پيهي
قرب جا قول قرار، ولها ڪين وسار
لاهي لوڪ ميار، اديون هت ايندو

آهيان عجيبا تو آڌار، ويل نہ وجهہ ڪا وٺي تون وار
گهوٽ اچي گڏ گهار، سڪ اتم سرڪار
طلب اتم تڪرار، اديون هت ايندو

تون ئي منهنجي ساهہ جو سائين، منهنجي هنئين جو هار تون آهين
پرين ڏي پنهنجو پيار، سانول لهندو سار
دوست نہ ٿيندو ڏار، اديون هت ايندو

امداد علي آهي اوهان جو، سائل هر دم در اوهان جو
سانول سرت سنيار، قرب ڪري ڪلتار
مالڪ ڪل مختيار، اديون هت ايندو

Gul Hayat Institute

# کنڊڙي جي گلتارن
# جي تڪين تي ميلاءَ ڏهاڙا هن ريت ملهايا وڃن ٿا
# صوفي ميان ڪرم علي فقير جا ڏهاڙا

ڪنڊڙي شريف ۾ هر سال عرس ملهايو ويندو آهي

قلعه ڏيراور احمد پور شرقيا

شيواداري سومار رام پيارا رام، ٻڌو رام، مالو رام ، پنهون رام ۽ سڄي فقراءَ

وستي امير دين فيروزه شيواداري گهلو رام

## صوفي دريا خان فقير (دوئم) جا ڏهاڙاءَ مختصر طالب

ڪنڊڙي شريف ۾ هر سال عرس ملهايو ويندو آهي

حافظ آباد ڪالوني ڏهرڪي شيوادري ڪرشن رام

صوفي فيض علي فقير دوئم صوفي محمد مراد فقير صوفي غلام نبي فقير

سائين جن جا به ڏهاڙا ملهايا ويندا آهن

## صوفي فيض علي فقير (دوئم) جا ڏهاڙاءَ مختصر طالب

قلعه ڏيراور احمد پور شرقيا

شيواداري سومار رام پيارا رام، ٻڌو رام، مالو رام، پنهون رام ۽ سڄي فقراءَ

چڪ 146 لياقتپور شيواداري محمد ابراهيم شيخ

ڳوٺ ڪيهر خان ڏهر ڏهرڪي شيواداري ٺارو رام

صوفي روشن علي فقير، صوفي علي گل فقير، صوفي علي ڏنو فقير

چوڪا رام، هوتو رام، ٺارو رام، فقيرا ڀڳت، آڏو ڀڳت، ڪيسو رام بختا رام

چڪ 121 ۽ ٻئي سڀ فقراءُ

Gul Hayat Institute

# ڪندري وارن جو فيض

ڪندڙيءَ جي ڪلتارن صرف پنهنجي گهر ۾ تر ڪي واسي گلزار نہ ڪيا پر سنڌ هند بلڪ يورپ تائين جاري ۽ ساري آهي. مريدن مان ڪيترائي شش اونچي پدوي کي پهتا جن جا پنهنجا چيلا تڪيا ۽ ميلا قائم ٿيا.

انهن ۾ سڀ کان اهم ڏهرڪيءَ وارو پائي پوڄا رام ٿيو جيڪو صوفي دريا خان سائين اول جو شش هو جنهن وٽان S.S.D جو سچو سلسلو جاري ٿيو جنهن جو موجوده گادي سر ساڌرام آهي.

روهڙيءَ جو پارو شاهہ صوفي محمد حسن سائين جو ٻالڪو هو هينيان فقير ڪندڙيءَ جي ذيلي شاخن ۾ ڳڻجن ٿا.

فيروزه منگلا رام ساڌ صوفي ميان ڪرم علي فقير جو پيارو شش هو جيڪو سائين جن کي خانپور ڪٺوهرا ريلوي اسٽيشن کان اٺ تي ڪٽي بهاولپور تائين چولستان جو سفر ڪرائيندو هو

ڀڳت السا رام صوفي ميان ڪرم علي فقير جو پيارو شش هو جيڪو ڪندڙي ۾ سائين جا اٺ چاريندو هو ان جا ٻہ مختلف هندن تي ڏهاڙا ملهايا وڃن ٿا.

| | | |
|---|---|---|
| ڀڳت السا رام | پاٽويون ڳوٺ اسحاق انڙ | شيوا داري هوت مل |
| ڀڳت السا رام | دلور موري ڳوٺ ولي محمد ڪلوئي | شيوا داري رجهو مل |
| ڀڳت السا رام | ٽنڊو آدم گلشن جميل ڪالوني | شيوا داري ڏيارم مل |
| ڀڳت السا رام | ڳوٺ قولي راڄڙ ڪندياري موڙ | شيوا داري ڦينسرو مل |
| ڀڳت السا رام | ميرپور ماٿيلو سنت ملنگ بابا دربار | شيوا داري شيرو مل |
| ڀڳت السا رام | ميرپور ماٿيلو ڳوٺ ڪلهوڙا | شيوا داري بصرو مل |
| ڀڳت السا رام | رحيم يار خان | شيوا داري بيرم ساد |

ڀڳت ٻبهو تا ساد جالو ساد جن جا ڏهاڙا ڪڏڙو شهر ضلع سانگهڙ ۾ ملهايا وڃن ٿا. شيوا داري چوڪو مل هوتو مل

ڏرمو ساد ميرپور روڊ سانگهڙ نزد گڙنگ بنگلا　　　شيوا داري پونمو مل

اميندو ڀڳت ميرپور خاص

# (شڪريو ادائي)

سچ پڇيو تہ ڏاڍي خوشي محسوس ڪيم جو فقير سائين جي محنتن جو هي ثمر ۽ شاعري جو فڪري ۽ فقيري پورهيو گڏ ڪري ڪتاب جي شڪل ڏيڻ جي مون ناچيز کي سعادت حاصل ٿي. جيڪو هڪ اولاد جي حيثيت سان فرض سمجهي نڀايم.

فقير سائين جي شاعري جيڪا ورقن ۾ پوشيده هئي. ان کي ڪتاب "ڪنڊڙي رنگ" جو لباس پهرائڻ ۾ پهريون تجربو هئڻ ڪري ڪافي دشواريون پيش آيون. پر فقير سائين سان بي انتها پيار ۽ محبت هئڻ ڪري هن محنت جي سفر کي آئون خوشين جو سفر سمجهان ٿو.

يقينن هن هيڏي وڏي محنت جي سفر ۾ دوستن ۽ يائرن جون رهنمايون بہ شامل حال رهيون ڇو جو ڪوبہ ڪم يا پورهيودوستن جي تعاون بغير تڪميل تائين نٿو پهچي سگهي. آءُ اسان جي پياري محسن ماروٺ فقير امانت علي جن جو بي حد ٿورائتو آهيان. جنهن هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ ابتدائي ڪوششون ڪيون ۽ تڪميل جي لاءِ ترغيب ۽ همٿ ڏني ۽ آئون صوفي روحل فقير صاحب جي خاندان ۽ سنگت سات ۽ عقيدتمندن کي بہ واڌايون پيش ڪندس ۽ شڪريو اداڪندس جيڪي مختلف انداز ۾ هن ڪتاب جي ڪاميابي تائين تعاون ۾ رهيا جڏهن تہ آءٌ صوفي اديب ۽ ليکڪ صوفي جلال فقير ٽالپر، (خادم جلالي) صاحب جا تمام گهڻا ٿورا مڃيندس جنهن فقير سائين جن جي هن ڪتاب جو نہ رڳو مهاڳ لکيو ۽ صوفي ميان ڪرم فقير جي قديمي ڪتابن جي پڙهائي ۽ نئين سر لڪائي ڪان وٺي ڪتاب جي ڇپائي تائين اسان جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو.

آءُ هنن صاحبان لاءِ دعاگو رهندس جن ڪتاب ڪنڊڙي رنگ جي هن مواد گڏ ڪرڻ ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀايو.

**صوفي دريا خان فقير**
درگاهہ ڪنڊڙي شريف

Gul Hayat Institute

عاشق ذاتي عشق ۾، مسيت وجود جوڙين
ڪعبو قبلو ڪاپڙي، جيءَ اندر جوڙين
اِنا اعطينڪ الڪوثر، خيال تنهين ۾ ڪوڙين
ڏيل اندر ڏورين، ڪٽي قلب اندر ڪرم علي چوي

(صوفي ميان ڪرم فقير زنگيجو)




Gul Hayat Institute